ماهوار

# پيغامُ

ڪراچي

نومبر 2022ع

- ☆ سيد شيخ عبدالقادر جيلاني رح اسلامي دنيا جو عظيم رهنما
- ☆ وقت جي اهميت
- ☆ 2030 جي پائيدار ترقي لاءِ عالمي ايجنڊا
- ☆ ميان جيَ ڳوٺ ۾ مٽيءَ جي ٿانوَن جو ڪم، ڪاريگر ۽ آويون
- ☆ سيد ميران محمد شاهه
- ☆ حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي
- ☆ دنيا جي امير ترين شخص ايلون مسڪ جو سفر...



حضرت غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رح جي زندگي مبارڪ ۽ سنڌن ملفوظات



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاھ وزير اعليٰ هائوس ۾
اي ڊي پي اسڪيمن تي نظرثانيءَ بابت اجلاس جي صدارت ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاھ ڪارساز ڪراچيءَ ۾ 18 آڪٽوبر 2007ع جي شهيدن جي ياد ۾
ميڊيا سان ڳالهائيندي. ان موقعي تي صوبائي وزير سعيد غني، اطلاعات کاتي جو وزير شرجيل انعام ميمڻ،
ايڊمنسٽريٽر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ۽ خصوصي صلاحڪار وقار مهدي پڻ موجود آهن.

ماهوار پيغام ڪراچي

جلد 26، شمارو 11، نومبر 2022ع

نگران اعليٰ
**شرجيل انعام ميمڻ**
صوبائي وزير اطلاعات، حڪومت سنڌ

نگران
**عبدالرشيد سولنگي**
سيڪريٽري اطلاعات، حڪومت سنڌ
........
**غلام ثقلين**
ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز
اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ

چيف ايڊيٽر
**منصور احمد راجپوت**
ڊائريڪٽر پبليڪيشن

ايڊيٽر
**علاب علي ڏيٽو**
انفارميشن آفيسر

اسسٽنٽ ايڊيٽر
**ثناءُ الله سومرو**

لي آئوٽ ڊزائين
**نزاڪت علي ڪوڪر**

رابطي لاءِ
ڊائريڪٽر پبليڪيشن اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ
بلاڪ 95، سنڌ سيڪريٽريٽ 4B ڪراچي 74200
فون: 02199202610
publication.sid@gmail.com

# فهرست

| | | |
|---|---|---|
| غوث اعظم حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ جي ياد ۾ | ايڊيٽوريل | 02 |
| سيد شيخ عبدالقادر جيلاني رحمت الله عليه اسلامي دنيا جو عظيم رهنما | طارق احمد | 03 |
| حضرت غوث پاڪ رح جي زندگي مبارڪ ۽ سندن ملفوظات | رياض حسين مسڻ | 05 |
| پيران پير حضرت سيد عبدالقادر شاهہ جيلاني رح جي عظمت | فرحان تنيو | 09 |
| حضرت غوث اعظم رح تاريخ جي عظيم شخصيت | نعمت الله سومرو | 11 |
| واهہ ٽر تنهنجي قسمت، ڪيڪڙن جي جاءِ تي جهاز هلڻ لڳا | شير محمد ملڪاڻي | 14 |
| وقت جي اهميت | شبير احمد مغيري | 16 |
| 2030 جي پائيدار ترقي لاءِ عالمي ايجنڊا | اسحاق احمد سومرو | 18 |
| سنڌ جي آبپاشي سرشتي جي تاريخ | سنڌيڪار: نزاڪت علي | 20 |
| سنڌ: برطانوي راڄ ۾ سنڌي هارين جي حقن لاءِ ڳڙ ڳوت | سليم انور عباسي | 25 |
| ”ميان جي ڳوٺ“ ۾ مٽيءَ جي ٿانون جو ڪم، ڪاريگر ۽ آڙيون | علي محمد سومرو | 33 |
| وراثت جي حوالي سان اسلام ۾ عورتن جو مقام | نور افشان | 36 |
| شاعر مشرق ۽ مصور پاڪستان علامہ ڊاڪٽر محمد اقبال | محمود خان | 40 |
| سيد ميران محمد شاهہ | هدايت الله سومرو | 42 |
| حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي | مرزا ڪاظم رضا بيگ | 53 |
| دنيا جي امير ترين شخص ايلون مسڪ جو سفر... | الهہ بخش رانوڙ | 58 |

**ڇپائيندڙ: اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ**
**ڇاپيندڙ: افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي**
فلور 9، آفيس نمبر 924، ٽريڊ ٽاور، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي. **021-35210405**

## ايـڊيـٽوريـل

# غوث اعظم حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ جي ياد ۾

انساني تاريخ اهڙين ڪيترين ئي عظيم شخصيتن جي مثالن سان ڀرپور آهي جن پنهنجي بينظير ڪارنامن، سيرت ۽ ڪردار جي پاڪائي ۽ نيڪ ناميءَ سبب نہ رڳو پنهنجي دور ۾ عزت ۽ ناموس ماڻيو پر بعد ۾ پڻ ماڻهن جي دلين ۾ ڏيئن وانگر سمايل رهيا. اهڙين عظيم شخصيتن ۾ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني جو نالو خاص طور سرفهرست آهي. سندن نالو عبدالقادر، ڪنيت ابو محمد ۽ لقب محي الدين هو. سندن والد سڳوري جو نالو سيد ابو صالح موسيٰ ۽ والده جو نالو ام الخير فاطمہ هو. سندن نسبي سلسلو والد سڳوري جي طرف کان يارنهن واسطن ۽ والده سڳوريءَ جي طرف کان چوڏهن واسطن سان اميرالمومنين حضرت سيدنا علي رضہ سان وڃي ملي ٿو.

حضرت غوث اعظم رح جي ولادت جي تاريخ (اڪثر روايتن مطابق) پهرين رمضان المبارڪ 471ھ آهي. پاڻ ايران جي شهر گيلان يا جيلان ۾ پيدا ٿيا. بغداد ۾ پاڻ جن عالمن ۽ بزرگن کان پڙهيا انهن جا نالا هي آهن: ابوالوفاء علي بن عقيل، ابوالخطاب محفوظ الڪلوواني، ابوالحسن محمد بن قاضي، ابي يعلي، محمد بن حسين بن محمد مفراء، قاضي ابو سعيد مبارڪ بن علي مخرمي، ابو غالب محمد بن الحسن الباقلاني، ابو سعد محمد بن عبدالڪريم، ابوالغنائم محمد بن علي بن ميمون الرسي، ابوبڪر احمد بن مظفر، ابو محمد جعفر بن احمد، القادري السراج، ابوالقاسم علي بن احمد الڪرخي، ابو عثمان اسماعيل بن محمد الاصيهاني، ابو طالب عبدالقادر بن محمد بن عبدالقادر بن محمد يوسف، ابو نصر محمد ابو غالب احمد، ابو عبدالله يحيٰ، ابناءَ الامام ابي علي الحسن بن البنا، ابولعز محمد بن مختار الهاشمي، ابوالحسين المبارڪ المعروف يابن الطيوري، ابو منصور عبدالرحمان القزاز، ابوالبرڪات طلمتہ العاقولي ۽ علامہ ابوذڪريا يحيٰ بن علي التبريزي رحمهم الله تعاليٰ. ظاهري علمن حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ باطني علمن طرف متوجهہ ٿيا. ان سلسلي ۾ 25 سال مجاهدن ۽ رياضتن ۾ گذاريائون. پوءِ حضرت قاضي ابو سعيد مبارڪ مخرمي جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ بيعت ڪري سندن حلقہ ارادت ۾ شامل ٿيا. حضرت قاضي ابو سعيد مبارڪ مخرمي جڏهن سيدنا غوث اعظم کان بيعت وٺي چڪا تڏهن کين پنهنجي هٿن سان ماني کارايائون. حضرت غوث اعظم فرمائن ٿا تہ منهنجا شيخ طريقت جيڪو گرهہ منهنجي وات ۾ وجهن پيا تہ اهو منهنجي سيني ۾ معرفت جو نور پري چڏي پيو. حضرت شيخ ابو سعيد مبارڪ حضرت غوث اعظم کي ولايت جو خرقو پارايوءِ فرمايو "اي عبدالقادر! هيءُ خرقو جناب سرور ڪائنات رسول مقبول صلي الله عليہ وسلم جن حضرت علي ڪرم الله وجہ کي عطا فرمايو هو. انهن حضرت خواجہ حسن بصري کي عطا فرمايوءِ انهن کان هٿون هٿ مون تائين پهتو."

حضرت غوث اعظم رح جو سماج سڌارڪ ڪردار تاريخ جو هڪ روشن باب آهي. حضرت غوث اعظم رح جن ظاهري ۽ باطني علم مڪمل ڪري ورتا تہ پوءِ پاڻ اسلامي دنيا جي سياسي ۽ سماجي حالتن جو غور سان جائزو ورتو. هي اهو زمانو هو جو اسلامي دنيا مختلف قسمن جي فتنن جي ور چڙهي چڪي هئي. خلق قرآن، باطنيت ۽ رفض جون تحريڪون مسلمانن جي ايمان لاءِ خطرو بڻيل هيون. اسلام جي مرڪز بغداد ۾ فسق ۽ فجور ۽ منافقت وڌي رهي هئي. سلجوقي پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا، جنهن بادشاهہ جي طاقت وڌي ويندي هئي ان جو نالو جمعي جي خطبي ۾ بغداد جي مسجدين ۾ ورتو ويندو هو. حضرت غوث اعظم رح اهڙين حالتن ۾ حق ۽ سچائيءَ جو آواز بلند ڪيو ۽ ماڻهن کي سڌاري ۽ هدايت جو رستو ڏيکاريو.

سندن مجلسن ۾ موجود ماڻهن جو تعداد ڪڏهن ڪڏهن تہ ستر هزارن کان بہ وڌي ويندو هو. جنهن ۾ نہ رڳو عوام پر اڪابر، مشائخ ۽ عالم بہ شامل هوندا هئا. عام طور پاڻ هفتي ۾ ٽي ڀيرا واعظ فرمائيندا هئا. اهو سلسلو سندن وصال تائين جاري رهيو. سندن هدايت ۽ رهنمائيءَ سان ڪروڙين انساني دليون روشن ٿيون. حضرت غوث الاعظم رحہ وعظ ۽ نصيحت سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو مشغلو پڻ اختيار ڪيو. سندن تصنيفن ۾ هيٺيان ڪتاب شامل آهن: غنيت الطالبين، الفتح الرباني والفيض الرحماني، الفيوضات الربانيہ في الاوراد القادريہ، فتوح الغيب، بشائر الخيرات، تحفت المتقين والسبيل العارفين، حزب الرجاء والانتهاء، الرسالت الغوثيہ، يواقيت الحڪم، معراج اللطيف المعاني، جلاءُ الخاطر في الباطن والظاهر، آداب السلوڪ والتوسل الي منازل (ملڪ الملوڪ)، ديوان الاشعار، ملفوظات القادريہ، ملفوظات الغيلاني. پاڻ 10 ربيع الاول 561 ھ مطابق 11 اپريل 1144ع ۾ وصال فرمايو. اسان کي کپي تہ هن دنيا ۾ امن ۽ اطمينان سان زندگي گذارڻ خاطر پنهنجي بزرگن جي وسريل پيغام کي ياد ڪريون ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.

# سيد شيخ عبدالقادر جيلاني رحمت الله عليه

## اسلامي دنيا جو عظيم رهنما

طارق احمد



روضو مبارڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ

اسلام جي نور جا ڪرڻا جڏهن پنهنجي پوري آب تاب سان دنيا کي منور ڪري رهيا هئا ان دور ۾ عرب جي سرزمين تي هڪ عظيم ٻار جنم ورتو جيڪو اڳتي هلي پيران پير دستگير، غوث الاعظم سيد عبدالقادر جيلاني رحہ جي اسم مبارڪ سان مشهور ٿيو. سندن نالو مبارڪ عبدالقادر، ڪنيت "ابو محمد" ۽ لقب محي الدين، محبوب سبحاني، غوث الثقلين، غوث اعظم، قطب الاقطاب، امام الطائفتين، شيخ الاسلام، الحسني، الحسيني الجيلاني وغيره آهن. حضرت مولانا جامي رحہ فرمائين ٿا تہ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ ثابت النسب سيد آهن. والد جي نسبت سان حسني علوي ۽ والده جي نسبت سان حسيني سيد آهن. سندن والد جو نالو سيد ابو صالح جنگي دوست ۽ سندن والده ماجده جو نالو ام الخير حضرت فاطمہ رحہ آهي، جيڪا نهايت ئي پاڪ ۽ نيڪ خاتون ۽ هڪ مشهور بزرگ حضرت عبدالله صومعي رحہ جي صاحبزادي هئي.

حضرت سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ بحيره خزر جي ڏاکڻين ڪناري سان مليل "گيلان" جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ پهرين رمضان المبارڪ سن 74 هجريء ۾ پيدا ٿيا. سندن پيدائش وقت سندن والد جي عمر سٺ سال هئي.

روايت ۾ اچي ٿو تہ پاڻ جڏهن پيدا ٿيا تہ رمضان شريف ۾ سڄو ڏينهن کير نہ پيئندا هئا. اها ڳالهہ آسپاس مشهور ٿي ويئي تہ سيدن جي گهر ۾ هڪ ٻار ڄائو آهي، جيڪو رمضان ۾ ڏينهن جو کير نٿو پيئي. پاڻ ننڍپڻ ۾ ئي والد جي شفقت کان محروم ٿي ويا ۽ ڪين سندن ناني سندن پرورش ڪئي. پاڻ ٻارن سان گڏ نہ کيڏندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ آئون جڏهن بہ ٻارن سان کيڏڻ جو ارادو ڪندو هئس تہ آواز ٻڌندو هئس تہ اي برڪتن پريا! هيڏانهن اچ. آئون اهو آواز ٻڌي ڊڄي ويندو هئس ۽ ڊوڙي ماءُ جي هنج ۾ لڪي ويندو هئس.

سندن تعليم جي باري ۾ اهو معلوم ٿيو آهي تہ پاڻ ڏهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي شهر جي مڪتب ۾ پڙهڻ ويندا هئا. حضرت ابو عبدالله محمد بن قائد واني جو بيان آهي تہ آئون هڪ ڏينهن جناب شيخ جي خدمت ۾ حاضر هئس تہ ڪنهن شخص سوال ڪيو تہ اوهان پنهنجي امر جو بنياد ڪهڙي شيء تي رکيو آهي؟ پاڻ فرمايائون: سچ تي ۽ فرمايائون

تہ مون ڪڏھن بہ ڪوڙ ناهي ڳالهايو نہ ننڍپڻ ۾ ۽ نہ جوانيءَ ۾.

حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ فرمائين ٿا تہ ننڍپڻ ۾ هڪ دفعي مون کي ڪنهن جهنگل ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو ۽ آئون هڪ ڍڳي جي پنيان عام هاريءَ جيان بيهي هر هلائڻ لڳس تہ اهو ڍڳو مون کي چوڻ لڳو تہ توکي ان ڪم لاءِ پيدا نہ ڪيو ويو آهي. اهي لفظ ٻڌي مون تي اهڙو خوف طاري ٿيو جو آئون ڊوڙندو گهر آيس ۽ گهر جي ڇت تي چڙهي ويس تہ مون حاجين کي عرفات جي ميدان ۾ ڏٺو.

سرڪار غوث اعظم رحہ ظاهري علم مڪمل طور تي حاصل ڪرڻ بعد باطني علمن کي حاصل ڪرڻ جي شروعات ڪئي ۽ مجاهدي ۽ رياضت جي نهايت ئي سخت راهن ۾ قدم رکيو. پاڻ شهر ڇڏي عراق جي ويران وادين ۾ اڪيلو سفر اختيار ڪيائون تہ جيئن ڪين ذهني يڪسوئي حاصل ٿي سگهي. حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ جن جڏهن سمورن علمن تي دسترس حاصل ڪئي ۽ عبادت، رياضت ۽ مجاهدن جي مشقتن ۽ گوشانشينيءَ ۾ جڏهن گهڻو عرصو گذري ويو ۽ نفس جي پوري پاڪائي حاصل ٿي ويئي تہ پاڻ حضرت ابوسعيد مبارڪ مخزومي رحہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ سندن بيعت ڪيائون. حضرت ابوسعيد رحہ جڏهن سيدنا غوث اعظم کان بيعت وٺي چڪا تہ ڪين پنهنجي هٿن سان ڪاڏو ڪارايائون جو سندن سينو معرفت جي نور سان ڀرجي ويو جنهن کان پوءِ حضرت ابو سعيد ڪين خلافت جو خرقو پهرايو ۽ فرمايو: اي عبدالقادر! هي خرقو حضرت سرور ڪونين صلي الله عليہ وسلم جن حضرت علي رضي الله عنہ کي عطا فرمايو. انهن کان حضرت حسن بصري رحہ جن کي مليو ۽ انهن کان هٿو هٿ مون کي مليو ۽ آئون اهو توکي ڏيئي رهيو آهيان.

جڏهن حضرت سيدنا غوث اعظم رحہ ظاهري ۽ باطني علمن کان فارغ ٿيا تہ وعظ ۽ تدريس تي مسند نشين ٿيا. پاڻ فرمائين ٿا تہ مون حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جو ديدار ڪيو. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جن مون کي فرمايو: اي منهنجا پٽڙا! تون وعظ ڇو نٿو ڪرين؟ مون عرض ڪيو: يا رسول الله (صلي الله عليہ وسلم) آئون عجمي آهيان ۽ بغداد جي هنن فصيح عرب عالمن سامهون ڇا ڳالهائيان؟ حضور صلي الله عليہ وسلم جن ست ڀيرا پنهنجو لعاب مبارڪ منهنجي وات ۾ وڌو ۽ فرمايو هاڻي وڃي ماڻهن سامهون وعظ ۽ نصيحت ڪر. ٿوري عرصي ۾ ماڻهن جا ميڙ سندس وعظ جي مجلس ۾ شامل ٿيڻ لڳا. "باب الحليہ" جي مصلي ۾ گنجائش نہ رهي تہ پاڻ پنهنجي ڪرسي شهر کان ٻاهر عيد گاهہ ۾ کڻي ويا جتي ماڻهن جو تعداد ستر هزار کن هوندو هو.

حضرت احمد بن صالح بن شافع رحہ فرمائين ٿا تہ آئون مدرسي نظاميہ ۾ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ جي مجلس ۾ ويٺو هئس. ان مجلس ۾ وقت جا اڪثر ممتاز عالم موجود هئا ۽ سندن گفتگوءَ جو موضوع قضا ۽ قدر هو ايتري ۾ هڪڙو وڏو نانگ ڇت کان سندن پاسي ۾ اچي ڪريو ۽ پوءِ سندن ڳچيءَ سان ويڙهجي ويو. ان صورتحال باوجود پاڻ نہ تہ پنهنجي جڳهہ کان چريا ۽ نہ ئي پنهن جو وعظ روڪيائون. ڪجهہ لمحن بعد اهو نانگ لٿو ۽ زمين تي سندن سامهون بيهي ڪجهہ چوڻ لڳو جيڪو اسان نہ سمجهي سگهياسين پوءِ اهو هليو ويو. ماڻهو موٽي آيا ۽ انهن سندن ّخيريت معلوم ڪئي ۽ پڇيو تہ نانگ اوهان کي ڇا چيو؟ پاڻ فرمايائون تہ نانگ چيو تہ مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي خدا جا دوست ڏٺا آهن پر اوهان جهڙو ثابت قدم نہ ڏٺو آهي. روايت ۾ آيو آهي تہ حضرت غوث اعظم رحہ تمام گهڻو روئندا هئا ۽ دل ۾ خدا جو خوف رکندا هئا، سندن دعائون قبول ٿينديون هيون ۽ سخاوت ۾ سندن ڪو ثاني نہ هو. سنن اخلاقن جا مالڪ ۽ بهترين خوشبوءِ استعمال ڪندڙ هئا. جيڪڏهن ڪو سوالي سندن جسم تي پهريل ڪپڙن جو بہ سوال ڪندو هو تہ اهي لاهي ان کي ڏيئي ڇڏيندا هئا.

سندن صاحبزادي حضرت شيخ عبدالرزاق رحہ جو بيان آهي تہ هڪ دفعي پاڻ حج جي لاءِ روانا ٿيا. جڏهن بغداد جي ويجهو هڪ ڳوٺ "حلہ" ۾ پهتا تہ حڪم ڏنائون تہ ڪو اهڙو گهر ڳولهيو وڃي جيڪو سڀ کان گهڻو ٽٽل ڦٽل هجي. اسان اتي رهنداسين. ڳوٺ ۾ اميرن ۽ رئيسن جا ڪيترائي سنا سنا گهر موجود هئا جيڪي ڪين رهڻ لاءِ پيش ڪيا ويا پر انڪار ڪيائون. آخر گهڻي ڳولا بعد هڪ اهڙو گهر هٿ ڪيو ويو جنهن ۾ هڪ پوڙهو پوڙهي ۽ هڪ نينگري رهندي هئي. پاڻ پوڙهيءَ کان اجازت وٺي ان گهر ۾ رات گذارڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سمورا نذرانا ۽ تحفا جيڪي ڪين مليا هئا سڀ انهن جي حوالي ڪري ڇڏيا.

11 ربيع الثاني سن 195 هجري تي شام جي وقت سندن زبان مبارڪ تي ڪلمي جو ورد جاري هو آخر ۾ پاڻ الله، الله چيائون پوءِ سندن آواز رڪجي ويو ۽ پنهنجي جان پنهنجي مالڪ حقيقيءَ حوالي ڪيائون. سندن تصنيفات ۾ غنيت الطالبين، الفتح الرباني والفيض الرحماني ملفوضات، فتوح الغيب، ديوان حضرت غوث الاعظم خاص طور مشهور آهن.

# حضرت غوث پاڪ رح جي زندگي مبارڪ

## ۽ سندن ملفوظات

رياض حسين مسڻ

جيئن حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي امت دنيا جي مڙني امتن مان وڏي ما ن، شان ۽ مرتبي واري آهي تيئن ئي وري بزگن ۽ الله وارن ۾ حضرت غوث پاڪ رح بہ سڀني مان وڏي ما ن، شان ۽ وڏي مرتبي وارو بزرگ آهي ۽ حضرت غوث اعظم رح ولين جو وليءُ آهي جنهن جي ڪرامت جا قصا جڳ مشهور پڻ آهن، شيخ عبدالقادر جيلاني رحمت الله عليہ نبي صلعم جي امت منجهان اهڙن ولين ۽ بزرگن مان آهي جنهن جي هدايت هن امت جي لاءِ راهِ نجات آهي ۽ گڏوگڏ ان ۾ امت محمدي صلعم لاءِ هر دور ۾ رهنمائي پڻ موجود آهي، حضرت غوث پاڪ رح جي سڄي خاندان جا تقريبن سڀ شخص الله جا ولي ء ۽ پيارا ٻانها ٿي گذريا آهن جن ۾ حضرت غوث پاڪ جو ڏاڏاڻو ڪٽنب حسيني هيو تہ ناناڻو حسني، سندس ماءُ سڳوريء جو نالو ام الخير فاطمہ ۽ سندس والد صاحب جو نالو سيد ابوصالح موسيٰ جنگ دوست هيو پاڻ جمعي واري ڏينهن رمضان شريف جي پهرين تاريخ تي جيلان شهر ۾ ڄاوا هيا، حضرت غوث پاڪ رح جي والده ماجده پنهنجي عمر جي اهڙي حد تي حضرت غوث پاڪ رح کي جنم ڏنو هيو جنهن عمر ۾ ڪنهن بہ عام عورت لاءِ ٻار ڄڻڻ ناممڪن هوندو آهي ڇو تہ حضرت غوث پاڪ رح جي والده ماجده جي عمر ان وقت تقريبن 60 سال هئي جو جڏهن پاڻ حضرت



روضو مبارڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ

غوث پاڪ رح ڪي هن دنيا ۾ جنم ڏئي آندو حضرت غوث پاڪ رح پنهنجي طبيعت ۽ مانيٽي صفت ۾ شروع ڪان ئي بزرگ حيثيت وارا هيا. حضرت غوث پاڪ رح جو قد مبارڪ پورو پنو هيو، سندن ڇاتي ويڪري هوندي هئي.

حضرت غوث پاڪ جي سونهاري مبارڪ وڏي ۽ سهڻي هوندي هئي ۽ پاڻ سونهاري ڪي هميشه ناسي رنگ (ميندي وارو رنگ) ڪندا هيا. حضرت غوث پاڪ رح جو آواز بلند لهجي وارو هوندو هيو ۽ پاڻ پنهنجي صفت ۾ تمام سهڻي اخلاق ۽ معتبر شخصيت جا مالڪ هوندا هيا. پاڻ تمام سلڇڻا، هوشيار ۽ ذهين صفت وارا هوندا هيا جنهن جي صحبت مان ماڻهو شرف ماڻيندا هيا جو ان طريقي سان پاڻ دين جي خدمت ۾ پيش پيش هوندا هيا. حضرت غوث پاڪ رح جو والد صاحب حضرت غوث پاڪ رح ڪي ننڍڙي عمر ۾ ئي ڇڏي مالڪِ حقيقي سان وڃي مليو هيو، ان ڪري حضرت غوث پاڪ رح جي پرورش سندس ناني ڪئي هئي، حضرت غوث پاڪ رح جو نانو به الله تعاليٰ جو پيارو ٻانهو ۽ بزرگ شخص هوندو هيو جنهن وٽان حضرت غوث اعظم رح پنهنجي شروعاتي تعليم حاصل ڪئي هئي.

شروعاتي تعليم جي حصول ڪانپوءِ حضرت غوث پاڪ رح وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ بغداد روانو ٿي ويو هيو ۽ اتي ننڍڙي عمر ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪيو هيائين ۽ اتي ئي دين جي وڌيڪ تعليم به حاصل ڪيائين جنهن دوران دين جي فقه جي تعليم ان وقت جي جيّد عالم حضرت ابو الاخطاب رح، حضرت قاضي ابوالاعلي رح، حضرت قاضي ابو سعيد رح ۽ وقت جي ٻين عالمن ڪان حاصل ڪئي هيائين ۽ ان سان گڏ حديث جي تعليم پڻ ان وقت جي چوٽيءَ جي عالمن ڪان حاصل ڪيائين جن ۾ حضرت امام باقلاڻي رح، حضرت ابوالقاسم رح ۽ ٻين ڪان حاصل ڪئي هيائين، حضرت غوث اعظم رح پاڻ علم سان وڏو چاه رکندا هيا ۽ دين جي تعليم جي حصول جي لاءِ زندگي ڀر ڪوشان رهيا ۽ پنهنجي علم ۽ فيض سان عام خلقت ڪي به فيض ياب ڪندا رهيا.

<u>حضرت غوث اعظم رح جو وعظ ۽ نصيحتون:</u> حضرت غوث پاڪ رح ڪي دين جي درس، تدريس، تصنيف، وعظ، نصيحت ۽ علم جي ٻين شعبن ۾ وڏي مهارت حاصل هئي، پر خاص ڪري فتويٰ جي فن ۾ ڪيس اهو ڪمال حاصل هيو جو ان دور جا وڏا عالم، فقيه ۽ مفتي پڻ ان ڳالهه تي حيران ٿي ويندا هئا. حضرت شيخ امام موفق الدين بن قدامهر رح چوي ٿو ته اسان ڏٺو ته حضرت شيخ سيدنا عبدالقادر جيلاني رح انهن مان آهن جن ڪي بغداد ۾ علم، عمل، فتويٰ ۽ تصنيف جي بادشاهي ڏني وئي هئي (بهجة الاسرار ص 225). حضرت غوث پاڪ رح جي علمي صلاحيتن جو اهو عالم هيو جو ان دور جا جيد عالم به حضرت غوث پاڪ رح ڪان دين جا تمام ڏکيا مسئلا ۽ انهن جا حل پڇڻ ايندا هئا ته پاڻ رح انهن جا جواب نهايت سهڻي نموني سان ڏيندا هئا. ان دور ۾ عالم حضرت غوث اعظم رح جي ڏنل فتوائن ۽ علم جي بحر تي حيران پڻ ٿيندا هيا، ان دور ۾ عراق جا عالم به حضرت غوث پاڪ جي فصيح ۽ بليغ علمي دليلن ۽ جوابن تي پڻ حيران ٿي ويندا هيا، حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رح ارشاد فرمائي ٿو ته حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رح وٽ اهڙو ڪو به اجتماع نه ٿيندو هيو جنهن ۾ ڪو غير مسلم سندن هٿ تي ايمان نه آڻيندو هجي يا اهو غيرمسلم شخص سندن جي فيض جي دولت سان نوازجي نه ويندو هجي يا اهڙي ڪا گهڙي نه هوندي هئي جنهن ۾ ڪو فاسق، غيرمسلم، لٽيرو يا ڦورو، گمراه يا گنهگار يا ڪو بدڪردار شخص حضرت غوث پاڪ رح جي هٿ تي ايمان نه آڻيندو هجي ۽ اهڙي طرح پنج سؤ ڪان وڌيڪ غير مسلم ۽ ڪروڙين گنهگار ٻانهن حضرت غوث پاڪ رح جي حاضري ۾ توبه تائب ڪئي ۽ بڇڙا ڪم ڇڏي چڱائي جي راه تي اچي ويا هيا ۽ نمازي پرهيزگار ٿي معاشري جي لاءِ سڪ جو سبب پڻ بڻيا هيا.

حضرت غوث پاڪ رح جي خطبن مان ڪجهه ٽڪرا هيٺ پيش ڪجن ٿا جن مان اها ڳالهه بخوبي سمجهي سگهبي ته ايمان جي قوت سان ڀرپور اعليٰ حضرت غوث اعظم رح امتِ محمدي جي لاءِ ڪيئن هدايت جي راه روشن ڪئي: الله جي رضا، الله جل جلاله جي رضا تي راضي رهڻ هڪ سچي ۽ پختي ايمان واري مسلمان جي نشاني آهي ته هو الله جل جلاله جي رضا تي راضي رهي ۽ سمجهي ته هر نعمت ان پروردگار اعلي جي طرفان آهي ۽ هر آزمائش به ان جي طرفان آهي چو ته جڏهن انسان ڪي نعمت ملي ٿي ته هو الله جي رضا تي راضي رهي ٿو پر جڏهن آزمائش مليس ٿي ته ان وقت ان جي زبان تي شڪايت اچي ٿي وڃي ۽ پوءِ اهو ٻانهو پروردگار جي ڏمر جو شڪار بڻجي ٿو وڃي. حضرت غوث پاڪ رح خدا جي رضا تي راضي رهڻ بابت فرمائي ٿو ته اي الله جا ٻانهو جيڪڏهن توهان جي قسمت ۾

ڪا نعمت هوندي تہ اها توهان وٽ ضرور ايندي، چاهي توهان ان جي طلب ڪيو يا ان کي ناپسند ڪيوءِ جڏهن توهان جي قسمت ۾ ڪا مصيبت ۽ تڪليف هوندي تہ اها بہ پهچندي پوءِ توهان ان کي پسند ڪيو يا ناپسند ڪيو پر الله جي غضب کان بچڻ جي دعا ضرور ڪيو تہ جيئن اها مصيبت ٽري وڃي. ان ڪري توهان پنهنجا سمورا معاملا الله تعاليٰ جي حوالي ڪيو تہ جيئن توهان کي الله جي طرفان برڪت ملي ۽ توهان شڪرگذار ٿي پئو ۽ جڏهن توهان تي الله جي آزمائش اچي تہ توهان صبر ڪيو.

خدا جو خوف: گناهن کان بچڻ ۽ چڱا ڪم ڪرڻ جي لاءِ هڪ سچي مومن ۾ خدا جو خوف هجڻ انتهائي ضروري آهي، چاڪاڻ تہ جيستائين خدا جو خوف نہ هوندو تيستائين گناهن کان بچڻ ۽ نيڪ عمل ڪرڻ مشڪل هوندو. ان ڪري اي الله جا ٻانها الله کان ڊڄوءِ الله کان ڊڄڻ کي لازمي بڻايو. الله جي فرمانبرداري ڪيو. الله جي حڪمن تي عمل ڪيوءِ سندس ممنوعات (حرام ڪيل ڪمن ۽ شين) کان پاسو ڪيو. توبہ تائب ٿيوءِ الله جي اڳيان عاجزي ڪيوءِ الله جي بارگاه ۾ روئي ٻاڏايوءِ سچي دل سان توبہ ڪيو جڏهن الله توهان کي توهان جي نيڪ عملن جي سبب چونڊيو تہ پوءِ الله تعاليٰ توهان جو انهن نيڪ علمن جي بدلي ۾ فائدو هن دنيا ۾ ئي عطا ڪندوءِ توهان خوش ٿي ويندءُ.

مبلغ کي اثرائتو هئڻ گهرجي: جيڪڏهن نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي ء کان منع ڪرڻ وارو پاڻ بہ اثرائتو آهي تہ ان جو قول بہ اثرائتو هوندو آهي، تنهن ڪري پنهنجي قول ۽ فعل ۾ تاثير پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجي عملي ۽ فعلي حالت کي بہ درست ڪيو. چو تہ پاڻ کي صحيح ۽ درست راه تي آڻڻ کانسواءِ ٻين کي نصيحت ڪرڻ جي ڪا بہ اهميت ناهي. پاڻ عمل ڪرڻ کانسواءِ ٻين کي نصيحت ڪرڻ ائين آهي جيئن هڪ گهر هجي جيڪو دروازي کانسواءِ هجي ۽ ان ۾ گهريلو ضروري شيون نہ هجن ۽ اهو ان خزاني وانگر آهي جنهن مان ڪجھ بہ خرچ نہ ڪيو وڃي ۽ اها اهڙي دعوي وانگر آهي جنهن جو ڪو بہ شاهد نہ هجي (الفتح الرباني ص 78 اختصار).

<u>آخرت جو خيال:</u> آخرت جي فڪر کان غافل ماڻهن کي ڊيڄارڻ جي لاءِ سندس دل ۾ الله جو خوف جاڳائڻ ضروري هوندو آهي. جيئن هن فاني دنيا ۾ زندگي ء جي آسائشن جو حصول محنت کانسواءِ ممڪن ناهي (يعني دنيا جي فاني نعمتن جي لاءِ محنت ڪرڻي پوي ٿي) تہ پوءِ جيڪو الله تعاليٰ وٽ آهي ۽ آخرت ۾ ملڻو آهي (۽ اهو هميشہ رهڻو بہ آهي) تہ پوءِ ڪيئن ممڪن آهي تہ اهو بغير محنت، عبادت، ديني محنت کانسواءِ ملي سگهي يا ممڪن هجي.

<u>توبهہ تائب ٿيڻ ۽ گناهن کان پاسو ڪرڻ:</u> گناه انسان کان سرزد ٿيندا رهن ٿا ۽ هن ڌرتي تي انسان ئي آهي جيڪو گناه ڪري ٿو پر ان گناه واري زندگي تي هميشہ رهڻ ۽ توبہ کي مڪمل طور تي وساري ڇڏڻ وڏي بدقسمتي آهي، ان ڪري جيستائين حياتي ء جو دروازو کليل آهي تيستائين ان کي مالِ غنيمت سمجهو ڇاڪاڻ تہ اهو زندگي ء جو دروازو جلد ئي اوهان تي بند ٿي ويندو. جيستائين اوهان ۾ نيڪي ڪرڻ جي طاقت آهي تيستائين نيڪي ڪري وٺوءِ جيستائين توبہ جو دروازو آهي ان ۾ داخل ٿيوءِ الله جي ويجهڙائپ حاصل ڪيو (الفتح الرباني ص 29).

<u>غفلت جي خواب مان بيدار ٿيڻ:</u>

موت کان غافل ۽ وڏي اميد رکندڙ شخص ان غفلت واري ننڊ مان بيدار ٿئي، ان ڪري اي خدا جا ٻانهو پنهنجي اميدن جا چراغ روشن ڪيوءِ لالچ جي چادر کي اچلائي ڦٽو ڪيو ۽ دنيا مان آزاد ٿيڻ واري دعا کي ياد ڪريو (يعني هر نماز کي آخري نماز سمجهي پڙهو) ان ڪري مومن لاءِ اهو مناسب ناهي تہ هو پنهنجي مٿي تي لکيل وصيت کي پڙهڻ کانسواءِ سمهي پئي، اي الله جا ٻانهو توهان جو کائڻ، پيئڻ، پنهنجي گهر ڀاتين سان گڏ رهڻ، پنهنجي دوستن ۽ گهرڀاتين سان ملڻ بہ دين جي دائري ۾ هجڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ جنهن ماڻهوء جي زندگي ء جا سمورا اختيار ڪنهن ٻئي (الله جل جلالہ) جي هٿ ۾ هجن ان کي اهڙي ء طرح رهڻ گهرجي (الفتح الرباني، ص 220 خلاصو).

<u>موت کان بچڻ جو طريقو:</u> نفس رڳو برائي جي نصيحت ڪندو رهندو آهي، اها نفس جي فطرت آهي ۽ هڪ مدت کانپوءِ اها عادت سڌري ويندي، ان ڪري توهان لاءِ ضروري آهي تہ هميشہ نفس جي خلاف وڙهندا رهو) يعني نفس جي مخالفت ڪندا رهو پنهنجي چڱائي ء جي پئيرائي رکو (هميشہ پنهنجي نفس کي چئو تہ توهان جي سٺي ڪمائي توهان کي فائدو ڏيندي ۽ توهان جي خراب ڪمائي توهان جي لاءِ آفت ۽ مصيبت ثابت ٿيندي، ان ڪري سواءِ توهان جي پنهنجي پاڻ جي ٻيو ڪوبہ توهان سان چڱائي وارو عمل نہ ڪندو ۽ نہ ئي هن جي عمل مان ڪجھ ورندو. ان ڪري چڱا ڪم ڪرڻ ۽ پنهنجي نفس سان وڙهڻ تمام ضروري آهي، ۽

توهان جو حقيقي دوست اهو ئي آهي، جيڪو توهان کي برائي کان روڪي ۽ توهان جو دشمن اهو آهي جيڪو توهان کي گمراه ڪري، ان ڪري جيستائين نفس نجاستن ۽ خراب خواهشن کان پاڪ نه ٿئي تيستائين الله جي حضور ۾ ڪيئن پهچي سگهندو؟ پنهنجي نفس جي خواهشن ۽ اميدن کي ختم ڪريو. جڏهن توهان جو نفس توهان جي فرمانبرداري ڪندو ته پڪ ڄاڻو ته توهان چڱي راه تي آهيو (الفتح الرباني 140 اقتباس) ۽ ساڳي ڪتاب مان اقتباس آهي ته حضرت غوث پاڪ رح جي الله جي ٻانهن جي لاءِ اها ڳالهه ورجايل آهي ته، جيڪو به تڪليف ۾ روئيندو ۽ الله کي سڏيندو، الله ان جي تڪليف دور ڪندو ۽ جيڪو الله تعاليٰ کان دعا گهرندو ته ان جي حاجت پوري ڪندو سندس ضرورت پوري ڪندو. تنهن ڪري شڪر جي حقيقت اها به آهي ته عاجزي ڪندي الله جي نعمت جو اعتراف ڪيو ۽ عاجزي ڪندي الله جي نعمت کي قبول ڪيو. حضرت غوث پاڪ رح جڏهن ننڊ مان جاڳندو هيو ته "امر با المعروف و نهي عن المنڪر" جو خيال سندس ذهن تي طاري هوندو هيو ۽ حضرت غوث اعظم رح قرآن ۽ سنت جي تبليغ ۾ ايترو ته پُرجوش ۽ پُرايمان هوندا هيا جو جڏهن به ڪي ماڻهو گڏ ڏسندا هيا ته انهن کي قرآن ۽ سنت جي باري ۾ ٻڌائيندا هيا ۽ حضرت غوث پاڪ رح سان گڏ ماڻهن جو ايڏو وڏو ميڙ هوندو هيو جو مجلس ۾ ڪا به جاءِ خالي نه بچندي هئي. پوءِ جڏهن حضرت غوث اعظم رح عيدگاه ۾ وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ لڳندا هيا ته عيدگاه اندر ايتري گنجائش نه هوندي هئي، ان ڪري بيشمار ماڻهو عيدگاه جي ٻاهران بيهي خطبو ٻڌڻ لڳندا هيا، جيڪڏهن ته ٻڌندڙن جو تعداد ستر هزار جي ويجهو به پهچي ويندو هيو.

تعليم، تربيت ۽ صحبت جو اثر جيئن ته هڪ نهايت سگهارو عنصر آهي، تنهنڪري الله تعاليٰ جي محبوب ٻانهن سان محبت ۽ عقيدت جو رشتو قائم رکڻ ۽ انهن جي نقش قدم تي هلڻ يقينا هڪ وڏي نعمت آهي، چو ته اهي ئي پاڪ ذات آهن جن تي الله تعاليٰ پنهنجو انعام ۽ عزت عطا فرمائي آهي. قرآن پاڪ ۾ انعام ٿيل ٻانهن جي لاءِ فرمايل آهي ته "جيڪو الله ۽ ان جي رسول پاڪ صلعم جي حڪم جي فرمانبرداري ڪندو ته ان کي انهن ماڻهن جي صحبت حاصل ٿيندي جن تي الله تعاليٰ فضل ڪيو آهي (يعني نبين، صالحن، شهيدن ۽ نيڪ ماڻهن) ته اهي ڪهڙا نه سٺا ساٿي آهن. (ترجمو ڪنزالايمان) هڪ دور اهڙو به آيو جڏهن بزرگن جي صحبت وٺڻ ضروري سمجهيو ويندو هو ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ ئي وڏي سعادت سمجهي ويندي هئي، پر آهستي آهستي اسلام دشمن قوتن جي ناپاڪ سازشن ۽ عزائم جي نتيجي ۾ اهو دور آيو جو الله تعاليٰ جي محبوب جي ان خالص تعلق جي مضبوطي گهٽجڻ شروع ٿي وئي هئي ۽ هر قسم جا وهم پکڙجڻ شروع ٿي ويا ۽ هڪ عجيب فتني جنم وٺڻ شروع ڪيو هيو پر الحمدلله جو وقت سر دين جي مختلف عالمن انهن سازشن جي نتيجي ۾ ديني بزرگن جي وڌندڙ بي چيني کي محسوس ڪيو ۽ پنهنجي ذميداري نڀائي ۽ الله تعاليٰ سان خلق جو تعلق مضبوط ڪرڻ لاءِ تحريري ۽ زباني قدم کنئيا ۽ انهن عالمن جي انهن ڪوششن جي برڪت سان اسلام دشمنن جون اهي سازشون دم ٽوڙي ويون ۽ عقيدت جا باغ وري سرسبز ٿيڻ شروع ٿي ويا هيا، الله تعاليٰ قرآن پاڪ جي سورت يونس ۾ فرمائي ٿو: " بيشڪ الله جي بزرگن کي نه ڪي ڪو خوف آهي ۽ نه ئي ڪو غم" (ترجمو ڪنزالايمان) ۽ ٻئي هنڌ الله تعالي فرمائي ٿو ته " ته بيشڪ فضل الله جي هٿ وس آهي، اهو جنهن کي چاهي ڏئي تنهن کان کسي وٺي". حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: "ڪو به بندو منهنجي سنتن جي ادائگي ڪانسواءِ ڪنهن به شيءِ سان منهنجو قرب حاصل نٿو ڪري سگهي، ان ڪانپوءِ الله جو ٻانهو نفلن جي ادائگيءَ جي ذريعي منهنجي ويجهو ٿيندو آهي، ۽ جيستائين مان ان کي محبوب ڪريان ۽ ان جو ڪن بڻجي وڃان جنهن سان هو ٻڌي ۽ ان جون اکيون بڻجي وڃان جنهن سان هو ڏسي ۽ مان ان جو هٿ ٿيان جنهن سان هو ڪا شيءِ وٺي يا پڪڙي ۽ مان ان جو پير ٿيان جنهن سان هو هلي سگهي، جيڪڏهن هو مون کان پڇي ته مان ان کي ضرور ٻڌائيندس ۽ جيڪڏهن هو مون کان پناه گهري ته مان کيس ضرور پناه ڏيندس" صحيح بخاري (ڪتاب الرقاق، نمبر 6502، جلد 4، ص 248، امام فخرالدين رح تفسير ڪبير، 4 169، جلد 3، ص 427) ۾ هڪ حديث نقل ٿو فرمائي ته: "الله جا اوليا ء مرندا ناهن، پر ٻئي گهر منتقل ٿيندا آهن، مطلب ته الله جا اولياء مرندا ناهن پر اهي هڪ گهر کان ٻئي گهر ڏانهن وڃن ٿا، "ان ڪري آخر ۾ ڏٽي در اها دعا آهي ته الله جل جلاله ٻانهن کي پنهنجي محبت، پنهنجي نبي پاڪ صلعم جي محبت ۽ حضرت غوث پاڪ رح سان پڻ محبت جي تلقين فرمائي ۽ ڪين الله جي بزرگن جي ڇانوَ ۾ زندگي بسر ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

# پيران پير حضرت سيد عبدالقادر شاهه جيلاني رح جي عظمت

فرحان تنيو

اٽڪ ڪائنات جي خالق 18 هزار مخلوق مان انسان کي اشرف المخلوقات جو درجو ڏنو آهي. پالڻهار جي انسان ذات مٿان اها مهرباني تمام گهڻي اهم آهي ۽ ان ئي اشرف المخلوقات يعني حضرت انسان لاءِ درجابندي مقرر ڪئي وئي آهي. شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي چواڻي ته "جو وهي سو لهي" مطابق ڏٺي سائينءَ به انسان ذات لاءِ پنهنجي صحيفن وسيلي هدايت ۽ ڪاميابيءَ جي سنئين وات جهڙوڪ اڳوات طئه ڪري واضح پيغام ڏنو آهي ته نبين سڳورن ڪانپوءِ دنيا ۽ آخرت ۾ اهي ئي انسان ڪامل توڙي ڪامياب هوندا جن تقوي'، پرهيزگاري ۽ انسانيت جي خدمت کي پنهنجو مقصد بڻايو. الله سائين جي انسانذات جي حقيقي ڪاميابي واري پيغام کي نبين ڪانپوءِ ولين بهترين نموني سمجهيو، عمل ڪيو ۽ ٻين انسانن تائين پکيڙيو پڻ آهي. اسلام جي اچڻ ۽ پکڙجڻ ڪانپوءِ ڪيترن ئي صوفي بزرگن، ولين ۽ پيرن جو ذڪر ملي ٿو جن ۾ محمد عثمان مروندي المعروف لعل شهباز قلندر سيد علي هجويري المعروف داتا گنج بخش، غوث بهاء الدين ذڪريا، خواجه معين الدين چشتي اجميري ۽ مولانا رومي سميت ٻيا ڪيترائي جيد عالم، فاضل توڙي عظيم صوفي بزرگ شامل آهن پر ڏٺي سڳوري جنهن اعلي'، اتم ۽ اهم درجي سان پيران پير دستگير حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمته الله عليه کي نوازيو آهي اهو کين عالم اسلام جي صوفياڻي تاريخ ۾ سيني ڪان سرس ڪري بيهاري ٿو. پيران پير دستگير حضرت عبدالقادر جيلاني جن کي محي الدين، غوث اعظم، محبوب سبحاني طور به ياد ڪيو وڃي ٿو. سندن سموري ڄمار هر رخ، هر ادا، هر انداز ۾ هڪ اعلي' مثال جيان معلوم ٿئي ٿي. اهوئي ڪارڻ آهي جو کين پيرن، صوفين، غوثن، قطبن ۽ عظيم بزرگن ۾ مٿانهون مقام نصيب ٿيو ۽ کين پيرن جو به پير سڏيو ويو. پيران پير سيد عبدالقادر شاهه جيلاني رحمة الله عليه جن جي والد صاحب جو نالو حضرت ابو صالح موسيٰ جنگي دوست ۽ سندن امڙ سائڻ جو نالو ام الخير فاطمه ثاني هو.



سندن جنم پهرين رمضان المبارڪ 470 هجري سال ۾ ايران جي گيلانا "جيلان" نالي هڪ شهر ۾ ٿيو جڏهن ته پاڻ 91 ورهين جي ڄمار ۾ 11 ربيع الثاني 561هجريءَ ۾ عراق جي تاريخي شهر بغداد ۾ وصال فرمائي ويا، جتي سندن روضو مبارڪ قائم آهي. پيران پير دستگير جو والد بزرگوار جي پاسي کان نسب حضرت سيدنا امام حسن مجتبي' رضي الله تعالي' عنه ۽ امڙ سائڻ جي طرفان سندن نسب جو تعلق حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه سان ملي ٿو ان عظيم نسبت جي ڪري سندن خانداني شرافت بيمثال آهي ۽ نسب جي لحاظ کان پاڻ حسني سيد به آهن ته گڏوگڏ حسيني سيد هجڻ جو شرف پڻ حاصل اٿن. پيران پير جن جي سموري ڄمار ننڍپڻ کان ويندي پيرسنيءَ جي ايامن تائين حيرت انگيز واقعن سان ڀرپور آهي، جن ۾ سندن ننڍپڻ

وارو واقعو سڀ کان وڌيڪ مشهور آهي تہ پاڻ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جڏهن قافلي سان گڏ سفر ۾ هئا تہ ڦورن سڄي قافلي کان ڦرلٽ ڪئي ۽ جڏهن معصوم عبدالقادر جيلاني رح کان پڇيائون تہ " تو وٽ ڇا آهي تہ هن وراڻيو تہ منهنجي ڪپڙن اندر سبيل ڪجهہ اشرفيون موجود آهن. ڦورن جڏهن پيران پير جي تلاشي ورتي تہ واقعي وٽانئس اشرفيون هٿ آيون. جنهن تي حيران ٿي معصوم ٻار کي مخاطب ٿيا تہ جيڪڏهن تون اسان جي پڇڻ تي نہ ٻڌائين ها تہ اسان کي تنهنجي ڪپڙن ۾ ڳجهي نموني لڪايل اشرفين بابت خبر نہ پوي ها پوءِ تو ائين ڇو ڪيو. ڦورن جي ان سوال جي جواب ۾ معصوم پيران پير کين ٻڌايو تہ آئون جڏهن گهران سفر لاءِ نڪري رهيو هئس تہ مونکي پنهنجي امڙ اها نصيحت ڪئي هئي تہ ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائجان. انڪري مون پنهنجي والده سان ڪيل واعدو پاڙيو آهي. روايت موجب حضرت عبدالقادر جيلاني پيران پير جي ان ڳالهہ جو ڦورن مٿان ايترو اثر پيو جو هنن ڦر ڪيل سمورو سامان قافلي کي واپس ڪيو ۽ معافي وٺي واپس روانا ٿي ويا.

ننڍڙي ڄمار کان پيران پير جي اهڙن ڏندين آڱريون ڏياريندڙ عملن جي ڪري کين ڄمندي ڄام يا ڳاڊ گفتيڊ بہ سڏيو ويو آهي جنهن تي سمورن مسلڪن سان تعلق رکندڙ بزرگ ۽ عالم سڀ گورا متفق پڻ آهن. هڪ روايت موجب معصوم عبدالقادر شاهہ جيلاني رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ سج ايرڻ کان سج لٿي مهل تائين ٿڃ ڪونہ وٺندا هئا. يعني سڄو رمضان شريف جو مهينو روزا رکندا هئا ۽ جڏهن روزي کولڻ يعني "افطاري" جو وقت ٿيندو هو تہ سج لٿي جي ٻانگ اچڻ شرط ٿڃ وٺڻ شروع ڪندا هئا. پيران پير جي اها ڪرامت ايتري تہ مشهور ٿي جو جيلان ۾ چئني پاسي هاڪ هلي وئي تہ سادات جي گهراڻي ۾ هڪ اهڙو ٻار پيدا ٿيو آهي جيڪو رمضان شريف جو سڄو مهينو ٿڃ نہ وٺندو آهي.

رہے پابند احکام شریعت ابتدا ہی سے
نہ چھوٹا شیر خواری میں بھی روزہ غوث اعظم کا

حضرت غوث اعظم رحمۃ اللہ عليہ جي ننڍپڻ جي ان حيرت انگيز عمل مان مسلمان اڄ سوڌو اهو سبق حاصل ڪن ٿا تہ اسلام جو سچو پيروڪار اهو ئي آهي جيڪو روزا پابنديءَ سان رکندو هجي. اهو آهي غوث اعظم جي ننڍپڻ جي عبادت ۽ عقيدت جو هڪ عظيم مثال جيڪو ڪروڙين مسلمانن لاءِ واٽ جي لاٽ واري اهميت رکي ٿو. جنهن عظيم ۽ پاڪ وجود جو ننڍپڻ اهڙو هجي تہ پوءِ ان جي شخصي جاهہ ۽ جلال جو ڇا تہ عالم هوندو. ڪيئن نہ ساڻن ملڻ ۽ سندن ديدار ڪرڻ ڪانپوءِ ماڻهو سندن ديوانا ٻڻجي ويندا هوندا.

جڳ مشهور عالم امام احمد رضا خان بريلوي رحمۃ اللہ عليہ پيران پير دستگير جي شان ۾ ڇا تہ دل کي ڇهندڙ لفظن ۾ پيتا پيش ڪئي آهي تہ

غوث اعظم، امام التقا و النقی
جلوہ شان قدرت پہ لاکھوں سلام

سچ پچ تہ اهڙو اعلي' شان. اهڙو اعلي' مان. عظيم درجو بلند مرتبو مٿانهون مقام اللہ سائين جي عظيم ۽ پيارن ٻانهن کي ئي نصيب ٿئي ٿو جن پنهنجي ڪردار، گفتار ۽ عمل وسيلي سنئين واٽ تان ڀٽڪيل انسانذات کي نئين سر سڌي دڳ لائڻ ۽ وڏي انگ ۾ ماڻهن کي اسلام جي دائري اندر آڻي گهگهہ اونداهيءَ ۾ روشني آندي. پيران پير، دستگير، حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمتہ اللہ عليہ جو عرس مبارڪ هر سال 11 هين ربيع الثاني تي نہ رڳو بغداد يا عراق پر سموري اسلامي دنيا ۾ ڀرپور عقيدت ۽ احترام سان ملهائي سندن پاڪ هستي ۽ عظيم ڪردار کي پيتا پيش ڪئي ويندي آهي.

شاعر چواڻي تہ

اے پیشوائے مقبلاں یا غوث اعظم دستگیر،
وای عیسی' مردہ دلاں، یا غوث اعظم دستگیر

ترجمو: اي اسلاف جا پيشوا، اي غوث اعظم! دستگيري ڪريو. اي مئل دلين جا مسيحا اي غوث اعظم! دستگيري ڪريو.

اے مقتدائے ہر ولی وے نائب ختم النبی صم
درمان وقت بے کسی یا غوث اعظم دستگیر

ترجمو: اي هر وليءَ جا مقتدي'، اي خاتم النبيين ﷺ جا نائب. بيڪسيءَ جو وقت آهي، اي غوث اعظم! دستگيري ڪريو.

اے خاتم دین رانگیں فرماں برت عرش بریں،
من بردرت دارم جبیں یا غوث اعظم دستگیر

ترجمو: اي خاتم دين جا نگينا (يعني دين لاءِ توهان ائين آهيو جيئن منڊيءَ لاءِ نگينو) عرش برين توهان جي فرمانبرداري ڪري ٿو آئون توهان جي چائٺ تي پيشاني رکيو ويٺو آهيان، اي غوث اعظم! دستگيري ڪريو.

اے میر من وے پیر من بخت من و تقدیر من
در دست تو تدبیر من یا غوث اعظم دستگیر

ترجمو: اي منهنجا سردار، اي منهنجا پير. منهنجا ڀاڳ ۽ منهنجي تقدير. توهان جي هٿ منهنجي تقدير آهي، اي غوث اعظم! دستگيري ڪريو.

# حضرت غوث اعظم رح
# تاريخ جي عظيم شخصيت

نعمت الله سومرو



انساني تاريخ اهڙين ڪيترين ئي عظيم شخصيتن جي مثالن سان ڀرپور آهي جن پنهنجي بينظير ڪارنامن، سيرت ۽ ڪردار جي پاڪائي ۽ نيڪ ناميءَ سبب نہ رڳو پنهنجي دور ۾ عزت ۽ ناموس ماڻيو پر بعد ۾ پڻ ماڻهن جي دلين ۾ ڏڙڪن وانگر سمايل رهيا. اهڙين عظيم شخصيتن ۾ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني جو نالو خاص طور سرفهرست آهي. سندن نالو عبدالقادر، ڪنيت ابو محمد ۽ لقب محي الدين هو. سندن والد سڳوري جو نالو سيد ابو صالح موسيٰ ۽ والده جو نالو ام الخير فاطمہ هو. سندن نسبي سلسلو والد سڳوري جي طرف کان يارنهن واسطن ۽ والده سڳوريءَ جي طرف کان چوڏهن واسطن سان اميرالمومنين حضرت سيدنا علي رضہ سان وڃي ملي ٿو.

حضرت غوث اعظم رح جي ولادت جي تاريخ (اڪثر روايتن مطابق) پهرين رمضان المبارڪ 471هہ آهي، پاڻ ايران جي شهر گيلان يا جيلان ۾ پيدا ٿيا.

## علم پرائڻ جو شوق

ننڍپڻ ۾ ئي سندن والد سڳوري وفات ڪئي. پاڻ جڏهن جوانيءَ جي ڄمار کي پهتا تہ پنهنجي والده سڳوريءَ کي عرض ڪيائون تہ الله جي واسطي مون کي پنهنجو حق بخش ۽ بغداد وڃڻ جي اجازت ڏي تہ جيئن اتي وڃي علم حاصل ڪريان. اهو ٻڌي هوءَ روئي پئي ۽ اسي دينار جيڪي سندس مڙس پنهنجي ملڪيت طور ڇڏيا هئا، وٺي ڪٺي آئي. حضرت غوث الاعظم رحہ کانئس فقط چاليهہ دينار ورتا ۽ باقي چاليهہ دينار پنهنجي ڀاءُ لاءِ ڇڏيا.

سندن والده سڳوري چاليهہ دينار احتياط طور حضرت غوث الاعظم جي قميص (گودڙي) جي پاسي ۾ ڪيس سبي ڏنا ۽ پوءِ کين بغداد وڃڻ جي اجازت ڏني، موڪلائڻ وقت کين نصيحت ڪيائين تہ پٽ هر حال ۾ سچ ڳالهائجانءِ. پوءِ فرمايائين تہ وڃ مون الله خاطر توکي پنهنجو حق بخشي ڇڏيو.

حضرت غوث الاعظم رح والده سڳوريءَ کان موڪلائي بغداد ويندڙ هڪ قافلي ۾ شامل ٿيو. پاڻ فرمايائين "اسان جو قافلو همدان کان اڳتي نڪتو تہ اوچتو سٺ سوار جهنگ مان نڪتا ۽ انهن اسان جي قافلي جو گهيرو ڪري ورتو. ڦرلٽ ڪندي هڪ سوار مون وٽان گذريو ۽ پڇيائين ڇوڪرا تو وٽ ڇا آهي؟ مون چيو چاليهہ دينار. هن پڇيو تہ ڪٿي آهن؟ مون چيو منهنجي گودڙيءَ جي پاسي ۾ سبيل آهن.

هن سوچيو تہ هيءُ ڇوڪرو مون سان مسخري ٿو ڪري تنهن ڪري هو هليو ويو.

وري هڪ ٻيو آيو ان به ٻهرين سوار وانگر مون کان سوال ڪيو مون کيس به اهو ئي جواب ڏنو. اهو به بنا ڪنهن پڇا ڳاڇا جي هليو ويو.

اهي ٻئي پنهنجي سردار وٽ ويا ۽ مون کان جيڪو ڪجهه ٻڌو هئائون اهو کيس ٻڌايائون. سردار مون کي گهرايو. مون ڏنو ته هُو هڪ مٿانهين هنڌ تي پاڻ ۾ مال ورهائي رهيا هئا. سردار مون کان پڇيو ته تو وٽ ڇا آهي؟

مون چيو ته چاليهه دينار.

هن پڇيو: ڪٿي آهن؟

مون چيو ته منهنجي گودڙيءَ ۾ بغل جي هيٺان سبيل آهن.

پوءِ سندس حڪم تي منهنجي گودڙيءَ کي کوليو ويو ته ان مان چاليهه دينار نڪتا. اهو ڏسي هو حيران ٿيو ۽ پڇيائين تو ايتريقدر محفوظ رقم جو اعتراف ڇو ڪيو؟

مون وراڻيو ته منهنجي امڙ موڪلائڻ وقت مون کي نصيحت ڪئي هئي ته سدائين سچ ڳالهائجانءِ. امڙ جي نصيحت کي مان چاليهه دينارن خاطر ڪيئن ٿو فراموش ڪري سگهان. اهو ٻڌي ڌاڙيلن جو سردار روئي پيو ۽ چوڻ لڳو "آفرين آهي توکي، تو پنهنجي ماءُ جو واعدو نه ٽوڙيو ۽ حيف آهي مون تي جو ڪيترن ئي سالن کان پنهنجي رب سان ڪيل واعدو ٽوڙي رهيو آهيان. اهو چئي هن منهنجي هٿ تي توبهه ڪئي، اهو ڏسي سندس ساٿين پنهنجي سردار کي چيو ته "تون راهزنيءَ ۾ به اسانجو اڳواڻ هئين، هيئنر توبهه ۾ به اسانجو اڳواڻ آهين!" پوءِ سڀني منهنجي هٿ تي توبهه ڪئي ۽ قافلي جو سمورو ڦر ڪيل سامان موٽائي ڏنو." (تذڪره سيدنا غوث الاعظم. حوالو: قلائد الجواهر)

آخرڪار حضرت غوث الاعظم رح چار سئو ميلن کان وڌيڪ خطرناڪ ۽ ڏکيو سفر طئي ڪري 488هه ۾ بغداد پهتو ۽ ان دور جي تمام وڏي تعليمي درسگاهه مدرسه نظاميه ۾ داخل ٿيو.

### شاگرديءَ جو دور

مدرسي جي ڪجهه طالب علمن جو اهو دستور هو ته فصل جي لاباري بعد هُو ويجهي ڳوٺ يعقوبا ڏانهن ويندا هئا ۽ اتان اناج وٺي ايندا هئا. هڪ دفعي ڪجهه طالب علمن حضرت غوث الاعظم کي پڻ گڏ هلڻ لاءِ چيو. سندن اصرار سبب پاڻ انڪار نه ڪري سگهيو. هُو ساڻن گڏجي يعقوبا وڃي پهتو اتي پهچڻ تي کين معلوم ٿيو ته هتي هڪ بزرگ شريف يعقوبي رهندو آهي جيڪو پنهنجي زهد ۽ تقويٰ سبب مشهور آهي. حضرت سڀ کان پهريائين سندن زيارت لاءِ ويو. ان بزرگ سندن پيشانيءَ ۾ سعادت جي نشانين کي ڏسي پروڙي ورتو ته هيءَ زماني جو قطب آهي، ڏسندي ئي فرمايو:

"پٽ! حق جا طالب الله کان سواءِ ڪنهن جي آڏو سوال نه ڪندا آهن. توهان خدا جا خاص ٻانها معلوم ٿيو ٿا. تنهن ڪري اناج گهرڻ توهان جي شان وٽان ناهي."

حضرت فرمايو ته ان واقعي کانپوءِ مون ڪڏهن به ڪنهن کان سوال نه ڪيو.

سندن طالب علميءَ واري زماني ۾ هڪ ڀيري بغداد ۾ هڪ پوائتو قحط پيو. ماڻهو اناج جي داڻي لاءِ به سڪڻ لڳا. ماڻهو وڻن جا پن به کائڻ لڳا. حضرت پاڻ به سبزين جي ڳولا ۾ دجلا جي ڪناري ويندا هئا پر اتي اڳ ۾ ئي وڏو هجوم هوندو هو. پاڻ ڪمال صبر ۽ شڪر سان واپس ايندا هئا. ڇاڪاڻ ته کين اهو پسند نه هيو ته پنهنجو پيٽ ڀرڻ لاءِ ماڻهن کان ڪاشيءَ ڪسجي. اهڙيءَ ريت پاڻ ڪيترا ڏينهن بک ۽ فاقي تي گذاريائون.

هڪ ڏينهن بک جي شدت کان سندن دماغ چڪرائڻ لڳو ته پاڻ مسجد ۾ اچي ويٺا. ٿوري ئي دير گذري ته هڪ عجمي نوجوان ڀڳل گوشت ۽ ماني وٺي مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي کائڻ لڳو. حضرت غوث الاعظم رحه فرمائين ٿا ته بک جي شدت سبب منهنجو اهڙو حال هو جو ان شخص جي هر گرهه سان منهنجي دل چاهيو پئي ته ڪاش! هن وقت مون کي به کائڻ لاءِ ڪجهه ميسر هجي ها پر پوءِ مون پنهنجي نفس کي ملامت ڪئي ته بي صبر نه ٿيءُ، توڪل ۽ ڀروسو به ڪا شيءِ آهي.

مطلب ته سندن نفس مطمئن ٿي ويو ۽ پاڻ ان شخص کان بي نياز ٿي ويا. ايتري ۾ ان شخص پاڻ مرادو حضرت غوث الاعظم ڏانهن ڏٺو ۽ کين ڪاڌي جي دعوت ڏني. حضرت جن انڪار ڪيو پر هن شديد اصرار ڪيو ته آخرڪار پاڻ ساڻس ڪاڌي ۾ شريڪ ٿيا. ٿوري دير کانپوءِ هو ڪانئن حال احوال وٺڻ لڳو. پاڻ فرمايو ته مان جيلان جو رهاڪو آهيان ۽ بغداد ۾ علم حاصل ڪرڻ لاءِ رهيل آهيان. اهو ٻڌي اهو همراهه نهايت خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته مان به جيلان جو رهندڙ آهيان، ڇا توهان جيلان جي رهاڪو نوجوان عبدالقادر کي سڃاڻو ٿا؟

حضرت جن فرمايو ته مان ئي عبدالقادر جيلاني آهيان.

اهو ٻڌي اهو شخص بي چين ٿي ويو ۽ سندس اکيون آليون ٿي ويون. رقت انگيز لهجي ۾ چوڻ لڳو "ادا مون اوهان جي امانت ۾ خيانت ڪئي آهي. خدا جي واسطي مون کي بخش ڪيو" حضرت نهايت حيران ٿي پڇيو

ته ڪهڙي امانت؟ هن چيو ته ”اوهان جي والده منهنجي هٿان اوهان لاءِ اٺ دينار موڪليا هئا. مان ڪيترن ئي ڏينهن کان اوهان کي ڳولي رهيو هوس. اوهان جي امانت اوهان جي حوالي ڪريان پر توهان جي خبر نه پئي، ايستائين جو منهنجو ذاتي خرچ ختم ٿي ويو ۽ نوبت بک ڪاٽڻ تي اچي پهتي. آخرڪار بک جي شدت مون کي مجبور ڪيو ته مان اوهان جي امانت مان ڪاڏو خريد ڪري پيٽ جي دوزخ جي باهه ٿڏي ڪريان. ادا هي ڪاڏو جيڪو اسان ڪائي رهيا آهيون، دراصل اوهان جو ئي آهي، ڇاڪاڻ ته اوهان جي امانت مان خريد ڪيو ويو آهي ۽ اوهان منهنجا نه پر مان اوهان جو مهمان آهيان. خدا جي واسطي منهنجو ڏوهه معاف ڪريو.“

حضرت جن ڪيس ڀاڪر پاتو ۽ سندس نيڪ نيتيءَ جي ساراهه ڪئي. پوءِ ڪجهه دينار ۽ بچيل ڪاڏو ڪيس ڏيئي نهايت محبت سان ڪانئس موڪلايو.

حضرت رح جا استاد

بغداد ۾ پاڻ جن عالمن ۽ بزرگن کان پڙهيا انهن جا نالا هي آهن: ابوالوفاء علي بن عقيل، ابوالخطاب محفوظ الڪلوواني، ابوالحسن محمد بن قاضي، ابي يعلي، محمد بن حسين بن محمد مفراء، قاضي ابو سعيد مبارڪ بن علي مخرمي، ابوغالب محمد بن الحسن الباقلاني، ابو سعد محمد بن عبدالڪريم، ابوالغنائم محمد بن علي بن ميمون الرسي، ابوبڪراحمد بن مظفر، ابو محمد جعفر بن احمد، القادري السراج، ابوالقاسم علي بن احمد الڪرخي، ابوعثمان اسماعيل بن محمد الاصيهاني، ابو طالب عبدالقادر بن محمد بن عبدالقادر بن محمد يوسف، ابو نصر محمد ابو غالب احمد، ابو عبدالله يحيٰ، ابناءَ الامام ابي علي الحسن بن البنا، ابولعز محمد بن مختار الهاشمي، ابوالحسين المبارڪ المعروف يابن الطيوري، ابو منصور عبدالرحمان القزاز، ابوالبرڪات طلمته العاقولي ۽ علامه ابوذڪريا يحيٰ بن علي التبريزي رحمهم الله تعاليٰ.

باطني علمن جي تحصيل

ظاهري علمن حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ باطني علمن طرف متوجهه ٿيا. ان سلسلي ۾ 25 سال مجاهدن ۽ رياضتن ۾ گذاريائون. پوءِ حضرت قاضي ابو سعيد مبارڪ مخرمي جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ بيعت ڪري سندن حلقه ارادت ۾ شامل ٿيا.

حضرت قاضي ابو سعيد مبارڪ مخرمي جڏهن سيدنا غوث اعظم کان بيعت وٺي چڪا تڏهن کين پنهنجي هٿن سان ماني ڪارايائون. حضرت غوث اعظم فرمائن ٿا ته منهنجا شيخ طريقت جيڪو گرهه منهنجي وات ۾ وجهن پيا ته اهو منهنجي سيني ۾ معرفت جو نور پري ڇڏي پيو.

حضرت شيخ ابو سعيد مبارڪ حضرت غوث اعظم کي ولايت جو خرقو پارايوءِ فرمايو ”اي عبدالقادر! هيءُ خرقو جناب سرور ڪائنات رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن حضرت علي ڪرم الله وجه کي عطا فرمايو هو انهن حضرت خواجه حسن بصري کي عطا فرمايوءِ انهن کان هٿون هٿ مون تائين پهتو.“

حضرت غوث اعظم رح جو سماج سڌارڪ ڪردار

حضرت غوث اعظم رح جن ظاهري ۽ باطني علم مڪمل ڪري ورتا ته پوءِ پاڻ اسلامي دنيا جي سياسي ۽ سماجي حالتن جو غور سان جائزو ورتو. هي اهو زمانو هو جو اسلامي دنيا مختلف قسمن جي فتنن جي ور چڙهي چڪي هئي. خلق قرآن، باطنيت ۽ رفض جون تحريڪون مسلمانن جي ايمان لاءِ خطرو بڻيل هيون. اسلام جي مرڪز بغداد ۾ فسق ۽ فجور ۽ منافقت وڌي رهي هئي. سلجوقي پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا. جنهن بادشاهه جي طاقت وڌي ويندي هئي ان جو نالو جمعي جي خطبي ۾ بغداد جي مسجدين ۾ ورتو ويندو هو. حضرت غوث اعظم رح اهڙين حالتن ۾ حق ۽ سچائيءَ جو آواز بلند ڪيو ۽ ماڻهن کي سڌاري ۽ هدايت جو رستو ٻڌايو.

سندن مجلسن ۾ موجود ماڻهن جو تعداد ڪڏهن ڪڏهن ته ستر هزارن کان به وڌي ويندو هو. جنهن ۾ نه رڳو عوام پر اڪابر، مشائخ ۽ عالم به شامل هوندا هئا. عام طور پاڻ هفتي ۾ ٽي ڀيرا واعظ فرمائيندا هئا. اهو سلسلو سندن وصال تائين جاري رهيو. سندن هدايت ۽ رهنمائيءَ سان ڪروڙين انساني دليون روشن ٿيون. حضرت غوث الاعظم رحه وعظ ۽ نصيحت سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو مشغلو پڻ اختيار ڪيو. سندن تصنيفن ۾ هيٺيان ڪتاب شامل آهن: غنيت الطالبين، الفتح الرباني والفيض الرحماني، الفيوضات الربانيه في الاوراد القادريه، فتوح الغيب، بشائر الخيرات، تحفت المتقين والسبيل العارفين، حزب الرجاء والانتهاء، الرسالت الغوثيه، يواقيت الحڪم، معراج اللطيف المعاني، جلاءُ الخاطر في الباطن والظاهر، آداب السلوڪ والتوسل الي منازل (ملڪ الملوڪ)، ديوان الاشعار، ملفوظات القادريه، ملفوظات الغيلاني. پاڻ 10 ربيع الاول 561 هه مطابق 11 اپريل 1144ع ۾ وصال فرمايو.

# واهه ٿر تنهنجي قسمت!

# ڪيڪڙن جي جاءِ تي جهاز هلڻ لڳا!

**شير محمد ملڪاڻي**

الله پاڪ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي تہ هر مشڪل ڪانپوءِ آساني آهي. اهو جملو موجوده ٿر جي حالتن تي بلڪل فٽ بيهي ٿو. ڪو وقت هو جڏهن ٿر ۾ مسڪين ماروئڙن لاءِ ڪيڪڙي جي سواري بہ اٽلپ هئي ۽ ڪيڪڙي ۾ انسانن ۽ جانورن ڪي گڏ ويهاريو ويندو هو پر ٿرين جي دعائن سان اڄ قدرت ٿر تي مهربان ٿي آهي. ٿرڪول مان ڪوئلي نڪرڻ سان ٿورائي سهي پر روزگار جا وسيلا پئدا ٿيا آهن. اڄ ٿر جون عورتون ۽ جوان ڇوڪريون ٿرڪون هلائي روزگار ڪمائي رهيون آهن.

قدرت جو پنهنجو نظام آهي. ٿر ۾ هڪ نئين تاريخ رقم ٿي رهي آهي. هتي ڪجهہ سال اڳ ايتري تہ برسات پئي جو پيڙيون هليون. وري قدرت مهربان ٿي تہ هتي ائيرپورٽ ٺهيو جتي وقتي ئي صحيح پر جهاز ايندا رهندا آهن ۽ انشاالله ڪو وقت ايندو جو هتان جا ماڻهو جهاز ۾ بين شهرن تائين وڃي سگهندا .

ٿر جي ترقي جو ڪريڊٽ شهيد بينظير ڀٽوءِ پيپلز پارٽي کي وڃي ٿو. هزار اختلاف سهي پيپلز پارٽي ٿر جي ترقي لاءِ وڏا ڪم ڪيا آهن. ٿرڪول جوءِ ائيرپورٽ جو منصوبو بہ پيپلز پارٽي جي حڪومت جو ڪارنامو آهي

مائي بختاور ايئرپورٽ اسلام ڪوٽ ۾ سنڌ حڪومت جي خرچ سان 20 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان بين الاقوامي معيار مطابق سول ايوي ايشين اٿارٽي تعمير ڪيو آهي ايئرپورٽ جي اڏاوت جي منظوري 25 سيپٽمبر 2009 تي پاڪستان جي وزارت دفاع طرفان ڏني وئي هئي چاڪاڻ تہ اهو هندستان سان پاڪستان جي بين الاقوامي




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ ٿر ڪول ايئرپورٽ جو افتتاح ڪندي

سرحد جي 80 ڪلوميٽر (50 ميل) اندر واقع آهي. هي ايئرپورٽ سنڌ ڪول اٿارٽي جي درخواست تي ٿر جي ڪوئلي جي پرپاسي جي ڪول فيلڊ جي ترقي کي آسان ڪرڻ لاءِ تعمير ڪيو ويو آهي. ايئرپورٽ جو رن وي 7000 فوٽ ڊگهو آهي. هن ايئرپورٽ کي سول ۽ فوجي ڪمن ۾ استعمال ڪرڻ جي گنجائش آهي

گذريل ڏينهن ٿر ڪول بلاڪ ٽو ۾ حبڪو طرفان 30 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪندڙ يونٽ جي افتتاحي تقريب کي اسلام ڪوٽ ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خطاب ڪندي چيو ته مون کي ٿر ڪول پاور ٽرانسميشن تقريب ۾ شرڪت ڪري تمام گهڻي خوشي ٿي، مان حبڪو ۽ ان جي پاڻيوارن ايف ايف سي ۽ سي ايم اي سي سميت سموري ٽيم کي مبارڪباد ڏيان ٿو.

سنڌ جي وڏي وزير چيو ته اسان قائد عوام شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي خواب کي حقيقت بڻائي رهيا آهيون. ٿر جي ڪوئلي سان پاڪستان روشن ٿي رهيو آهي، سيد مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت هميشه ٿر کي پاڪستان جي سيڪيورٽي انرجي جو بنياد سمجهيو آهي، سنڌ حڪومت ان منصوبي کي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا آهن.

سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ٿر جي ڪوئلي جو اگهه امپورٽ ٿيل لِگنائيٽ کان 2 کان 3 ڀيرا سستو آهي.

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته هن منصوبي مان اربين ڊالرن جو پرڏيهي ناڻو بچيو آهي. سنڌ حڪومت، ٿر ڪول مائننگ ڪمپني SECMC ۾ وڏي




شيئر هولڊر آهي، سنڌ حڪومت چيني قرض ڏيندڙن کي مائن جي مالي تڪميل لاءِ گهربل مالي گارنٽي به فراهم ڪري ڇڏي آهي. سنڌ حڪومت ٿر ڪول آءِ پي پيز سان گڏ مائننگ ڪمپنين کي مسلسل مدد فراهم ڪري رهي آهي، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته ٿر منصوبي ۾ سهولتن لاءِ ايئرپورٽ، روڊ ۽ انفراسٽرڪچر کي يقيني بڻايو ويو آهي. وڏي وزير چيو ته ٿر پاور منصوبن لاءِ پاڻي جي گهرج کان به آگاهه آهيون اسان بجلي جي پيداوار لاءِ پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ انتظام ڪيا آهن.

ٿر جي ترقي جو اصل مقصد مقامي آبادي جي ڀلائي آهي. ٿر جي ڪوئلي سان ترقي ٿي رهي آهي ۽ مقامي ماڻهن جي زندگين ۾ مثبت تبديلي اچي رهي آهي.

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ اينگرو 660 ميگاواٽ پاور پراجيڪٽ کي نيشنل گرڊ سان ڳنڍڻ جو اعزاز حاصل ڪري ورتو 1200 ميگاواٽ جي ڪول پاور پلانٽ جي ايم او يو تي صحيحون ڪيون. پر بعد ۾ وفاقي حڪومت اهو منصوبو ختم ڪري ڇڏيو. جڏهن صدر آصف علي زرداري جي حڪومت آئي ته اسان ٿر ڪول مائننگ ۽ پاور پراجيڪٽ شروع ڪيو ٿر ڪول اهو واحد منصوبو آهي جتي اڄ سڄو پاڪستان ٿر جي بجلي مان فائدو وٺي رهيو آهي.

وڏي وزير چيو ته مون کي خوشي آهي ته هتي به ٿي انجنيئر هي پراجيڪٽ هلائي رهيا آهن. مان 2009ع ۾ هتي آيو هئس ۽ ان وقت هتان ڪوئلي جو هڪڙو ٽڪرو ڪڍيو ويو هو اهو ڪوئلي جو پهريون ٽڪرو نڪتو هو. ماڻهن چيو هو ته پئسو مفت ۾ ٿر ڪول ۾ ويندو، پيپلز پارٽي جو عزم هو جنهنڪري اڄ سيڙپڪار ٿر ۾ سيڙپڪاري لاءِ قطار ۾ بيٺا آهن. اڄ ٿر کي پاڪستان ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، اسلام ڪوٽ جي عوام کي مفت بجلي ڏيندا سين، اسلام ڪوٽ جي عوام جي بجلي جا بل سنڌ حڪومت ادا ڪندي، ٿر ڪول جي رائلٽي ٿر جي عوام تي خرچ ڪئي ويندي.

# وقت جي اهميت

شبير احمد مغيري

وقت دنيا جي سڀ کان وڏيڪ قيمتي شئي آهي، ڇاڪاڻ ته اهو گذري وڃڻ کانپوءِ واپس نٿو اچي. ان لحاظ کان ڏسجي ته وقت زندگي آهي. ان کي بهتر طور تي استعمال ڪري اسان زندگيءَ جي سيني ڪمن ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا. ان لاءِ ضروري آهي ته اسان وقت جي اهميت کي سمجهون، وقت ضايع ڪرڻ وارين شين جو جائزو وٺون، وقت کي بهتر طور تي استعمال ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙيون ۽ ان سلسلي ۾ پنهنجين ذميوارين جو احساس رکون.

وقت هڪ بي مثال ذريعو ۽ وسيلو آهي. هيءَ تڪڙو ضايع ٿيندڙ شئي آهي جنهن کي نه هٿ لائي ڇُهي سگهجي ٿو ۽ نه ان کي ڪنهن طريقي سان ذخيرو ڪري سگهجي ٿو. اهو برف وانگر آهي جو جنهن کي اسان استعمال نه ڪريون ۽ ٻاهر اس تي رکي ڇڏيون ته پگهرجي ضايع ٿي ويندو. وقت جو ڪو به نعم البدل ڪونهي، ان کي اوهان اڳواٽ خرچ نٿا ڪري سگهو ۽ نه ئي اڳواٽ ضايع ڪري سگهو ٿا. جيئن سج ۽ چنڊ کي پنهنجن ڪمن کان ۽ زمين کي پنهنجي گردش ۽ ڦيري کان روڪي نٿو سگهجي ايئن ئي وقت کي پنهنجي لڳاتار گذرڻ کان روڪي نٿو سگهجي. جيڪو وقت گذري ويندو آهي ان کي گذريل وقت چئبو آهي، ان بابت افسوس ڪرڻ ۽ ان لاءِ ويهي رهڻ به وقت ضايع ڪرڻ جو سبب آهي. ايندڙ وقت لاءِ رٿابندي ڪري سگهجي ٿي. جيڪو وقت استعمال جوڳو آهي اهو اهو ئي آهي جيڪو گذري رهيو آهي. واچ ڏانهن ڏسو



بہ ڪيئن نہ وقت جا پَلَ تيزيءَ سان گذري رهيا آهن ۽ اسان جي زندگيءَ جو وقت گهٽجي رهيو آهي.

گهڙي لڳي گهڙيال کي، گهڙيال ڪئي گهوڙا!
ٻڌئي ڪين ٻوڙا تہ اها بہ گهڙي گهٽ ٿي.

ان جو مطلب ٿيو تہ وقت کي ضايع نہ ڪجي پر اهو سوال بہ اهم آهي تہ وقت اندر ڪهڙا ڪم ڪجن؟ يا ائين ڪٿي چئجي تہ وقت جو صحيح استعمال ڪهڙو آهي؟ دنيا ۾ وقت جي استعمال جي حوالي سان سوچ جا ٻہ زاويا ملن ٿا:

1. هڪڙن ماڻهن جو خيال آهي تہ هيءَ دنيا پاڻ مرادو پيدا ٿي آهي، ان ۾ موجود مخلوقات بہ پنهنجو پاڻ پيدا ٿي آهي، جنهن مان انسان کي سوچ سمجهہ، ذهن ۽ عقل حاصل آهي جنهن وسيلي هُو سماجي لڳ لاڳاپا قائم ڪري ٿو تهذيب ۽ تمدن اختيار ڪري ٿو ان لحاظ کان مٿس جيڪي ذميواريون لاڳو ٿين ٿيون انهن جو خيال رکندي ڪيس وقت جو اهڙو استعمال ڪرڻ گهرجي جو هُو انفرادي توڙي اجتماعي طور خوشي ۽ اطمينان حاصل ڪري سگهي.

2. ٻين ماڻهن جو خيال آهي تہ هيءَ دنيا هڪ خدا جي پيدا ڪيل آهي، جنهن انسان کي صحيح سوچڻ، سمجهڻ ۽ صحيح رخ ۾ عملي زندگي گذارڻ جي هدايت ۽ رهنمائي ڏيڻ لاءِ مختلف وقتن تي نبي سڳورا موڪليا جن انسانن کي نہ رڳو تعليم ڏني پر عمل پڻ ڪري ڏيکاريو تہ ڪارائتي زندگي ڪيئن گذارجي جو هن دنيا ۾ بہ ڀلائي حاصل ٿئي ۽ مرڻ کانپوءِ آخرت واري زندگيءَ ۾ بہ ڀلائي حاصل ٿئي.

مٿي ڄاڻايل پهرين خيال وارا ماڻهو لامذهب ۽ ماده پرست سڏجن ٿا ۽ ٻئي خيال وارا ماڻهو ديندار ۽ مذهب کي مڃيندڙ. دنيا ۾ انسان پنهنجي هر سوچ ۽ ڪم کي عقل جي ڪسوٽيءَ ۽ معيار تي پرکي ٿو. تنهن ڪري ماده پرستن جو اهو خيال غير عقلي معلوم ٿئي ٿو تہ انسان سميت هيءَ دنيا ۽ هن دنيا جي هر شئي پاڻ مرادو بي مقصد ۽ ڪنهن عظيم تر خالق کان سواءِ وجود ۾ اچي وئي آهي تنهن ڪري اسان کي پنهنجي وقت کي ضايع ڪرڻ کان بچائڻ خاطر اٽڪر ۽ لازمي طور مذهب ۽ دين ڏانهن واجهائڻو پوي ٿو. جيتوڻيڪ دنيا ۾ مذهب تمام گهڻا آهن پر سڀني مذهبن ۾ خدا جي موجود هجڻ، نيڪ عمل ڪرڻ ۽ مرڻ کانپوءِ واري زندگي يعني آخرت جو تصور موجود آهي.

اسين جيئن تہ الله تعاليٰ جي طرفان موڪليل آخري پيغمبر ۽ نبي سڳوري حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي تعليم (قرآن، حديث) تي يقين رکندڙ آهيون، تنهن ڪري اسان کي ان تعليم جي روشنيءَ ۾ پنهنجي وقت جو صحيح صحيح استعمال ڪرڻ گهرجي جنهن سان اسان جي دنياوي زندگي بہ سڦل ۽ ڪارائتي ٿئي ۽ آخرت واري زندگي بہ ان جي نتيجي ۾ ڪارائتي ۽ ڀلائيءَ واري ٿئي. قرآن ۾ انسان جي پيدائش جو مقصد "الله تعاليٰ جي عبادت" قرار ڏنو ويو آهي. عبادت لفظ جي سمجهاڻيءَ خاطر قرآن حڪيم ۾ نبين سڳورن عہ جي زندگيءَ جي واقعن ۽ حالتن کي بيان ڪيو ويو آهي، جنهن مطابق الله تعاليٰ جي راضپي خاطر ڪيل هر ڪم عبادت ۾ شامل آهي. تنهن ڪري هر انسان کي زندگيءَ گذارڻ لاءِ مليل وقت جو استعمال سوچي سمجهي، نفعي نقصان جو خيال رکي ڪرڻ گهرجي، نہ رڳو دنياوي نفعي نقصان پر گڏوگڏ آخرت جي موچاري ٿيڻ ۽ رب سائين جي راضپي کي پڻ نظر ۾ رکڻ گهرجي. هڪ مسلمان لاءِ آخرت جي ڀلائي ۽ الله تعاليٰ جو راضپو هڪ مقصد ۾ نصب العين آهي، زندگيءَ جو سڀ کان وڏو ڪم جنهن طرف اڳتي وڌڻ لاءِ ڪيس زندگيءَ جو هر سيڪنڊ مليل آهي. تنهن ڪري حياتيءَ جو هر سيڪنڊ ڪيس ان رخ ۾ خرچ ڪرڻو پوندو نہ تہ ٻي صورت ۾ (يعني وقت کي ضايع ڪرڻ جي صورت ۾ يا وقت کي ان جي نصب العين جي مخالف رخ ۾ خرچ ڪرڻ جي صورت ۾) هُو پنهنجي مقصد ۽ نصب العين کان پري ٿيندو ويندو، مقصد ۽ نصب العين کان دوريءَ جي صورت ۾ ٿيل نقصان جو انجام ڪيس هن حالت ۾ ڀوڳڻو پوندو، جنهن کي قرآن ۾ "دردناڪ عذاب" چيو ويو آهي.

اسين پنهنجي وقت جي استعمال جي معاملي ۾ پنهنجي مقصد ۽ نصب العين جي ڪيترو ويجهو آهيون ۽ ان کان ڪيترو پري؟ ان سوال جو جواب اسان کي پنهنجو پاڻ کان پڇڻ گهرجي. ڏٺو وڃي تہ وقت هڪ امانت آهي جيڪا اسان کي تخليق ڪرڻ واري هڪ بلند مقصد جي حاصلات لاءِ اسان کي عطا فرمائي آهي، تنهن ڪري اسان کي پنهنجي هر پل جو حساب ڪتاب رکڻو پوندو تہ اسين ان ۾ ڇا ڪري رهيا آهيون، ڇا ڏسي رهيا آهيون ۽ ڇا ٻڌي رهيا آهيون؟ اڄڪلهہ جي جديد سائنسي دور ۾ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جا نت نوان اوزار ۽ وسيلا ايجاد ٿي عام ماڻهوءَ جي هٿن ۾ اچي چڪا آهن، جن جي استعمال جي معاملي ۾ اسان پاڻ کي آزاد ۽ خودمختيار سمجهون ٿا پر اسان کي ان معاملي ۾ پنهنجي خالق ۽ پالڻهار پاران ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ مقرر ڪيل حدن جو لحاظ رکڻو پوندو ڇاڪاڻ تہ ٻي صورت ۾ قدرت جي مڪافات عمل کان ڪو بہ مٿانهون ڪونهي.

# پائيدار ترقي لاءِ 2030 جي عالمي ايجنڊا

اسحاق احمد سومرو

دنيا ۾ 2030 تائين پائيدار ترقي لاءِ هڪ جامع ايجنڊا جيڪا سيپٽمبر 2015 ۾ اقوام متحده جي سڀني ميمبر ملڪن جي طرفان پائيدار ترقي ايجنڊا براءِ 2030 جي نالي سان تشڪيل ڏني. اها ايجنڊا پوري دنيا جي سڀني ملڪن ۾ پائيدار خوشحالي،سماجي شموليت ۽ برابري جي لاءِ هڪ مڪمل منصوبو هو. انهن حدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سموري دنيا جا ملڪ سرگرم عمل آهن. جيئن ته پائيدار ترقي جي ملڪن ان جي منظوري ڏني ۽ ان لاءِ ايس ڊي جيز کي مارچ 2016 ۾ قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪيوويو. جتي هن عالمي ترقياتي ايجنڊا کي متفقہ حمايت سان منظور ڪيوويو جنهن سان (ايس جي ڊيز) جي ايجنڊا اسان جي ملڪ جي قومي ايجنڊا بڻجي وئي.

ان سلسلي ۾ فوري طور تي قومي اسيمبلي جي بلڊنگ ۾ ديرپا ترقي جي انهن هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ (ايس ڊي جيز) سيڪريٽريٽ قائم ڪئي وئي.ان سان گڏو گڏ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين بشمول گلگت بلتستان، آزاد ڪشمير جي چونڊيل نمائندن تي مشتمل ٽاسڪ فورسز جو قيام عمل ۾ آندو ويو.قومي ۽ صوبائي سطح تي ترجيحي فريم ورڪس جوڙيا ويا.پر اهو سڀ ڪجهه جوڙڻ جي باوجود پاڪستان ۾ رهندڙ عام ماڻهن، عورتن، نوجوانن، وڏي عمر جي



بزرگن، معذورن، سرڪاري، غيرسرڪاري توڙي پرائيويٽ سيڪٽر ۾ ڪم ڪندڙ هارين، مزدورن ايستائين جو وڏا ڪاروباري ماڻهو به هن عالمي، قومي ۽ صوبائي سطح تي ترجيحي ترقياتي ايجنڊا جي مقصدن توڙي هدفن کان ناواقف آهن. بدقسمتي سان هزارسالہ ترقياتي هدفن جن کي "ملينيم ڊولپمينٽ گولز" ( ايم ڊي جيز) چيو ويندو هو، کي حاصل نہ ڪري سگهڻ پويان پڻ ان متعلق عوام ۾ آگاهي جو نہ هجڻ ٻڌايو وڃي ٿو. جيڪي هدف 2000 ۾ نئين ملينيم شروع ٿيڻ تي طئہ ڪيا ويا هئا تي جو ٽارگيٽ 2015 تائين رکيو ويو هو.

پاڪستان ۾ 2030 تائين ترقياتي حدفن جي حصول کي يقيني بڻائڻ لاءِ ۽ ان جي ايجنڊا جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ انهن عالمي، قومي ترجيحي گولزءِ ان جي مقصدن کي سمجهڻ لاءِ انهن کي آسان زبان ۾ تحرير ڪري وڏي پيماني تي اجاگر ڪيو وڃي. ترقياتي اشارن(اينڊيڪيٽرس) کي بہ اردو توڙي ٻين، خاص طورتي سنڌي ٻولي ۾ وڌ کان وڌ شايع ڪيو وڃي جيئن معاشري جو هر فرد حڪومتي واعدن جي ڄاڻ کان محروم نہ رهجي وڃي. ڇاڪاڻ تہ ترقي جو پهريون شرط صحيح ۽ بروقت ماڻهن تائين معلومات پهچائڻ پڻ آهي، ان لاءِ ترقياتي حدفن جي پس منظر کان وٺي 2030 تائين جي ترقي جي ترجيحي ايجنڊا کي وڏي پيماني تي عملدرآمد لاءِ ملڪي توڙي صوبائي سطح تي ٿيندڙ ڪوششن جي آگاهي ڏيڻ تمام ضروري آهي.

2030 جي پائيدار ترقي لاءِ جيڪي سترهن هدف طئہ ڪيا ويا آهن. انهن ۾ سڀ کان پهريون ترجيحي هدف، غربت جو خاتمو آهي. ان کان پوءِ بک جو خاتمو سٺي صحت ۽ بهتر زندگي، معياري تعليم، صنفي مساوات، صاف پاڻي ۽ حفظان صحت، سستي ۽ عمده توانائي، سٺو ڪم ۽ اقتصادي ترقي، صنعت، جدت ۽ بنيادي ڍانچو، عدم مساوات جو خاتمو، پائيدار شهر ۽ آباديون، ذميوار کپت ۽ پيداوار، موسمياتي تحرڪ، آبي حيات، خشڪي تي زندگي، امن، انصاف ۽ مضبوط ادارا، مقصدن لاءِ شراڪت داري.

انهن 17 هدفن غربت جي خاتمي مان مراد آهي تہ ڪوبہ فرد پوڻا ٻہ ڊالرن کان گهٽ نہ ڪمائي، سندس خوراڪ چوويهہ سوڪيلريز کان گهٽ نہ هجي. صحت جون سهولتون سڀني لاءِ يقيني هجن، صرف تعليم نہ پر بهتر تعليم ڏني وڃي، پيئڻ جي صاف پاڻي سان گڏ پيشاب ۽ ڪاڪوس جون سهولتون فراهم هجن، مناسب اقتصادي واڌ سان گڏ انڊسٽري ۽ بهتر روڊن جو هجڻ، برابري ۽ جمهوريت جو نفاذ، ماحول دوست شهر، ضرورت مطابق پيداوار، ضرورت کان وڌيڪ نہ ڪائوءِ نہ ضايع ڪيو گلوبل وارمنگ تي ڪنٽرول، ساموندي ۽ جهنگلي حيات جو تحفظ، ادارن جي خودمختياري سان گڏ امن ۽ انصاف جو هجڻ، شراڪت داري ۽ هڪٻئي جو سهارو بڻجڻ، سستي ۽ آلودگي کان پاڪ انرجي، بجلي پيدا ڪرڻ جو 2030 تائين دنيا جي ملڪن کي ٽارگيٽ ڏنو ويو آهي تہ هو پنهنجيون پاليسيون، منصوبا، وسيلن جي منصفانا ورڇ، نگراني ۽ جانچ جواهڙو نظام جوڙين جيئن 2030 جي هدفن کي حاصل ڪري سگهجي.

ان لاءِ چونڊيل نمائندن، نوجوانن، تدريسي عملي، سول سوسائٽي، ميڊيا توڙي سياسي ڪارڪنن جو ڪردار انتهائي اهم بڻجي ٿوجن جي گڏيل تعاون سان ئي ڪاميابي ملي سگهي ٿي.

هن وقت پاڪستان ايس ڊي جي جي انڊيڪيٽرس ۾ دنيا جي 156 ملڪن مان 123 نمبر تي آهي، پر علاقائي تناظر ۾ اسان جي ملڪ جي شرح ڏکڻ ايشيا جي ملڪن ۾ گهٽ ۾ گهٽ آهي. جيڪو اسڪور پاڪستان لاءِ ڳڻتيءَ جوڳو آهي. اسين پاڪستان جي مستقبل کي ان وقت ئي خوشحال بڻائي سگهون ٿا. جڏهن اسين پنهنجي عوام ۽ ايس ڊي جيز ايجنڊا تي عمل درآمد ڪرڻ لاءِ سرمايہ ڪاري ڪري. ڪامياب شراڪت جي ذريعي حقيقي نتيجا حاصل ڪري سگهون ٿا.

دنيا جي ملڪن ۾ پاڪستان ايس ڊي جيز گولز تي عمل درآمد ڪرڻ وارن ملڪن ۾ تمام پوئتي آهي، 2016 ۾ پاڪستان 115 نمبر تي هو جيڪو 2017 ۾ گهٽجي 117 تي پهتو جنهن کانپوءِ 2018 ۾ 122 نمبر تي، 2019 ۾ اجا بہ وڌيڪ پوئتي 130 نمبر تي هليو ويو، جيڪي اشارا ظاهر ڪن ٿا تہ پاڪستان جي خراب حڪمراني، بيروني قرضن جو دٻاءُ، کاڌ خوراڪ جون شيون خاص طور تي ڪڻڪ ۽ ڪنڊ ٻاهران گهرائي ملڪي ضرورتون پوريون ڪرڻ جهڙا ڳنڀير مسئلا نشاندهي ڪن ٿا تہ 2030 ايجنڊا براءِ پائيدار ترقي جا هدف حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت پاڪستان کي تڪڙا مناسب قدم کڻڻا پوندا ٻي صورت ۾ اسان 2030 تائين انهي خوشحالي جي عالمي ايجنڊا کي رسي نہ سگهنداسون.

# سنڌ جي آبپاشي سرشتي جي تاريخ

ايم ايڇ پنهور / سنڌيڪار: نزاڪت علي

سڄي ڏکڻ ايشيا ۾ زراعت جي شروعات اڄ کان 8500 سال اڳ ڪڇيءَ جي پٽن ۾ سبي ۽ ڍاڍر کان 13 ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ مهر ڳڙهه کان ٿي. هيءُ علائقو قديمي دور کان وٺي 1740ع تائين سنڌ جو حصو رهيو آهي. جڏهن نادر شاهه دهلي (1739ع) ۽ سنڌ (1740ع) فتح ڪئي ته هي علائقو سنڌ کان ڪسي قلات جي خان کي ڏنو جنهن مان هاڻوڪو بلوچستان صوبو ٺهيو.

مٿين دور ۾ مينهوڳي نئن بولان منڇر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي، جتان اڙل واهه رستي سنڌوءَ سان وڃي ملندي هئي.

مٿين دور ۾ سراسري مينهن اڄ کان 2.5 کان 3.5 ڀيرا وڌيڪ پوندو هو. جيڪو اڪثر سياري جي مند ۾ پوندو هو. ٿر ۽ ڪوهستان ۾ پلوڙ چراگاهه هئا. منهنڊيون وسنديون بولان نئن کان منڇر جي وچ ۾ وسڻ لڳيون ۽ ماڻهو ڪڻڪ، ٻاجهر، تيلي ٻج، سبزيون، ٻيريون ۽ ڪجيون پوکڻ لڳا. اها بنيادي طور تي باراني زراعت هئي. ڪن هيٺانهين ترائن ۾ بيٺل مينهن واري پاڻي جي ريج تي



سکر بئراج جو هڪ منظر

ڪجھ پوکون ڪيون وينديون هيون.

دادو ضلعي جي ماڻهن اهو ڳولي لڌو تہ چشمن جي پاڻيءَ تي ڪيل پوکون، ريجيل، سيلابي ۽ باراني پوکن جي پيٽ ۾ وڌيڪ اُپت ڏين ٿيون. اهڙيءَ طرح هزارين ايڪڙ ضلعي جي ڏاکڻين پاسي موجود 50 ڪن چشمن تي آباد ٿيڻ لڳا.

4250 ق.م کان 3750 ق.م جي وچ ۾ آبهوا ٿوري خشڪ ٿي وئي. دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي ماڻهن پنهنجين ٻنين تائين پاڻي پهچائڻ لاءِ مينهونڳي نئين ۽ وهڪرن تي بند ٻڌڻ شروع ڪيا. اهڙيءَ طرح ريج زمين 2.5 ڪان ميٽر هيٺ تائين ٿي ويو. اهڙي ريج يا وٽ تي ربيع جا فصل پوکيا ويندا هئا. مٽين اڏاوتن کي گبربند ڪوٺيو ويو. جيڪي اڄ تائين موجود آهن.

قديم دور ۾ سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن سان اٽڪل 1520 ميلن جي ايراضي تي گهاٽن ٻيلن جي ڪري ماڻهو سنڌ جي ميداني علائقن ۾ آباد ٿيڻ کان ڊڄندو هو پر ضرورت هن کي مجبور ڪيو ۽ هُو آمري وٽ جبل جي ڪڇ ۾ 3750 ق.م ۾ اچي آباد ٿيو. هن ٻيلا وڍڻ شروع ڪيا ۽ جڏهن آڪٽوبر مهيني ۾ درياءَ لهي ويندو هو تہ ريجيل سيلابي زمين تي ربيع جا فصل پوکڻ لڳو جنهن جي في ايڪڙ پيداوار چشمن ۽ گبر بندن تي ڪيل پوک کان ٻہ وڌيڪ هئي، جو تہ سنڌو پاران آندل لٽ وڌيڪ طاقتور ۽ سنڌ جي اولاهين ڪوهستان جي پيٽ ۾ گهٽ فاسفورس وارو هو.

جيتوڻيڪ اهو ڪورتيل ۽ سوچيل سمجهيل يا هٿرادو آبپاشي جو سرشتو نہ هو، جو تہ سڄي سنڌوءَ جو سيلابي علائقو ٻورڻ، ڀورين، ڍنڍن ۽ ترائين سان ڀريو پيو هو. سال 3500 ق.م کان پوءِ جڏهن سنڌوءَ ۽ ان جي ڇاڙن پنهنجا رخ مٽايا تہ ماڻهن اهو سکي ورتو تہ ڪيئن هٿرادو طرح ڪٽ ڏئي انهن ڦٽل واهڙن وسيلي پاڻي درياءَ ڏانهن نيڪال ڪري سگهجي ٿو. اهڙي طرح اهو پاڻيءَ جي نيڪال جو رتيل ۽ رواجي سرشتو ٿي پيو جنهن سان هيٺانهين واريون ٻنيون فصلن لاءِ مهيا ٿي پيون.

هيءَ طريقو وڌيڪ 800 سالن تائين هلندو رهيو. 2500 ق.م کان مينهن وڌيڪ پوڻ لڳا ۽ سنڌوءَ ماڻري ۾ وڌيڪ زمين ٻيلن کان خالي ڪرائي وئي تہ جيئن مذهبي اڳواڻن، ڪامورا شاهي، فنڪارن ۽ واپارين جي کاڌ خوراڪ لاءِ وڌيڪ اناج اُپائي سگهجي. هن صورتحال سنڌو ماتر جي سڀيتا جو بنياد وڌو جيڪا موهن جي دڙي، چاهو دڙي، ليهمي جي دڙي ۽ سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي ماڳن مڪانن جي روپ ۾ ملي ٿي. هي دور 2500 ق.م کان 2000 ق.م تائين سني مينهونڳيءَ وارو دور هو جنهن ۾ سنڌو ماتر جي سڀيتا ان وقت جي مصري ۽ ميسوپوٽيما سڀيتائن جي پيٽ ۾ گهڻي وڌي ۽ ويجهي. انهيءَ دور ۾ رڳو ربيع جا فصل پوکيا ويندا هئا.

2000 ق.م جي لڳ ڀڳ مينهن جو گهٽ پوڻ ۽ سوڪهڙي جو شروع ٿيڻ. سرسورتي- درشدوتي نديون سڪڻ لڳيون ۽ اڳين ڪجھ سئو سالن ۾ مڪمل خشڪ ٿي سکي ويون. اڄ ڏکڻ ايشيا جون گم ٿيل نديون آهن.

سوڪهڙي نہ رڳو اناج جي پيداوار کي گهٽايو پر آباد ايراضي ۽ آدمشماري پڻ گهٽائي ڇڏي. موهن جي دڙي جي ماڻهن پوءِ ٿر ۽ ڪوهستان جي ريگستانن ۾ وڌيڪ جانور رکڻ شروع ڪيا، انهيءَ علائقن جي پيٽ ۾ جتي ختم ٿيندا پئي ويا، جتي سوڪهڙو گهٽ مينهن سان گڏ شروع ٿي ويو ۽ اڄ ڏينهن تائين جاري آهي.

کاڌ خوراڪ جي اهڙي اٿهوند کي ختم ڪرڻ لاءِ 1950 ق. جي لڳ ڀڳ اترپرديش مان چانورن جو فصل سنڌ ۾ متعارف ڪرايو ويو جيڪو خريف جو فصل هو ان کان سواءِ خريف جا ٻہ ٻيا فصل جوئر ۽ ٻاجهر جيڪي اصل ۾ آفريڪي فصل آهن، سنڌ ۾ عربستان اپيٽ ۽ مهاراشتر مان آندا ويا. ٻاجهر آفريڪا مان مهاراشتر ۾ ڪيئن پهتي، اهو هڪ راز آهي ۽ آرڪيالاجي وٽ ان جو ڪو بہ جواب نہ آهي.

1300 ق.م کان 800 ق.م تائين مٽي ڇاڻايل سوڪهڙو جاري رهيو.

800 ق.م لڳ سنڌ ۾ سوڪهڙي ۾ ڪجھ گهٽتائي آئي. خريف جي پوکن جي ڪري سينٿيا لاڏو قبيلن جا جٿا وچ ايشيا مان لڏي راهڪي لاءِ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا.

550 ق.م تائين سنڌ ۾ آبهوا ۾ ڪجھ بهتري آئي، پر وچ ايشيا ۽ ايران جي آبهوا جيئن جو تيئن رهي، جنهن ڪري ريگستان جا رهواسي اکيمنائي لوڪ جتن جي روپ ۾ ظالم حڪمران طور منظم ٿيا ۽ نيل، فرات ۽ سنڌوءَ جي زرعي زمينن تي ڪاهون ڪري انهن مٿان ڳريون ڍلون رکيون. آبپاشي جي ڪري سنڌ سرسبز ۽ آسودي زمين هئي، جنهن ڪري انهن ظالم حاڪمن جو سال 519 ق.م کان 400 ق.م تائين سنڌ تي محصولن جو وڌيڪ بار رهيو تان جو سنڌ ان غلامي کان نجات ورتي.

سال 334 ق.م کان 324 ق.م جي

وچ ۾ آبهوا ۽ زراعت ۾ ڪجهہ سڌارو آيو. جنهن نيل ڪان سنڌوءَ جي علائقي تي سڪندر جي ڪاهہ آندي، سڪندر سنڌ ڪي تمام گهڻو سڪيو ۽ ستايو ڏنو ۽ ان جي راجائن ڪي ڦهري لڙاين ڪان پوءِ مات ڏني، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ انهن ۾ سگهہ ۽ قوت آبپاشي زراعت جي ڪري هئي.

321 ق.م ۾ موريا گهراڻي جي حڪومت جو پايو پيو. جن پاڻيءَ ڪي سائنسي انداز سان روڪڻ لاءِ موڳا ۽ زمين جي ڪچ لاءِ ٽياس متعارف ڪرايا. ان دور ۾ سنڌ، آبپاشي زراعت جي ڪري شاهوڪار هئي.

200 ق.م ڪان 350ع وارو دور سوڪهڙي وارو رهيو جنهن ڪري وچ ايشيائي قبيلا جهڙوڪ بيڪٽرائي (باختري) يوناني (180_80 ق.م)، سنٿال (80 ق.م_46ع) پارٿي (46_78ع)، ڪوشاڻ (65_283ع) ۽ ساسياني (283_356ع) سنڌ تي قابض ٿيا. آبپاشيءَ لاءِ هيءُ هڪ سٺو سنئوڻ هو ڇو تہ ان سان وچ ايشيا جي فصلن جون ڪوڙ ساريون جنسون ۽ اتان جا زرعي سڌارا هت آيا.

356ع ڪان 700ع وارو دور آبهوا جي لحاظ ڪان گرم رهيو جنهن ڪري سنڌوءَ ۾ پاڻي گهڻو رهيو ۽ وڏيڪ زمين آباد ٿي. ڪيترائي فصل جهڙوڪ ڪمند، ميوا ۽ ڀاڄيون جام لٿيون. ملڪ وليڪہ (456_499ع)، راءِ (499_641ع) ۽ برهمڻ (641_711ع) جي حڪومتن ۾ ڏاڍو شاهوڪار رهيو. ٻڌ مذهب جون سڀ يادگار عمارتون هن آبپاشي سهوليت جي ڪري تعمير ٿيون.

ستين صدي عيسوي جي پهرين چوٿار ۾ پونوچ سمنڊ جي ڪنڌي وارن ملڪن ۾ سوڪهڙو شروع ٿيو جنهن ڪري اتي معاشي بدحالي پيدا ٿي جنهن ڪري عيسائي علائقن ۾ اسلامي راڄ ۽ مذهب پکڙيو.

سنڌ ۾ 700ع ۾ آبهوا خشڪ ۽ سوڪهڙي واري رهي. سنڌوءَ پڻ 700ع ۾ پنهنجو رخ مٽايو ۽ ڏکڻ سنڌ جو پورو آبپاشي سرشتو تباهہ ٿي ويو. جنهن ڪري برهمڻ گهراڻي جي حڪومت ڪمزور ٿي ۽ عرب فاتحن هٿان شڪست کاڌي. ان ڪان سواءِ ڪوٽڙي بئراج جي آبپاشي ڪمانڊ ايراضي ۾ پڻ مدد ڪئي.

عربن سنڌ سوڪهڙي واري آبهوا ۽ آبپاشي سرشتي جي ڦِٽي تباهہ ٿيڻ جي نياڳ



ڪوٽڙي بئراج جو ٻوڏ ڪانپوءِ جو هڪ منظر



گڊو بئراج جو هڪ منظر

ڪري فتح ڪئي. جيئن تہ عرب گورنرن کي آبپاشي نهرن جو تجربو نہ هو ان ڪري اهو بحال نٿي سگهيو. خاص طرح سنڌ ۾ جتي درياءُ پنهنجو پاڻ ڪنارا ناهي وهيو ٿي ۽ سندس واهہ وهڪري سان پور وچوٽ ٿي پنهنجي لاهي تي درياءَ جي قتل وهڪرن ۽ چاڙن ۾ وهيا ٿي. عربن جي 140 سالن جي حڪومتن واري دور ڏهي چڙهايون، خانا جنگيون ۽ آخر ۾ مقامي عرب قبيلو هباري ڏنا، جن سنڌ فتح ڪري 171 سال (454ـ1011ع) تائين آزاد حڪومت ڪئي.

هبارين جي خوش قسمتي هئي جو انهن جي دور ۾ سال 900 کان 1200 تائين آبهوا ۾ تبديلي آئي. گهڻو مينهن پيو هماليہ ۾ وڏيڪ برف ڳرڻ ڪري سنڌوءَ ۽ سندس پرتي ڪندڙ ندين ۾ گهڻو پاڻي رهيو. سنڌ ۾ وڏيڪ واهہ کوٽيا ويا، جنهن ڪري وڏيڪ ايراضي پوکن هيٺ آئي. اهو سنڌ جو 2000 ق.م کان 1900ع تائين بهترين آبپاشي زراعت وارو دور رهيو. ملڪ خوشحال ۽ پرامن رهيو. جنهن ڪيترن ئي سياحن ۽ واپارين جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪرايو ۽ انهن کي سونهون ڪرڻ لاءِ ڪيترائي سنڌ سونهان لکت هيٺ آيا جن ۾ سنڌ جي فصلن سان گڏ سک ۽ سڻائي جو تفصيل پڻ ڏنل هو.

1011ع ۾ هبارين سان مٿي مائٽي ۽ ويجهن سماجي لڳ لاڳاپن جي ڪري سومرا پُرامن طور اقتدار تي ويٺا، جن 350 سال سک ۽ سلامتيءَ سان حڪومت ڪئي. آخر ۾ سندن بدنصيبي 1250ع ۾ آئي، جڏهن آبهوا ۾ تبديلي آئي. 1300ع ۾ سنڌوءَ پنهنجو رخ وري مٽيو. جنهن ڪري هلڪو سوڪهڙو ٿيو ۽ 1351ع ۾ مقامي آباديءَ پنهنجون وفاداريون سومرن کان ڦيرائي سمن سان ڪيون.

سمن 173 سال (1351ـ1524ع) حڪومت ڪئي. هلڪي سوڪهڙي ڪري سڄي هندستان ۾ زرعي پيداوار ۾ گهٽتائي آئي، نتيجي ۾ دهلي جي سلطنت جو 1351ع کان پوءِ زوال آيو. سنڌ دهلي سلطنت، وچ ايشيا جي مغلن يا ايرانين، عرب سلطنتن ۽ جنگي فتحن جي واڌو بار ۽ ٻاهرين ڌن يا ڍل وغيره جي نہ هئڻ ڪري پنهنجو پاڻ کي مضبوط آبپاشي سرشتي هيٺ سکيو ستابو رکيو. انهيءَ پرامن دور ۾ مقامي ثقافت ۽ ٻوليءَ ۾ نئين جدت ۽ سڌارا آيا. تعميراتي هنر ۾ نت نيون راهون ۽ ڪاريگريون آيون.

1450ع کان وچ ايشيا ۽ دنيا ۾ هلڪو برفاني دور شروع ٿيو. پهرين وچ ايشيائي قبيلا هڪٻئي تي فوقيت حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا ۽ آخرڪار مغلن بابر جي اڳواٽي ۾ ارغونن ۽ ترخانن کي هرات

۽ قنڌار مان لوڌي ڪڍيو پوءِ 1524ع ۾ سنڌ ۽ 1526ع ۾ دهلي فتح ڪيائون. هلڪي برفاني دور جي زور ۾ واڌ آئي ۽ ڏکڻ ايشيائي ندين ۾ پاڻي گهٽجي ويو. 1576ع ۾ اڪبر بادشاهہ جو پنهنجو نئون نهرايل گاديءَ جو هنڌ فتح پور سڪري ڦٽي ويو ڇو تہ جمنا نديءَ مان پاڻي اوستائين نہ ٿي پهتو. تڏ ۽ سوڪهڙي ۾ واڌ ڪري آبپاشي سرشتو بحال نہ ٿي سگهيو. سوڪهڙي وچ ايشيا مان وڏ ڪان وڏ ماڻهن کي مغلن جي دربار ۾ دهلي ۽ آگري آندو ٿي. مغل انهن ماڻهن کي نيون زمينون فتح ڪندا آباد ڪندا ٿي ويا، تان جو فتح ڪرڻ لاءِ باقي ڪجهہ نہ بچيو. مغل سلطنت جو 1680ع ڪان زوال شروع ٿيو جنهن جي حقيقي انت ٿيڻ ۾ وڌيڪ 170 سال لڳا.

ڪلهوڙن جي دور (1701-1783ع) ۾ سنڌ ڪجهہ سک جو ساهہ کنيو. 18 هين صدي جي پهريئن اڌ ۾ ٿڌي ۽ خشڪ آبهوا ڪان پوءِ ڪجهہ سال گرم رهيا ۽ جيئن تہ ڪلهوڙا بهترين واهہ اڏيندڙ هئا، تنهن ڪري انهن 50 سالن اندر 1754ع تائين 22 لک ايڪڙ زمين آباديءَ هيٺ آندي ۽ آدمشماري 30 لکن تائين پهتي، پر جلدي 1758ع ۾ ڪلهوڙن جي بدنصيبي شروع ٿي، جو درياءَ پنهنجو هالا-شهدادپور اتر ڪان اڏيري لال، نصرپور، شيخ پرڪيو، ٽنڊو محمد خان، ماتلي، تلهار، بدين، ڪڍڻ، لنواري ۽ ڪوري ڪريڪ وارو پراڻو رخ مٽائي هاڻوڪو هالا، مٽياري، ڪوٽڙي، جهرڪ، سجاول، ٺٽو ۽ ڪيٽي بندر وارو رخ ورتو. اهڙي تبديلي جي ڪري 10 لک ايڪڙ زمين غير آباد ٿي وئي ۽ آدمشماري 45 سيڪڙو وڃي رهي، ڇو تہ وڌيڪ خوراڪ موجود نہ رهي.

1758ع ڪان 1783ع وارا 25 سال خانا جنگي ۽ ويڙهاند ۾ رهيا. آدمشماري 14 لک ۽ آباديءَ هيٺ ايراضي 9 لک ايڪڙ وڃي بچي. ايندڙ 60 سال (1783ع ڪان 1843ع) ٽالپرن جي حڪومت رهي، جنهن ۾ آبپاشي سرشتو بحال نہ ٿي سگهيو، ڇو جو هلڪو برفاني دور ۽ سوڪهڙو 1850ع تائين هليو.

1850ع ڪان 1950ع تائين ڌرتيءَ جي گولي تي 1200ع ڪان پوءِ گرم ترين دور رهيو جنهن سنڌ ۾ انگريزن لاءِ سونهري دور آندو. انگريزن پنهنجي وڃڻ واري سال 1947ع تائين آباديءَ لائق ايراضي 9 لک ايڪڙن مان وڌائي 50 لک ايڪڙن تائين پهچائي. ويندي ويندي 1950ع ۾ سنڌ پنجاب پاڻي ناهہ ڪرايو ۽ ٻہ ڪوٽڙي ۽ گڊو بئراجن جون رٿائون رٿي ڏئي ويا.

سکر بئراج اڳئي 1932ع ۾ هلي چڪي هئي. ٻہ رٿيل بئراجون 1955ع ۽ 1962ع ۾ کوليون ويون. آباديءَ لائق ايراضي 140 لک ايڪڙن تائين پهتي ۽ آدمشماري پڻ 1931ع ڪان وڌيڪ تيزي سان وڌي جيڪا 1758ع ۾ صرف 30 لک هئي.

اسان آبپاشي جي سڌارن، واڌارن ۽ مليل سهولتن مان وڏ ۾ وڏ فائدو حاصل ڪرڻ تي وليڪن، رائن، برهمڻن، هبارين، سومرن، سمن، ڪلهوڙن ۽ انگريزن جي ڪيل ڪوشش کي ساراهيون ٿا جن پنهنجي دور جي مناسب آبهوائي حالتن مان ڀرپور فائدو ورتو پر پوءِ بہ انهن مان ڪو بہ ايترو سڀاڳو نہ هو جيترا مهرڳڙهہ ۽ موهن جي دڙي جا ماڻهو هئا، جڏهن مينهن اڄ ڪان 2.5 ڪان 3.5 ڀيرا وڌيڪ پوندو هو. جنهن دور ۾ مها سنڌو ماٿر جي سڀيتا اسري.



گڊو بئراج جو هڪ منظر

# سنڌ: برطانوي راڄ ۾ سنڌي هارين جي حقن لاءِ ڳڻ ڳوت

سليم انور عباسي

ڀهرين اپريل 1936ع تي سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسي کان ڌار ڪري صوبي جي حيثيت ۾ بحال ڪيو ويو تہ برطانوي راڄ پاران سنڌ جو ڀهريون گورنر سر لانسلاٽ گراهم ٿيو جنهن پاران ڏيهي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڏنل ڪيئي تجويزون گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع ۾ شامل ڪيون ويون. ساڳئي ايڪٽ هيٺ سنڌ هڪ خودمختيار صوبي جي حيثيت ماڻي. انگريزن جي دور ۾ سنڌ جي هارين جي حقن جو مسئلو ڪيڏو اهم هو تنهن جو اندازو ڊسپيچ نمبر 287 جي سري هيٺ "لنلٿگو پيپرز" ۾ گورنر سنڌ گراهم جي هندستان جي وائسراءِ ۽ گورنر جنرل لارڊلِنلٿگو (Lord Linlithgow)سان خط پٽ مان لڳائي سگهجي ٿو جنهن ۾ هُن اِن ڳالهہ تي حيرت جو اظهار ڪيو آهي تہ سنڌي هارين کي ڪنهن بہ اڳهہ حاصل هئڻ جي ڪا ضرورت ناهي تہ ڪرائي يا مقاطعي تي ڏنل زمين جي ڪا قانونسازي ٿئي. انگريزن سنڌ لاءِ ڪيترائي اهم ڪم ڪيا. نہ رڳو سنڌي سرڪاري ٻولي ڪيائون پر 1932ع ۾ سکر بئراج ٺاهي سنڌ جي آبپاشيءَ کي جديد بنيادن تي استوار ڪيو جنهن ڪانپوءِ هاڻ ٻيهر ايريگيشن سسٽم کي ري ماڊلنگ ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن لاءِ



سنڌ جي پاڻيءَ جي ماهرن پاران رٿيل سيوهڻ بئراج جي اڏاوت لاءِ سنڌ ايريگيشن ڊپارٽمينٽ، سنڌ ايگريڪلچر ڊپارٽمينٽ، SIDAءِ ٻيا ادارا گڏجي سنڌ جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. سنڌ جي هاريءَ کي زمين جو حق ڏيڻ بابت ويچارڻ گهرجي جنهن ۾ گورنر سنڌ کو به اهڙو فيصلو نه ڪيو جنهن ۾ اسيمبليءَ جي اجازت ڪانسواءِ مرضيءَ جا محصول ۾ ڍل جا اگهه لڳائي هارين جي دل رنجائي وڃي.

سنڌ جي سياسي صورتحال تي

گراهم جو لنلتگو ڏانهن خط

سرڪاري گهر

ڪراچي، 5 جون 1937ع

من موهٽا لارڊ لنلتگو.

هتي آئون اوهان کي سنڌ ۾ هاڻوڪي صورتحال سان منهن ڏيڻ لاءِ هڪ خط اماڻي رهيو آهيان. سيڪريٽري اسٽيٽ جي هدايتن موجب ٽي ڪاپيون لنڊن به موڪليون پيون وڃن.

اوهان جو پرجهلو

ايل —گراهم

پبلڪ سروس وهيڪل-

مانوارا هڪ وڏي منجهائيندڙ مامري بئراجي علائقن ۾ اگهن جي تڪ تور جي سوال تي اسان کي خيالن جي ڏي وٺ تي اُڀاريندا رهيا آهن.

ايل. 7-6-37

(مٿئين خط سان گڏ بند ٿيل عرضداشت)

اهو چوڻ اجا ته اڳوات ٿيندو ته آيا ضلعي نوابشاهه ۾ هڪ تعلقي هيڊ ڪوارٽر- ڪنڊيارو ۾ صوبائي ڪانگريس ڪاميٽيءَ پاران مسلم عوام جي اتحاد جي ڪوشش اڄاتري ڪاميابيءَ ڪان وڌيڪ آهي. ان ڳالهه کي لنوائي نٿو سگهجي ته وڏين رياستن ۾ پوکي ايراضي تي بنا حق حاصل هارين جي هاڻوڪي سرشتي هيٺ ڪانگريس احتجاجين لاءِ سنو مواد ۽ سبب آهي. گذريل سال دوران آئون پنهنجي صلاحڪارن ۾ مون سان ملڻ لاءِ اچڻ وارن ڪيترن ئي ٻين ماڻهن سان "هارپ يا مقاطعي تي هارين کي ڏنل پوکي زمين جي قانونسازيءَ" (Tenancy Legislation)جي مامري تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندو رهيو آهيان ۽ مون هڪڙي عام سهمتي ڏٺي، جنهن بابت اوهان سان اِها ڳالهه ونڊڻ لائق ناهيان ته سنڌ ۾ هارين کي ڪنهن به مُلهه ڪن به حقن جي ولوڙ ۽ ضرورت ناهي. سنڌ بابت خاص ڳالهه اِها آهي ته روينيو سسٽم، جيڪو هارين جي ايراضيءَ تي مالڪاڻي حق جي تصور تي ٻڌل هو چئي ٿو ته ايراضي رکڻ جو حق مالڪ جي پوکي ڪرڻ جي صلاحيت ڪان وڌيڪل نه هجي، جنهن جو اطلاق درحقيقت اهڙي ملڪ تي ڪيو پيو وڃي جتي ايراضي وڏن زميندارن ۾ ورهايل آهي. انهن مان اڪثريتي ٽائونز ۾ رهن ٿا ۽ انهن منجهان ڪجهه ئي پنهنجي ايراضين ۾ اصل پوکي ڪرڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا. عام طور هاري مقرر مدي بنا سال به سال پوکي ڪن ٿا ۽ پاڙي جي مد ۾ هو پوکيل فصل جو مجموعي پاڱو ادا ڪن ٿا، تنهن ڪري سنڌ جا ماڻهو ايڏا پنتي پيل آهن جوان ڏس ۾ آئون سمجهان ٿو ته اهو چوڻ سچ آهي ته زميندارن خلاف زرعي تحريڪن جا ڪي به اهڃاڻ نٿا نظراچن. پر وهنوار جي اِها صورتحال ڊگهي عرصي لاءِ جاري نٿي رهي سگهي ۽ آئون ان ڳالهه کي وڌيڪ اهم پانيان ٿو ته هارين کي پوکيءَ تي مالڪاڻي حق بابت قانونسازي ٿيڻ گهرجي. ٻئي پاسي آئون ان بابت پنهنجي وزيرن تي وڌيڪ زور نٿو وجهي سگهان، جن مان سيئي بذات خود زميندار آهن ۽ دل سان ڪنهن به تبديليءَ لاءِ سهمت ۽ قائل ناهن. انهن آڏو آئون اها دليل ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهيان ته ايندڙ عام چونڊن کان اڳ هارين ۾ پنهنجي حيثيت بابت ناانصافيءَ جو احساس اُڀري رهيو آهي. ان مدت دوران جيستائين هارين جي حقن بابت سڌارا نٿا آندا وڃن يا گهٽ ۾ گهٽ ان بابت ڪوشش نٿي ڪئي وڃي. وزيرن جي ڊگهي فوج رکندڙ موجوده حڪومت جي هيءَ پارليامينٽ جيڪڏهن بچي به وئي ته ايندڙ عام چونڊن ۾ سندن ٻيهر واپس ورڻ جا امڪان گهٽ آهن. ان عرصي دوران ڪانگريس عيوضين وسيلي پٽيدار جيڪي عام طور هاريءَ نالي سڃاتا وڃن ٿا ان گهرج ۾ حقيقت کي پروڙي وٺندا. جي ڪا بي واهر نه به بچي ته هارين جي ڪيس جي سگهه ۽ آئين پاران مليل هٿن جي سگهه سان هُو پنهنجي حق لاءِ آواز اٿاري سگهن ٿا.

اسين خاص طور تازن وڳوڙن سبب پريشان رهيا آهيون. هن پيري سکر ضلعي جي مُک ٽائون شڪارپور ۾ قرآن جي بيحرمتيءَ جي الزام جي نتيجي ۾ هندو-مسلمانن وچ ۾ نفرت ۽ ٽڪار جا احساس اُڀري رهيا آهن، انهيءَ وڳوڙ ۽ حيدرآباد ۾ ٿيل وڳوڙن ۽ ترتيب وار اپر سنڌ فرنٽيئر ۾ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ ميرپور ۽ رتي ديري جي وڳوڙن ۾ ويجهي هڪ جهڙائپ ڏسڻ ۾ اچي ٿي ته اسين بنياد پرستيءَ جي ڏيڪاءَ بجاءِ هڪ سازش گهرڻ جي تڪسات کي پڪڙڻ ۾ مدد نٿا ڪري

سگهون. اسان پنهنجي ڪرمنل انويسٽيگيشن ڊپارٽمينٽ پاران ڳولها ۾ پيچا ڳاڇا ڪري چڪا آهيون پر حيدرآباد واري وڳوڙ ۾ ڪا به اعتماد جوڳي معلومات پيش نه ڪئي وئي آهي ۽ ٿلهي ليکي چئي سگهجي ٿو ته اسين شڪارپور ۾ فساد کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ سوڀارا نه ٿيندا سون. مون پنهنجي وڏي وزير کي تجويز ڏني آهي ته ڪيس ان تصور تي بل منظور ڪرڻ گهرجي ته مسجدن جي رکوالن کي پابند ڪيو وڃي ته هو قرآن جا سيپارا ايئن وڪريل ۽ ڪليل حالت ۾ نه رکن. پر آئون ان خيال جو آهيان ته ضروري ناهي ته قرآن جا ساڙيل ۽ شهيد ڪيل مقدس پنا مسجدن سان تعلق رکندا هُجن. اهڙن واقعن بابت واحد اطمينان جوڳي خوبي اها آهي ته هر هڪ مامري ۾ ضلعي عملدارن انهيءَ معاملي کي سنڀالڻ ۽ ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ڦڙتيءَ جو مظاهرو ڪيو ويو نه ته اها انتهائي ناخوشگوار صورتحال ۾ تبديل ۽ واقعي خطرناڪ صورتحال ٿي پئي سگهي. صورتحال مڪمل طور خراب نه ٿي. وڳوڙ کي انتهائي ترت انداز ۾ ڪنٽرول ڪري امن بحال ڪيو ويو. آئون پانيان ٿو ته حيدرآباد ۾ وڳوڙ کي ڪنٽرول ڪرڻ جو ڪريڊٽ ڏکڻ سان تعلق رکندڙ هڪ هندو ڪليڪٽر ۽ هڪ انگريز ڊسٽرڪٽ سپرنٽينڊنٽ آف پوليس کي ڏيڻ گهرجي جن وڳوڙ کي پکڙجڻ کان بچائڻ لاءِ ترت ايڪشن ورتو جڏهن ته شڪارپور. جتي ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽرز نه هئڻ ڪارڻ معاملو وڌيڪ ڏکيو هو. وڳوڙ تي ڪنٽرول ڪرڻ جو ڪريڊٽ بنيادي طور تي هڪ سنڌي-هندو ڪليڪٽر ۽ هڪ سنڌي-هندو آفيسر ڊسٽرڪٽ سپرنٽينڊنٽ آف پوليس کي ڏيڻ گهرجي.

ڪنديارو ڪانگريس ۾ بحث هيٺ آيل موضوعن منجهان بئراجي علائقن ۾ "ڍل" (Assessment) جي وڌاءَ جو خطرو هيو. سچ هي آهي ته آبادڪاري جي نظرثاني جي حوالي سان هڪ انڪوائري ڪرڻ جو حڪم مون پاران ڏنو ويو ڇو ته بئراجي علائقن جي پهرين آبادڪاريءَ جو مدو هاڻوڪي روينيو سال جي آخر ۾ ختم ٿيڻ وارو آهي. آفيسرن کي ڍل جي سوال بابت جاچ ۽ معائني ڪرڻ جي هدف سان رپورٽون پيش ڪرڻ جي ذميواري سونپي وئي جيڪي هينئر منهنجي روينيو وزير سان سلهاڙيل آهن ۽ مون اجا تائين انهن رپورٽن کي ناهي ڏٺو پر آئون پانيان ٿو ته اُهي ڍل جي اگهن ۾ ڪجهه واڌ جي وڪالت ڪن ٿا. اهو ياد رکڻ گهرجي ته سنڌ ۾ فصل تي روينيو يا سالياني اُپت تي ڍل جو تخمينو ۽ واٽر ٽيڪس گڏيل آهن. ان جو ڪارڻ اِهو آهي ته هنن علائقن ۾ پوکيءَ جو دارودار مڪمل طور آبپاشيءَ تي آهي. هن وقت آئون ان بابت ڪجهه نٿو چئي سگهان ته اگهن ۾ واڌ جي حوالي سان پنهنجي وزيرن سان ناهه ڪي محفوظ ڪري سگهندس ۽ بي شڪ هينئر آئون پاڻ به اگهن ۾ واڌ جي حق ۾ آهيان. ۽ طريقيڪار ۽ ڪارروائيءَ جي اٿندڙ سوال تي منهنجا وزير مونسان سهمتي آهن. بمبئي لينڊ روينيو ڪوڊ، جيڪو سنڌ ۾ لاڳو آهي، ان هيٺ ايگزيڪيوٽو گورنمينٽ تي ڪا به پابنديءَ ذميواري ناهي ته هوءَ قانون سازن سان مشاورت ڪري ۽ هن مهل تائين آئون نٿو پانيان ته بمبئيءَ ۾ اهڙا مامرا ايريا آهن جتي قانون سازن سان مشاورت ڪئي ويندي رهي آهي. اڄ به اسان سيني جي يادگيرين ۾ بارڊوليءَ وڳوڙ چٽو آهي جيڪو جزوي طور ڪنهن به اگهه تي غير مناسب انداز ۾ اپريو جنهن ۾ روينيو آفيسر پاران "نظرثاني آبادڪاري جاچ" (Revision Settlement Enquiry) ڪوٺرائي وئي. هتي اسان انتهائي محتاط رهندي پراونشل سروس جي ٻن تجربيڪارن ۽ اعتبار جوڳن ميمبرن کي جاچ جي ذميواري ڏني پر اها ڳالهه يقيني آهي ته ڍل ۾ ڪنهن به واڌ خلاف هتي انتهائي وڌيڪ احساس آهي ۽ اهو ته ان احساس کي پوري صوبي ۾ ڪانگريس عيوضين پاران هٿي پئي ڏني وڃي. سنڌن مطالبن منجهان هڪ هي آهي ته اسيمبليءَ جي مشاورت ڪانسواءِ ڍل ۾ ڪنهن به صورت ڪو به واڌارو نه ٿيڻ گهرجي. باوجود جو آئون نٿو سمجهان ته آبادڪاري آفيسرن جي انتهائي مفصل تجويزن جي معائني لاءِ اسيمبلي مجاز باڊي آهي. سچي معاهدي ۾ مون کي ۽ منهنجي وزير کي ڪو گهٽ احساس ناهي ته حڪومت پاران ڪنهن فيصلي تي پهچڻ کان اڳ انهن تجويزن تي ڪجهه قسم جي بحث مباحثي جي اجازت ڏيڻ ڪپي. منهنجو لاڙو ان طرف آهي ته آئون ان صورت ۾ اسيمبليءَ آڏو نهراءُ رکان ته "نظرثاني آبادڪاري رپورٽن کي غور هيٺ آندو وڃي." بحث جي شروعات ۾ نهراءَ جو ميمبر انچارج وضاحت ڪندو ته اسيمبليءَ جي ميمبرن جي ٻڌٽي ڪانسواءِ حڪومت جو مفصل نتيجي تي پهچڻ جو ڪو به ارادو ناهي رهيو ۽ انهيءَ سبب ڪارڻ نهراءَ جي هيءَ صورت اختيار ڪئي پئي وڃي. هُو ان ڳالهه کي چٽو ڪندو ته اها حڪومت جي خواهش هئي ته هوءَ نتيجي تي پهچڻ کان اڳ سيني لاڳاپيل دلچسپي رکندڙ ڌرين جا ويچار ٻُڌي ۽ حڪم منظور ڪري جيئن ته هو ايئن ڪرڻ



جا مجاز ۽ خودمختيار آهن. جيئن تہ اسين هتي بئراج ايرياز ۾ نظرثانيءَ سان لاڳاپيل آهيون، آئون سمجهان ٿو تہ لائڊ بئراج ۽ ڪينالز اسڪيم جي مناسب ۽ موزون انتظام سازيءَ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ جي سيڪشن 52 جي سب سيڪشن (2) کي معنائن اندر منهنجي خاص ذميوارين منجهان هڪ ذميواري اها بہ آهي تہ اعتراض ڪان مٿانهين ان سوال کي اٿاريان. ظاهر آهي تہ اهو ڏکيو سوال هوندو ۽ جي آئون اڳواٽ ئي اهو ٿو سوچيان تہ اگهہ قبوليت جوڳا آهن ۽ آئون پنهنجي وزيرن کان سهمتي ۽ راضپو حاصل نٿو ڪري سگهان تہ هڪ انتهائي ڏکئي صورتحال اُڀرندي، ڀيهر جيڪڏهن آئون پنهنجي وزيرن جو راضپو حاصل ڪيان ٿو ۽ پنهنجي اسيمبليءَ ۾ اڪثريت جي عام منظوري حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهان ٿو تہ آئون ۽ منهنجا وزير انتهائي نازڪ پوزيشن ۾ هوندا. مونکي خبر ناهي تہ هينئر انهن قياسن تي اڳتي وڌڻ مناسب آهي يا نہ پر مونکي اها ڳالهہ يقيني طور ڏسڻ ۾ ٿي اچي تہ جيڪڏهن آئون پنهنجي وزيرن جي خواهش خلاف پنهنجي ذاتي حڪم وسيلي اگهن وڌائڻ لاءِ زور ٿو ڀريان تہ ان سان سياسي بحران اُڀري سگهي ٿو جيڪو سنڌ تائين محدود نہ هوندو. وري جي آئون پنهنجي وزيرن جي حمايت حاصل ڪيان ٿو پر هڪ اهڙي مضمون تي جتي ذاتي مفادن بجاءِ پارٽي وفاداري مضبوط هوندي ايوان جي اڪثريت جي حمايت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿو رهان تہ پوءِ مون کي اها ڳالهہ پلي پت ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪڏهن مون اسيمبليءَ جي احساسن کي لنوائيندي ڪارروائي اڳتي وڌائي تہ مونکي پنهنجي وزيرن جي شڪست ۽ زوال کي بہ ذهن ۾ آڻڻ گهرجي. مون هن مرحلي تي ان معاملي جو ذڪر ان ڪري ڪيو آهي جو مون کي پروڙ آهي تہ اهي انهن طبقن جي معاملن سان تعلق رکن ٿا، جن بابت اوهان ۽ سيڪريٽري اسٽيٽ مجاز آهيون تہ اهڙن مامرن بابت اوهانکي ممڪن طور سڀ کان ڀهرين معلومات هئڻ گهرجي.

ايل_ گراهم




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾
آئيڊياز 2022ع جي اسٽيرنگ ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وڊيو لنڪ وسيلي وزير اعظم شهباز شريف جي صدارت ۾
اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ٻوڏ جي صورتحال، پاڻيءَ جي نيڪال، ٻوڏ متاثرن جي بحالي ۽
ربيع جي فصل لاءِ ڪڻڪ جي ٻج جي ورهاست بابت اجلاس ۾ شريڪ آهي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾
يو اي اِي جي سفير مسٽر حماد عبيد ابراهيم الزابي سان ملاقات ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سعودي عرب پاران
ڪراچيءَ ۾ مقرر قونصل جنرل بندر فهد الدايل سان ملاقات ڪندي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾
اسپيشل اسسٽنٽ جاويد ناياب لغاريءَ سان ملاقات ڪندي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه جو وزير اعليٰ هائوس ۾ ٻارن کي پوليو جي ڦڙن پيارڻ سان "پوليو کان بچاءَ مهم" جو افتتاح ڪرڻ بعد ورتل گروپ فوٽو. ساڻس گڏ صحت جي وزير عذرا فضل پيچوهو، چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد اوڍو، سيڪريٽري هيلٿ ذوالفقار شاهه ڪو آرڊينيٽر اِي او سي فياض عباسي ۽ ٻيا نظر اچي رهيا آهن.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ هڪ ٻارڙيءَ کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ سان ”پوليو کان بچاءَ مهم“ جو افتتاح ڪندي. ان موقعي تي صحت جي وزير عذرا فضل پيچوهو ۽ چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت پڻ موجود آهن.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾
ارجنٽينا جي سفير مسٽر ليو اولڊو فرانسسڪو ساهورس سان ملاقات ڪندي.

# ”ميان جيَ ڳوٺ“ ۾

# مٽيءَ جي ٿانوَن جو ڪم، ڪاريگر ۽ آوِيون

علي محمد سومرو

چيو وڃي ٿو تہ ڪنڀارڪو ڪم ايترو پراڻو آهي جيتري انسان جي تهذيب آهي. هن ڪم جا 12 هزار سال آڳاٽا نشان چين مان لڌا ويا، جنهن ۾ تيار ٿيل ٿانوَ چڪ بدران هٿ سان ٺاهيل آهن.

8 هزار سال آڳاٽي دور جا مهر ڳڙهہ ۽ سنڌ جي آمري واري دڙي وٽان هٿ سان مٽي جا ٺاهيل ٿانو لڌا ويا آهن، جڏهن تہ عراق ۾ 400 سال ق. م جي دور جو چڪ هٿ آيو آهي، عراق ڪانپوءِ اهو هنر ايران آيو جتي چڪ جي ڪجهہ جديد صورت ٺهي، مصر ۾ بہ ڪنڀارڪا ٿانوءِ انهن ڪي پچائڻ لاءِ آوي هٿ آئي آهي . ايران وٽان بلوچستان ذريعي سيوهڻ ۾ ڪنڀارڪو هنر پهتو. جيڪو اتر توڙي وچولي سنڌ، لاڙ ٿر، ڪڇ ۽ گجرات جي مارواڙ علائقي ۾ پهتو.

ڪنڀار مٽيءَ جو ٿانءُ ٺاهيندو آهي ۽ عورت ان تي چٽسالي ڪندي آهي. ماضيءَ ۾ ڪنڀارن پاران ٺاهيل ٿانون جو ڪاروبار “آهت”وسيلي يعني ڪٽڪ، چانور يا ٻين ڪاڏي پيتي جي شين جي عيوض ٿيندو هو ۽ ڪنڀار پنهنجي “آهتي” ڪي سال جا سڀ ٿانو ڏيندو هو. جنهن ۾ مَٽن، دلن ڪان وٺي رڌ پچاءُ لاءِ دانگي، ڪُني ۽ ڪاڏو ڪائڻ لاءِ طباخ هوندو





هو جڏهن تہ مهمانن جي ماني لاءِ ڍاڪون هوندا هئا. ڪنير، ڪنيارڪو ڏنڊو ڪرڻ سبب ۽ هن ڏنڌي سان لاڳاپيل مخصوص لفظ ڳالهائڻ سبب سنڌي قوم جي هڪ هنري ۽ ثقافتي ايڪائي آهن، جنهن کي ڪميونٽي بہ چئي سگهجي ٿو.

ڪنيار پاڻ کا ذات ڪونهي پر ڊگهي عرصي تائين ڪنيارڪو ڪم ڪرڻ سبب اسان وٽ اها ذات سڏجي پئي. سنڌي ۾ ان (ڪنپ + ڪار) جو مطلب مٽي جو ڪم ڪرڻ وارو آهي جيڪو کهڙي بہ ذات وارو ڪري سگهي ٿو. اتر سنڌ ۾ ڪنيارڪو ڪم ڪندڙ جدا جدا ذاتيون آهن جن ۾ چنا ، جوکيا، پٽي، ڏڪر، سمان، سومرا، پنهور، جويا، زنگي، وغيره شامل آهن.

اتر سنڌ جي ئي تاريخي ضلعي شڪارپور جو تاريخي ڳوٺ " ميان جو ڳوٺ" بہ بنيادي طور تي علم، ادب ۽ هنرمندن جو ڳوٺ رهيو آهي. هن ڳوٺ ۾ علم ادب جي تاريخ سان گڏ مختلف هنرن جي بہ تاريخ ملي ٿي جن ۾ سڀ کان سگهارو هنر ڪنيارڪو نظر اچي ٿو. ميان جو ڳوٺ ۾ ڪنيارڪو ڪم ڪندڙ گهڻي ڀاڱي چنا ۽ ڍهر ذات سان واسطو رکن ٿا پر هو پنهنجي ڪم جي ڪري ڪنير سڏيا وڃن ٿا.

ميان جو ڳوٺ ۾ ورهاڱي کان اڳ کان وٺي ڪنيارڪو ڪم ٿيندو پيو اچي ۽ مٽيءَ جي ٿانون ٺاهڻ جا ڪيترائي ڪاريگر هن ڳوٺ پيدا ڪيا آهن جن ۾ سگهارو نانءُ عمر ڪنير، لعل بخش ڪنير ۽ موجوده دور جي ڪنيارڪي ڪم جي ڪاريگر ممتاز علي عرف منل ڪنير جو آهي جنهن جو ڪم ٻين ڪنيرن کان ٿورو مختلف ۽ منفرد آهي. جڏهن تہ ڪنيارڪي ڪم سان لاڳاپيل ٻين ڪاريگرن ۾ غلام نبي ڪنير، سچل ڪنير، علي بخش ڪنير ( مِينهل عرف ننڍي ڪنير جو والد ) علي ڪنير، (گلشن، روشن ۽ هدايت الله ڪنير جو والد) ڪمڻ ڪنير، اسماعيل ڪنير، پيرو ڪنير، ڪوڙو ڪنير ۽ ٻيا شامل آهن. انهن مڙني ڪاريگرن جا پنهنجي پنهنجي گهرن اندرچَڪَ لڳل هوندا هئا جن تي هو چيڪي مٽيءَ مان مختلف شڪلين ۽ ڊزائينن جا ٿانوَ ٺاهيندا هئا. انهن جي گهرن ۾ عورتون انهن ٿانوَن تي چٽسالي ڪنديون هيون.

متيءَ مان نهندڙ ٿانوَن ۾ گهڻي ڀاڱي هاڏر (جن ۾ مينهن ۽ ٻين جانورن کي کاڌ لاءِ چارو وجهي ڏبو آهي)، گنُدڙا (جن ۾ اگ اُن وجهي رکبو هو)، مَٽَ، دِلا، گهُگهيون، انهن جا ڍڪڻ، ڍڪڻيون، ماٽيون يا چاڏيون (جن ۾ ڏُڌ وجهي ان کي جهُڳي مکڻ ڪڍيو ويندو هو)، چُلهه جا مارنگ، پاٽ (جيڪا وڏي ٿالهه جو ڪم ڏيندي آهي، هاٽي انهن ۾ دڪانن تي ڏهي وڏي ويندي آهي)، پاٽڙا (جيڪي متيءَ جون پليٽون هونديون هيون جن ۾ چانورَ يا پٽُ وجهي کائبو هو)، متيءَ جا گلاس، پاندارا، (جن ۾ اڳي پئسا جمع ڪبا هئا)، ماني ٿاپڻ، وغيره شامل هئا. ميان جي ڳوٺ جا اهي ڪاريگر متيءَ جا ٿانوَ ناهڻ لاءِ سڀ کان پهرين صبح جو سويل بيگاري يا ڪنهن ٻئي واهه مان گڏهن تي جيڪي متي ڍوئي ايندا هئا، جيڪا گهر ۾ ٻسائي ان کي ڳوهي پوءِ چڳ تي رکي انهن مان مختلف شڪلين جا ٿانوَ ناهيندا هئا، جن کي وري سُڪڻ لاءِ اس تي رکيو ويندو هو، جنهن کان پوءِ نيري يا ناسي رنگ سان انهن ٿانوَن تي مختلف قسم جا گل ٻوٽا، ڊزائينون يا وري ليڪون ڪڍيون وينديون هيون جن سان انهن ٿانوَن جي سونهن ۾ اضافو ٿيندو هو.

ان مرحلي ڪانپوءِ وري ٿانوَن کي پچائڻ لاءِ آوِي ۾ وڌو ويندو هو ۽ پوءِ ان کي باهه ڏني ويندي هئي، ٽن ڏينهن تائين اهي ڪچا ٿانوَ آوي ۾ پچندا هئا جنهن ڪانپوءِ آوي کي کولي انهن ٿانوَن کي گدامن ۾ رکيو ويندو هو جتان پوءِ وري ڪجهه ٿانوَ دڪانن تي سجائي رکيا ويندا هئا ته وري گهڻي ڀاڱي ٻاهر وڪري لاءِ موڪليا ويندا هئا. جيڪي متيءَ مان ناهيل اهي ٿانوَ جڏهن آويءَ مان پچي نڪرندا آهن ته پوءِ انهن کي ٺِڪر جا ٿانوَ چيو ويندو آهي، جو ته اهي باهه ۾ پچي ٺِڪر ٿي وڃن ٿا..

ميان جوڳوٺ ۾ لڳ ڀڳ اَٽ ڪن آويون هونديون هيون، جن ۾ متيءَ جي ڪچن ٿانوَن کي وجهي پچايو ويندو هو. جن مان هڪ آوي علي بخش ڪنير (مِينهل عرف ننڍي ڪنير جو والد)، ٻي لعل بخش ڪنير، ٽين عمر ڪنير، چوٿين ممتاز عرف منل ڪنير، پنجين غلام نبي ڪنير، ڇهين سچل ڪنير، ستين سعدالله، اٺين علي (گلشن، روشن ۽ هدايت الله جو والد) ۽ ٻيري ڪنير وارن جي هوندي هئي.

علي بخش ڪنير ۽ لعل بخش وارن جي آوي انهن جي گهر ۾ هوندي هئي، علي ۽ ٻيري وارن جي آوي لالڻ پنهيار جي گهر وٽ شيخن واري گهٽي ۾ هوندي هئي، سعدالله ۽ ممتاز عرف منل ڪنير جون 2 آويون هن وقت عبدالخالق چنا ۽ احسان چنا جي گهرن ۽ انهن جي آڏو ٺهيل دڪانن واري جاءِ تي هونديون هيون، غلام نبي ڪنير جي آوي هن وقت ڊاڪٽر حمزه ۽ رباني ميڊيڪل واري دڪان جي پويان هوندي هئي، سچل ڪنير جي آوي هن وقت راشد شيخ جي سيلون واري لائين ۾ ٺهيل دڪانن جي پويان هوندي هئي.

آوين مان پچي راس ٿي نڪتل ٿانوَ گودامن ۽ دڪانن تي به عام رکيا ويندا هئا، جن مان سچل ڪنير، منل ڪنير، سعدالله ڪنير جا دڪان مشهور هئا جڏهن ته غلام نبي ڪنير جا ٿانوَ سندس اوطاق ۾ رکيل هوندا هئا ۽ باقي ٻين ڪنيرن جا ٿانوَ انهن جي گهرن ۾ ئي رکيل هوندا هئا جتان ٻهراڙيءَ جون عورتون پاڻ وچي پنهنجي ضرورت جا ٿانوَ وٺي اينديون هيون ۽ اهي آهت وسيلي وڪرو ڪندا هئا، يعني ٻهراڙي جا ماڻهو انهن کان ٿانوَ ڪڻي ويندا هئا ۽ ڪوبه اناج لهڻ تي انهن کي اناج جي صورت ۾ معاوضو ادا ڪندا هئا. (ان کي اقتصاديات جي علم ۾ "بارٽر سسٽم" چيو ويندو آهي. يعني جنسن جي بدلي جنس. سنڌ ۾ اهو وهنوار لڳ ڀڳ 1960ع واري ڏهاڪي تائين رهيو بعد ۾ روڪ رقم وسيلي ادائيگيءَ جو رواج وڌي ويو)

ان وقت اهي ٿانوَ نه رڳو آس پاس جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ وڪرو ٿيندا هئا پر انهن ٿانوَن جون ترڪون پرچي نل، جيڪب آباد، شڪارپور، سکر، پنجاب ۽ ڪوئيٽا تائين وينديون هيون ۽ ميان جو ڳوٺ ڪنيارڪي ڪم جي حوالي سان نه رڳو پوري سنڌ پر ملڪ ۾ به مشهور هو ۽ ان وقت ڪاروبار جي لحاظ کان به هي ڳوٺ گهٽو پاڻ پرو هو.

ميان جي ڳوٺ ۾ هي مشهور هنر ۽ ڪاروبار هوئڻ ته بلڪل ختم ٿي چڪو آهي پر اجا به علي ڪنير جو پٽ هدايت الله ڪنير ان ڪم کي ٿورو گهڻو جياريندو پيو اچي، هو ٿورا گهڻا متيءَ جا ٿانوَ ناهي پنهنجي گهر ۾ ئي ناهيل ننڍڙي آويءَ ۾ انهن کي پچائي مڙئي پنهنجي ٻچڙن جو روزگار ڪري رهيو آهي. جڏهن ته ڪاروبار جي لحاظ کان ميان جو ڳوٺ ۾ اڄ رڳو هڪ دڪان موجود آهي جيڪو سچل ڪنير جي پراڻي دڪان واري جاءِ تي هلي رهيو آهي. هن دڪان جا مالڪ شفيق احمد، سراج احمد سڏايو ۽ ان جا ڀائر آهن جيڪي اصل چوڏهيو ۽ شاهل سڏايو جا رهاڪو آهن ۽ هي جاڳڻ کان اهو مال ڪڻي اچي هتي وڪرو ڪن ٿا. هن دڪان ۾ رکيل ٿانوَن ۾ دلا، مٽَ، چاڏيون، پاندارا، حُقي جو بنيادي حصو ۽ ٻيا ٿانوَ موجود آهن پر انهن جو معيار ۽ اها اڳوڻي ڪاريگري نظر نه ٿي اچي.

### وراثت جي حوالي سان

# اسلام ۾ عورتن جو مقام

نور افشان

اسلام عورت جي مقام ۽ مرتبي کي بلند ڪرڻ وارين سمورين تحريڪن جي شروعات ڪندڙ آهي. هن ان تحريڪ جي اهڙي وقت ۾ اڳواٽي ڪئي جڏهن ٻيا معاشرا پوئتي پيل ۽ غير ترقي يافتا هئا. اسلام ۾ عورت مذهبي، سماجي ۽ قومي ذميوارين ۾ مرد جي برابر تصور ڪئي وئي آهي. اسلام جي نظر ۾ مرد ۽ عورت جي تخليق هڪجهڙي آهي، انهن ٻنهي جي قدر ۽ اهميت جو اندازو لڳائڻ لاءِ فقط هڪ معيار آهي جنهن جو تعلق نسل يا جنس سان نہ پر تقويٰ سان آهي. قرآن ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي: "اي ماڻهوو اسان توهان (سيني) کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو آهي ۽ توهان کي مختلف قومون ۽ قبيلا بڻايو آهي تہ جيئن هڪٻئي کي سڃاڻو. بيشڪ توهان مان وڏيڪ پرهيزگار الله وٽ وڏيڪ عزت وارو آهي." (الحجرات آيت-39) ۽ هڪ حديث ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن جو فرمان آهي: "بيشڪ عورتون ۽ مرد برابر آهن." (احمد، ابوداؤد) اسلام ٻنا ڪنهن فرق جي مرد ۽ عورت ٻنهي لاءِ آهي. عورتون عبادت، الله تعاليٰ جي پيغام کي پکيڙڻ ۽ مذهبي گهرجن پورين ڪرڻ ۾ مردن جي برابر آهن.

اسلام ۾ عورت مذهبي ۽ سماجي ذميوارين ۾ مرد جي برابر آهي، البتہ خانداني معاملن جون ذميواريون هوءَ مڙس ڏانهن منتقل ڪندي آهي. سندس سرپرست يا ڪٽنب ڪيس ڪنهن هنڌ شاديءَ لاءِ مجبور نٿو ڪري سگهي. شادي فقط سندس راضپي سان ئي عمل ۾ اچي سگهي ٿي. شاديءَ ڪانپوءِ هوءَ پنهنجي خانداني نالي کي باقي رکي سگهي ٿي. هوءَ مالي معاملن ۾ بہ مڪمل طور آزاد آهي ۽ پنهنجي سرمائي کي جيئن وڻيس خرچ ڪري سگهي ٿي.

اسلام ۾ عورت جي مقام ۽ مرتبي



ڪي مغرب پاران غلط سمجهيو ويو آهي. انهن سمجهيو آهي تہ مسلم معاشرن ۽ مسلمانن جو انفرادي موقف لازمي طور اسلامي عقيدن ۽ قانونن جي ترجماني ڪري ٿو. ان ڪان وڌيڪ ظلم اهو ٿيو تہ ڪجهہ جاهل مسلمان تولن اسلام ۾ عورت جي مقام بابت غلط تصورات قائم ڪيا يا اسلام جي خانداني قانونن جو غلط استعمال ڪيو. اسان ڪي ان ڳالهہ ڪي پڻ نظرانداز نہ ڪرڻ کپي تہ غير ترقي يافتہ ملڪن جي صورتحال جنهن ڪي عام طور عورت جي پست مقام سان ڳنڍيو ويو آهي، رڳو مسلمان ملڪن ۾ نہ پر ٽين دنيا جي ڪيترن ئي غير مسلمان ملڪن ۾ پڻ موجود آهي. ٻئي طرف ڪي مسلمان ليکڪ پڻ اسلام خلاف اهو ٻيجا تعصب پکيڙڻ جا ڏوهاري آهن. اسلام ۾ جديديت (Modernity) ڪي ثابت ڪرڻ جي جوش ۾ اهي ماڻهو فقط انهن ترڪيبي جزن جي چونڊ ڪن ٿا جيڪي مغربي نظام سان هڪجهڙائي رکندڙ آهن. اها تحريف دراصل اسلامي تمدن جي ڪليت جي فقط هڪ حصي ڪي پيش ڪري ٿي. حقيقت هيءَ آهي تہ عام تصورات جي ابتڙ اسلام عورتن جي مقام ۽ مرتبي ڪي مٿانهون ڪيو آهي. ڪين اهي انساني سماجي ۽ اقتصادي حق ڏنا آهن جيڪي ڪين اسلام کان اڳ نہ ڏنا ويا هئا. مسلمان عورت پنهنجو هڪ آزاد ۽ مستقل وجود رکي ٿي، هوءَ مذهبي فرضن جي ادائيگيءَ ۾، تعليم حاصل ڪرڻ ۾، پنهنجي عملن جي جزا ۾، پنهنجي عقيدن جي دفاع ۾ مردن جي برابر درجو رکي ٿي، ڪيس پنهنجي جائداد ۽ ملڪيت جي استعمال جو پورو پورو حق حاصل آهي. هوءَ پنهنجي جيون ساٿيءَ جي چونڊ ۾ آزاد آهي، ڪيس حق حاصل آهي تہ هوءَ پنهنجي طلاق جي اختيار جو مطالبو ڪري. ايئن ئي هوءَ پنهنجي مڙس ڪي ٻي شاديءَ جي اجازت نہ ڏيڻ جو حق پڻ نڪاح وقت گهري سگهي ٿي ۽ شاديءَ جي معاهدي ۾ ان جو اندراج ڪرائي سگهي ٿي.

حضرت آدم عہ جي زندگيءَ ۾ حصرت حوا عہ جي ڪردار تي ڪجهہ لکڻ جي ضرورت ڪونهي. مسلمان هن عام عقيدي ڪي نٿا مڃين تہ اها حضرت حوا هئي جنهن آدم عہ ڪي منع ڪيل ميوو کائڻ لاءِ راضي ڪيو هو. جنهن ڪري ٻنهي ڪي جنت مان نڪرڻو پيو. پر اهو شيطان هو جنهن حضرت آدم عہ جي دل ۾ وسوسو وڌو هو. جنهن جي قرآن شاهدي ڏئي ٿو: "شيطان انهن ٻنهي جي دلين ۾ وسوسو وڌو." (اعراف۔ 7) قرآن پاڻ شاهدي ڏيئي حوا ڪي ان تهمت کان بري قرار ڏنو آهي تہ هن آدم عہ ڪي هرڪايو هو.

حضرت موسيٰ عليہ السلام جي زندگيءَ ڪي ڏسجي تہ اندازو ٿيندو تہ سندن زندگيءَ ۾ چار عورتون هيون جن حضرت موسيٰ جي زندگيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو: سندس امڙ، ڀيڻ، فرعون جي گهرواري (جنهن ڪيس پاليو) ۽ حضرت شعيب عليہ السلام جي نياڻي جيڪا بعد ۾ سندس گهرواري بڻي.

حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي پاڪ زندگيءَ ۾ ٻن عورتن زبردست ڪردار ادا ڪيو آهي. سيرت طيبہ جي ڪتابن ۾ انهن عورتن جا شاندار ڪارناما ڄاڻايل آهن. اهي حضرت خديجہ رضہ ۽ حضرت عائشہ رضہ آهن. حضرت خديجہ رضہ پاڻ سڳورن صہ جي پهرين گهرواري هئي ۽ پاڻ سڳورن کان عمر ۾ پندرهن سال وڏي هئي. رسالت جي شروعاتي سالن ۾ اهو ضروري هيو تہ پاڻ سڳورن صہ جن جي گهرواري داناءَ، غمگسار ۽ وفادار هجي، جيڪو ڪم حضرت خديجہ رضہ ڀليءَ ڀت نڀايو.

حضرت عائشہ رضہ جيڪا سائنسي دماغ رکندڙ ۽ غير معمولي حافظي جي مالڪ هئي، رسول صہ جي تبليغ ۽ پرچار جي پختي دور ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هڪ غمگسار گهرواري هجڻ سان گڏوگڏ ڪيس تعليم، مذهب، سماجي لاڳاپن، عربي ٻولي، عرب جي تاريخ ۽ قرآن حديث جي تفسير تي عبور حاصل هو. هن پاڻ سڳورن صہ جي تعليمات ۽ روزمرهہ زندگيءَ جو ويجهڙائيءَ کان مشاهدو ڪيو هو. جنهن تي پاڻ سڳورن، حضرت عائشہ رضہ بابت فرمايو: "پنهنجي مذهب جو اڌ حصو هن عورت کان حاصل ڪريو.") (حديث)

اسلام ۾ عورت جي مقام بابت وڏي پئماني تي پکيڙيل غلط فهميءَ جو تعلق وراثت ۾ جنسي فرق سان آهي. ان سلسلي ۾ اهو دليل ڏنو ويندو آهي تہ وراثت ۾ مرد جو حصو عورت جي ڀيٽ ۾ ٻيڻو آهي، ڪجهہ تنقيد نگارن ان مان اهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ اسلام ۾ عورتون مردن جي ڀيٽ ۾ گهٽ درجو رکن ٿيون. اُهي تنقيد نگار عام طور قرآن مجيد جي سوره نساءِ جي هن آيت ڪي دليل طور پيش ڪن ٿا: "ڇوڪري لاءِ ٻن ڇوڪرين جيترو حصو آهي."

آيت جي هن حصي ڪي سڄي آيت جي روشنيءَ ۾ پڙهڻ گهرجي. ايئن ئي هن آيت ڪي انهن آيتن سان ملائي پڙهڻ گهرجي جيڪي اسلام ۾ وراثتي قانون جو سرچشمو آهن. هي آيتون قانون جو عملي ۽ واقعاتي نقطہ نظر پيش ڪن ٿيون ۽ اهو ٻڌائن ٿيون تہ ڇوڪريون ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ وراثت ۾

وڌيڪ يا اوترو يا گهٽ حصي جون مالڪ ٻڻجي سگهن ٿيون.

جاهليت واري دور ۾ عورتون هر قسم جي وراثت کان بلڪل محروم هيون. بلڪ اهي خود وراثت ۾ منتقل ٿينديون هيون. ماٽيجي ماءُ پٽ کي وراثت ۾ ملندي هئي. اهو اسلام ئي آهي جنهن عورتن کي وراثتي حق ڏنو. قرآن مجيد جو فرمان آهي: "ماءُ پيءُ ۽ مائٽن جي ڇڏيل ملڪيت مان ڇوڪرن جو حصو آهي ۽ اهڙيءَ ريت ماءُ پيءُ ۽ مائٽن جي ڇڏيل ملڪيت ۾ ڇوڪرين جو حصو آهي (حقدار هجڻ جي لحاظ کان ٻئي برابر آهن) ۽ اهو حصو ٿورو هجي يا گهڻو الله جو ٺهرايل آهي." (النساءِ- 7)

تنهن ڪري هتي مٿين آيتن ۾ وراثت جو اصول بيان ڪيو ويو آهي باقي رهيو سوال وراثت ۾ حصي جي مقدار جو ته اهو مختلف صورتن ۾ بدلجندو رهندو آهي. ٻين لفظن ۾ حالتن ۽ ذميوارين کي نظر ۾ رکندي ٻنهي پاسي حسابي طور اٽبرابري آهي. هينئر اسان کي وراثت ۾ حصن بابت آيتن تي نظر وجهڻ گهرجي. قرآن ۾ فرمان آهي:

"الله اوهان جي اولاد بابت اوهان کي وصيت ٿو ڪري. ته پٽ لاءِ (حصّو) ٻن ڌيئرن جي ڀاڱي جيترو آهي. ۽ جيڪڏهن (فقط) ڌيئرون ٻن کان وڌيڪ هجن ته (مُئل) جيڪي ڇڏيو تنهن جون ٻه ٽهايون اُنهن لاءِ آهن. ۽ جيڪڏهن (فقط) هڪ آهي ته اُن لاءِ اڌ آهي. ۽ مئل جيڪي ڇڏيو تنهن مان اُن جي ماءُ پيءُ هر هڪ لاءِ ڇهون ڀاڱو آهي (سو تڏهن) جڏهن اُن (مئل) کي اولاد هجي. ۽ جيڪڏهن اُن کي اولاد نه هُجي ۽ اُن جا وارث ماءُ پيءُ هجن ته ماٽس لاءِ ٽيون ڀاڱو (۽ باقي پڻس لاءِ) آهي. ۽ جيڪڏهن اُن (مئل) کي ڀائر هجن ته ماٽس لاءِ ڇهون حصّو آهي (اهو ورهاڱو) وصيّت (جي ادائيءَ کان پوءِ) جنهن لاءِ اُها وصيّت ڪيائين يا قرض جي ادائيءَ کانپوءِ (ڪرڻو) آهي. اوهان جا پيئر ۽ اوهان جا پُٽ. (اوهين) نه ڄاڻندا آهيو ته اُنهن مان ڪهڙو اوهان لاءِ فائدي جي ڪري وڌيڪ ويجهو آهي. (اهو ورهاڱو) الله جي (پارڪان) فرض ڪيل آهي. ڇوته الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ جيڪي (مال) اوهان جي زالن ڇڏيو تنهن جو اَڌ اوهان لاءِ آهي جيڪڏهن انهن کي ڪو وياءُ ڪونه هجي. پر جيڪڏهن اُنهن کي ڪو وياءُ هجي ته جيڪي ڇڏيائون تنهن مان چوٿون ڀاڱو وصيت (جي ادائيءَ کانپوءِ) جنهن لاءِ اُها وصيت ڪيائون يا قرض جي ادائيءَ کان پوءِ اوهان لاءِ آهي. ۽ جيڪي (مال) اوهان ڇڏيو تنهن مان جيڪڏهن اوهان کي ڪو وياءُ ڪونهي ته اُنهن (زالن) لاءِ چوٿون ڀاڱو آهي. ۽ جيڪڏهن اوهان کي وياءُ آهي ته جيڪي (مال) اوهان ڇڏيو تنهن مان وصيت (جي ادائيءَ) جنهن لاءِ اُها وصيت ڪئي اَٿَوَ يا قرض جي ادائيءَ کانپوءِ اُنهن (زالن) لاءِ اٺون ڀاڱو آهي. ۽ جيڪڏهن ڪو (مئل) مڙس يا زال ورثو ڇڏي (۽ اُهو) ڪلاله هجي (يعني جنهنکي ماءُ پيءُ ۽ وياءُ نه هجي) ۽ اُن کي (مائٽيتو) هڪ ڀاءُ يا هڪ ڀيڻ هجي ته اُنهن منجهان هر هڪ لاءِ ڇهون حصو آهي. ۽ جيڪڏهن اِنهن کان وڌيڪ هجي ته اُهي (سڀ) جا وصيت نقصان واري نه ڪئي ويئي هجي تنهن يا قرض جي ادائيءَ کانپوءِ ٽهائيءَ ۾ ڀائيوار آهن. اُهو الله جو حُڪم آهي. ۽ الله ڄاڻندڙ بُردبار آهي." (سوره النساء، آيت نمبر 11 ۽ 12)

هينئر هيءَ ڳالهه بلڪل واضح آهي ته حالتن مطابق عورتن جي ڀيٽ ۾ مرد جا حصا بدلجندا رهندا آهن: وڌيڪ، هڪ جيترو، گهٽ- ان جي نوعيت هينئين طرح ٿي سگهي ٿي:

(1) پٽ پنهنجي ڀيڻ جي ڀيٽ ۾ پنهنجي پيءُ جي ڇڏيل ملڪيت مان ٻيڻي حصي جو وارث ٿيندو.

(2) جيڪڏهن مري ويندڙ پنهنجي پويان والدين ۽ پنهنجا ٻار ڇڏي وڃي ٿو ته ان صورت ۾ ٻئي (ماءُ، پيءُ) وراثت ۾ برابر جا مالڪ هوندا. جيئن آيت ۾ فرمان آهي: "۽ مري ويل جي ماءُ پيءُ مان هر هڪ کي ڇڏيل ملڪيت جو ڇهون حصو ملندو پر اهو ان صورت ۾ جڏهن مري ويل جي اولاد هجي."

(3) ڇڏيل ملڪيت ۾ عورتن جو حصو وڌيڪ ان صورت ۾ ٿيندو جڏهن مري ويل پنهنجي پويان هڪ نياٽي ڇڏي هجي ۽ پيءُ- ته پوءِ نياٽيءَ کي ڇڏيل ملڪيت مان اڌ حصو ملندو ۽ پيءُ کي ڇهون حصو. "۽ جيڪڏهن اتي هڪ ئي ڀاءُ آهي (يعني نياٽي) ته پوءِ اڌ (نياٽيءَ لاءِ) ۽ مري ويل جي والدين مان هر هڪ لاءِ ڇهون حصو."

تنهن ڪري اسلام ۾ مرد ۽ عورت جو مقام مقرر ڪرڻ لاءِ (ته ڪير مٿانهون آهي ۽ ڪير گهٽ درجي وارو) وراثتي قانون مان دليل نٿو وٺي سگهجي. جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي ته اهي مخصوص حالتون ۽ ڪيفيتون آهن جن ۾ عورتون ڪڏهن ڇڏيل ملڪيت مان مردن کان وڌيڪ حصو وٺن ٿيون ۽ ڪڏهن گهٽ. بيشڪ وڌيڪ حصا انهن ماڻهن کي ڏنا ويا آهن جن جون ضرورتون وڌيڪ آهن ته جيئن هو پنهنجون معاشي ذميواريون پوريون ڪري سگهن. هڪ ڀيڻ ڀاءُ جو مثال وٺو ڀاءُ پنهنجي

خاندان جي سيني عورتن جو (جنهن ۾ سندس پنهنجي ڀيڻ پڻ شامل آهي) ذميوار آهي. پوءِ هُو شادي ڪري ٿو هُو حق مهر ادا ڪري ٿو. پنهنجي گهرواري ۽ ٻارن جي ذميواري قبول ڪري ٿو. ان جي ابتڙ سندس ڀيڻ شادي ڪري ٿي ته نه رڳو حق مهر وصول ڪري ٿي پر سندس معاشي ذميواريون پڻ سندس مڙس مٿان لاڳو ٿين ٿيون پر جيڪڏهن ڪنهن سبب ڪري هوءَ غير شادي شده رهي ٿي تڏهن به سندس معاشي ضرورتن جو ذميوار سندس ڀاءُ آهي.

حقيقت هيءَ آهي ته سوره نساءِ جي آيتن 11، 12 ۽ 176 ۾ وراثت جا اصول مقرر ڪيا ويا آهن جن جو تفصيل پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم بيان فرمايو آهي.

سعد بن الربيع جي گهرواري پنهنجي ٻنهي نياڻين کي وٺي رسول الله صہ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ۽ چيو يا رسول الله! هي ٻئي سعد بن ربيع جون ڌيئر آهن. سندن پيءُ احد جي جنگ ۾ شهيد ٿي ويو آهي ۽ سندن چاچي سندن جائداد تي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ سندن لاءِ ڪجهه به ناهي ڇڏيو. انهن جون شاديون سندن (پيءُ جي) مال ۽ دولت جي ڪري ٿيڻيون هيون (جيڪي ناهن ٿيون). پاڻ سڳورن فرمايو "خدا ان بابت ڪو فيصلو فرمائيندو. تنهن ڪري ميراث جون آيتون نازل ٿيون. پاڻ سڳورن انهن ٻارڙين جي چاچي کي گهرايو ۽ فرمايو ته سعد جي نياڻين کي سعد جي ڇڏيل ملڪيت مان ٻه ڀاڱي ٽي حصو ڏئي ڇڏ ۽ سندن ماءُ کي اٺون حصو ۽ باقي جيڪو بچي اهو تنهنجو آهي." (ترمذي)

ان مثال مان هيءَ ڳالهه واضح آهي ته هر نياڻيءَ 2/1 جي نسبت سان ڇڏيل ملڪيت مان پنهنجي چاچي کان وڌيڪ حصو ورتو. مثال طور ٻنهي نياڻين لاءِ 3/2، ماءُ لاءِ 8/1 ۽ چاچي لاءِ 24/5.

عورتون پنهنجي حقن جي ڳالهه ڪن ٿيون:

اسلامي فقه جي پهرئين دور ۾ اهڙين ڪيترين ئي مسلمان عورتن جا نالا ملن ٿا جن پنهنجي حقن لاءِ آواز بلند ڪيو آهي. هتي ان ڳالهه جو ذڪر دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو ته 1959ع ۾ شيخ شلتوت (اڳوڻو وائيس چانسلر جامع ازهر مصر) کي "عورتن جي حقن جي تحريڪ" لاءِ دليل ان ڳالهه ٻولهه مان مليو جيڪا پاڻ سڳورن صہ ۽ هنده بن عتبہ (ابو سفيان جي گهرواري) وچ ۾ هڪ آيت بابت ٿي هئي، جنهن ۾ عورتن کي اهو حق ڏنو ويو هو ته هُو هڪ مستقل آزاد شخصيت جي حيثيت سان قسم کڻن.

انهن حقن بابت ٻيو مثال سنت رسول صہ مان ملي ٿو. حضرت ابو هريره رضہ جي هڪ روايت ۾ اچي ٿو: "هڪ جوان عورت رسول صہ وٽ آئي ۽ چيو ته منهنجي پيءُ منهنجي شادي پنهنجي ڀائٽي سان ڪئي آهي ته جيئن هُو پنهنجي سماجي حيثيت کي منهنجي سبب بلند ڪري سگهي. پاڻ سڳورن صہ ان عورت کي پنهنجن معاملن جو اختيار ڏنو (يعني هوءَ پنهنجي شاديءَ کي برقرار يا ختم ڪري سگهي ٿي)" عورت چيو ته: منهنجي والد جيڪو ڪجهه ڪيو مان ان سان اتفاق ڪريان ٿي، منهنجو مقصد ته فقط عورتن کي آگاهه ڪرڻ هيو ته پيءُ کي نياڻين بابت اهڙو ڪو حق حاصل ڪونهي (ته سندن مرضيءَ کان سواءِ سندن شادي ڪجي).

عورتن کي هن ڳالهه جي شڪايت هئي ته انهن مان فقط ڪجهه ئي عورتون جهاد ۾ حصو وٺي سگهن ٿيون تنهن ڪري هڪ وفد جي حيثيت سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ ڪجهه عورتون پاڻ سڳورن صہ وٽ آيون ۽ پنهنجي ڳالهه ٻولهه ۾ هيءَ سوال پڇيو: حديث ۾ اچي ٿو:

عورتون رسول الله صہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيون ۽ چيو: "يا رسول الله! جهاد في سبيل الله جي فضيلت کي مردن سهيڙي ورتو آهي، هاڻي اسان لاءِ ڪهڙي صورت آهي جنهن ۾ اسان جهاد جو ثواب حاصل ڪري سگهون؟" پاڻ سڳورن صہ فرمايو "توهان مان هر هڪ جو پنهنجي گهر جي سار سنڀال ڪرڻ الله جي راهه ۾ وڙهندڙ مجاهد جي ڪم جي برابر آهي." (رواهہ ابو يعلي والبزارعن انس)

انهن روايتن مان خبر پوي ٿي ته عورتون يا سندن ترجماني ڪندڙ رسول ڪريم صہ وٽ پنهنجن حقن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ اينديون هيون. ان قسم جي خيالن جي ڏي وٺ مان اِها به خبر پوي ٿي ته اهي عورتون ڪيتري قدر متحرڪ ۽ فعال شخصيت جون مالڪ هيون.

آخري ڳالهه: انهن حقن کي (جيڪي اسلام مڪمل عدل ۽ انصاف سان عورتن کي ڏنا آهن) سليقي ۽ تهذيب سان اسلامي رويي مطابق ڪم آڻڻ گهرجي. انهن حقن جو رشتو دراصل انهن فرضن سان ڳنڍيو ويو آهي جيڪي مڙس، والدين ۽ اجتماعي سماج پاران عورتن مٿان لاڳو ٿين ٿا. انهن جو نه ته غلط استعمال ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي انهن کي بنياد بڻائي مردن سان لاڳاپيل قاعدن ۽ ضابطن کي يا وري قرآن مجيد ۾ ڄاڻايل خانداني قانونن کي بدلائي سگهجي ٿو.

# شاعر مشرق ۽ مصور پاڪستان
# علامہ ڊاڪٽر محمد اقبال

محمود خان

شاعر مشرق ۽ مصور پاڪستان علامہ ڊاڪٽر محمد اقبال سيالڪوٽ ۾ 9 نومبر 1877ع ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو شيخ نور محمد ۽ والده جو نالو امام بيبي هو. علامہ اقبال ابتدائي تعليم مڪتب ۾ قرآن شريف پڙهڻ سان شروع ڪئي. پوءِ 1883ع ۾ اسڪاچ مشن بهائي اسڪول ۾ داخل ٿيو جتي ڪيس عربي ۽ فارسي علمن جي تعليم لاءِ سيد مير حسن جهڙو استاد ۽ رهبر مليو. 1899ع ۾ پنجاب يونيورسٽيءَ مان فلسفي ۾ ايم. اي ڪيائين ۽ ڪجھ عرصو اورنٽيئل ڪاليج ۽ گورنمينٽ ڪاليج لاهور ۾ (1903ع 1905ع) فلسفي ۽ تاريخ جو استاد رهيو. ”علم الاقتصاد“ سندس انهيءَ دور جي تصنيف آهي. 1905ع ۾ بئريسٽري لاءِ



انگلينڊ ويو. سيپٽمبر 1905ع ۾ ٽرنٽي ڪاليج ڪيمبرج ۾ داخل ٿيو ۽ -جولاءِ- 1907ع ۾ گريجوئيشن ڪيائين. 12 آگسٽ 1907ع تي جرمن جي سومونڪ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتائين ۽ اتان ادب ۾ ڊي. لٽ جي ڊگري حاصل ڪيائين.

علامه اقبال جولاءِ 1908ع ۾ بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيو ڪجهه مهينا يونيورسٽي ڪاليج لنڊن ۾ پروفيسر آرنلڊ جي وڃڻ ڪانپوءِ ان جي جڳهه تي عربيءَ جو استاد مقرر ٿيو پوءِ گورنمينٽ ڪاليج لاهور ۾ فلسفي جو اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو ۽ 1913ع تائين اها خدمت سرانجام ڏنائين. 1922ع ۾ سندس ادبي خدمتن جي سلسلي ۾ کيس "سر" جو خطاب ڏنو ويو. 1928ع ۾ مدراس، حيدرآباد دکن ۽ علي ڳڙهه ۾ ليڪچر ڏنائين ۽ 27 سيپٽمبر 1931ع ۾ ٻي گول ميز ڪانفرنس (Round table conference) ۾ شرڪت لاءِ لنڊن ويو. لنڊن ۾ قيام دوران مختلف انجمنن ۽ تقريبن ۾ شرڪت ڪرڻ کان سواءِ اسلامي ملڪن جي معزز شخصيتن سان ملاقاتون ڪيائين.

علامه اقبال کي پاڪستان جو مصور پڻ چيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته هن قائد اعظم کي مسلم ايشيا ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ خاطر، برصغير جي مسلمانن جي اڳواڻي ڪرڻ جي اپيل ڪئي ۽ چيو ته مسلمانن جي قسمت اها آهي ته برصغير ۾ هڪ "مسلم انڊيا" قائم ٿئي جتي اسلام جو قانون جاري ڪيو وڃي. جنهن سببان نه فقط اسان جا مسئلا حل ٿي ويندا پر پاڙيسري ملڪن کي انهيءَ ڪري گهڻو فائدو پهچندو ۽ پڻ مسلم ملڪن جي امداد ڪري سگهبي.

اهڙي آزاد مسلم رياست جي تشڪيل ۽ قيام لاءِ الهه آباد ۾ 29 ڊسمبر 1930ع تي ڪوٺايل مسلم ليگ جي ساليانه اجلاس ۾ علامه اقبال پنهنجي صدارتي خطبي ۾ چيو هو ته "مان چاهيان ٿو ته اتر اولهه سرحد صوبو پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان گڏجي هڪ نئون ملڪ بڻجي ۽ ان کي پوري خودمختياري حاصل هجي." هن اهو به چيو هو ته "جيتريقدر اتر اولهه هندستان جي مسلمانن جو تعلق آهي. ته مون کي سندن منزل هڪ "گڏيل مسلم مملڪت" جي شڪل ۾ نظر اچي ٿي."

علامه اقبال کي خوديءَ جي فلسفي جو باني چيو وڃي ٿو. سندس خوديءَ جي فلسفي مطابق انساني زندگيءَ جو شروعاتي نقطو پنهنجي زندگيءَ جو شعور آهي ۽ ان جي منزل مقصود هيءَ آهي ته پاڻ کي روز بروز مضبوط ۽ مستحڪم ڪندو رهي. انهيءَ ڪري اقبال "نفي خودي" جي بدران "اثبات خودي" جو سبق ٿو ڏئي. غرور ۽ خود پسندي جي برخلاف، اقبال احساس نفس يا تعين ذات کي خودي چوي ٿو ۽ ان جي استحڪام لاءِ ضروري آهي ته انسان پنهنجي طبعي ماحول سان جنگ ڪندو رهي ۽ فطرت کي پنهنجو مطيع بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو رهي. اهڙيءَ طرح سندس ذهني ۽ عملي قوتون تيز ٿينديون رهنديون. اثبات خودي لاءِ اقبال چوي ٿو ته عشق ۽ محبت، فقر ۽ استغنا سان ئي خودي، مستحڪم ٿئي ٿي ۽ پوءِ ڪائنات جون سڀيئي قوتون، انسان جي قبضي ۾ اچي وڃن ٿيون.

ٽين گول ميز ڪانفرنس ۾ ارسٽوٽولين سوسائٽيءَ جي هيٺ لنڊن ۾ "ڇا مذهب جو امڪان آهي؟" جي موضوع تي تقرير ڪيائين. ٽن هفتن ڪانپوءِ اسپين (Spain) جي سياحت لاءِ روانو ٿيو ۽ انهيءَ سياحت دوران ڪجهه -اردو- نظم لکيائين، -جن- ۾ مشهور نظم "مسجد قرطبه" (Mosque of C rdoba) به شامل آهي. 26 جنوري 1933ع تي اسپين مان واپسيءَ وقت پيرس پهتو ۽ 1933ع جي آخر ۾ افغانستان جو دورو ڪيائين. علامه صاحب 1935ع ۾ پنهنجي گهرواريءَ جي وفات ڪانپوءِ بيمار رهڻ لڳو. انهيءَ ڪري وڪالت به ڇڏي ڏنائين. ڀوپال جي نواب سندس اها حالت ڏسي هن لاءِ 500 رپيا ماهوار وظيفو مقرر ڪيو.

سندس هيٺيون تصنيفون (1) علم الاقتصاد (1903)، (2) تشڪيل جديد الاهيات اسلاميه، (3) ايران مابعد الطبيعيات ڪا ارتقا، (4) اسرار خودي (فارسي)، (5)- رموز بيخودي (فارسي)، (6) پيام مشرق (فارسي)، (7) بانگ درا (اردو)، (8) زبور عجمه (فارسي)، (9)- جاويد نامه (فارسي)، (10)بال جبريل(اردو)، (11)ضرب ڪليم (اردو)، (12) پس چه بايد ڪرد، (13) اي اقوام شرق، (14) ارمغان حجاز (فارسي)، (15) آئينه عجم (فارسي شاعرن جو انتخاب)، ڪانسواءِ علامه صاحب درسي ڪتاب به لکيا، علامه اقبال جي استادن ۾ شڪارپور سنڌ جو علامه علي محمد ڪاڪيپوتو به شامل هو. جنهن کيس فلسفي ۽ منطق جي تعليم ڏني. علامه صاحب جي مثنوين جو منظوم سنڌي ترجمو نامياري اديب لطف الله بدوي ڪيو آهي. علامه اقبال 21 اپريل 1938ع تي لاهور ۾ وفات ڪئي. سندس مقبرو بادشاهي مسجد لاهور جي پرسان آهي.


# سيد ميران محمد شاهہ

هدايت الله سومرو

سنڌ جي نامور اديب ۽ سياستدان سيد ميران محمد شاهہ ولد سيد حاجي زين العابدين شاهہ 19 مارچ 1898ع تي ڳوٺ ٽکڙ، ضلعي حيدرآباد (هاڻي ٽنڊي محمد خان) ۾ جنم ورتو. سيد ميران محمد شاهہ مٽياروي ساداتن مان هو جن جو وڏو سيد مير علي 1398ع ۾ امير تيمور جو همرڪاب ٿي هرات مان سنڌ ۾ آيو هو ۽ سندس اولاد پهرين پراڻن هالن ۾ اچي رهيو. شاهہ ڪريم بلڙيءَ وارو ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح پڻ انهيءَ ساڳي خاندان مان آهن.

سيد ميران محمد شاهہ جا وڏا ٻارهين صدي هجريءَ ڌاري مٽياريءَ مان لڏي اچي لاڙ ۾ رهيا، جيڪي پنهنجي وقت جا وڏا عالم، فاضل ۽ طبيب ٿي گذريا آهن. سندس ڏاڏي سيد ميران محمد شاهہ (اول) جون تصنيفون 'سڌا تورو'، 'ڪڌا تورو' ۽ 'مفيد الصبيان' نهايت مشهور آهن ۽ اڄ به برٽش ميوزيم ۽ ڪن ٻين لائبريرين ۾ محفوظ آهن. سندس والد سيد حاجي زين العابدين شاهہ هڪ درويش صفت شخص ۽ طبيب هو. سيد ميران محمد شاهہ جي ذهني تربيت ۾ پنهنجن بزرگن ۽ ان وقت جي ٽکڙ جي ادبي، علمي ۽ شاعراڻي ماحول جو وڏو حصو هو.

سيد ميران محمد شاهہ ابتدائي تعليم ٽکڙ جي ملا مڪتب مان حاصل ڪئي. 1921ع ۾ مئٽرڪ، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ مان ڪيائين. ڊي. جي سنڌ ڪاليج مان بي. اي ۽ گورنمينٽ ڪاليج بمبئيءَ مان ايل. ايل. بي ڪيائين. 1924ع کان حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪيائين. هن پهرين سنت منگهارام وڪيل جي فرم ۾ وڪالت ڪئي، جتي غير معمولي قابليت ڏيکاري پاڻ مڃرايائين. ان دوران سرڪاري نوڪريءَ لاءِ به ڪوشش ڪيائين، پر پوءِ وڪالت جي سلسلي ۾ لڏي اچي حيدرآباد ۾ رهيو جتي سندس پونير اڄا تائين آباد آهن. سندس تعلق غريب، پر پڙهيل لکيل گهراڻي سان هو. پاڻ ننڍڙو هو تہ پنهنجي عزيز حاجي اسدالله شاهہ سان گڏجي خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو هئائين. ان ماحول سبب ننڍي هوندي ئي هن جي سياسي ۽ اخلاقي تربيت ٿيندي آئي. 1924ع ۾ ئي سن ۾ مٽياروي سيدن جي ڪانفرنس ۾ حصو ورتائين ۽ پوءِ جلد ئي سنڌ ايجوڪيشنل ڪانفرنس، حيدرآباد جو جوائنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو.



سيد ميران محمد شاهہ

سيد ميران محمد شاهہ، حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. ساڳئي سال ڪيس ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ حيدرآباد جو چيئرمئن چونڊيو ويو. 1928ع ۾ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو حيدرآباد ڊسٽرڪٽ مان ميمبر چونڊيو. ساڳيءَ طرح 1929ع ۾ حيدرآباد ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ مقرر ٿيو.

1928ع ۾ بمبئي ڪائونسل جي چونڊ وڙهيو ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ مرزا سڪندر بيگ کي هارائي ڪائونسل جو ميمبر ٿيو. سندس شمار ان وقت جي تعليم يافته ۽ هوشيار ميمبرن ۾ ٿيندو هو. سنڌ جي بمبئيءَ سان ڳنڍيل هئڻ واري زماني ۾ بمبئي سرڪار پاران سائمن ڪميشن جڙي، ان جي مددگار ڪميٽيءَ لاءِ ڪيس ميمبر مقرر ڪيو ويو. ان ڪميٽيءَ جي مکيه ذميوارين ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان ڌار ڪرڻ لاءِ تجويزون ۽ رايا گڏ ڪرڻ هو. جڏهن سرڪاري رپورٽ تي سر شاهنواز ڀٽي ميمبر جي حيثيت ۾ سنڌ کي بمبئيءَ سان ڳنڍيل رکڻ لاءِ سفارش ڪئي ته سيد ميران محمد شاهه اختلافي نوٽ لکي، سنڌ کي بمبئيءَ کان آزادي ڏيارڻ تي زور ڏنو ۽ ڪوششون ورتيون. پاڻ سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ڪاروباري ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري به ٿي رهيو ۽ اها ڪانفرنس حيدرآباد ۾ سڏائي، سنڌين کي پنهنجي حقن لاءِ سجاڳ ۽ متحد ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. 1929ع ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي پريزيڊنٽ جي حيثيت سان پٽ شاهه تي پهرين ثقافتي ڪانفرنس سڏرايائين.

1936ع تائين بمبئي ڪائونسل جو ميمبر رهندو آيو ۽ نيٺ سيد ميران محمد شاهه، جي. ايم. سيد ۽ سندس رفيقن جي جدوجهد رنگ لاتو ۽ سنڌ کي اصلوڪي جداگانه حيثيت ۾ بحال ڪري، بمبئيءَ کان آزادي ڏني وئي. ان ڪانپوءِ شاهه صاحب هڪ سال لاءِ سنڌ ڪائونسل جو ميمبر رهيو. 1937ع ۾ آزاد سنڌ اسيمبليءَ جي پهرين چونڊ ۾ ميمبر چونڊيو ويو.

شروع ۾ سر غلام حسين هدايت الله جي وزارت ۾ پارليامينٽري سيڪريٽري هو ۽ پوءِ ديوان پوجراج سنگهه جي انتقال ڪري وڃڻ تي 1938ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر چونڊيو ۽ ڏهه سال انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. ڏهن سالن جي اسپيڪريءَ واري دور ۾ هن پنهنجي سياسي صلاحيتن جو ڀرپور اظهار ڪيو. اسپيڪريءَ واري دور ۾ اسيمبليءَ ۾ سيد ميران محمد شاهه جي ڏنل Rulings جو حوالو ڏئي، سڄي هندستان جون اسيمبليون انهن تي عمل ڪنديون هيون. اهي رولنگس هن وقت به سنڌ جي پارليامينٽري تاريخ جو بنياد آهن. 1939ع کان 1945ع تائين ٻي عالمي جنگ دوران وائسراءِ جي آل انڊيا ڊفينس ڪائونسل (Defense Council) جو ميمبر رهيو. 1946ع ۾ سڄي هندستان ۾ آزاديءَ لاءِ چونڊون ٿيون ۽ هيءَ ٻيهر سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو. ان اسيمبليءَ ۾ ڪانگريس کي مسلم ليگ کان هڪ ووٽ وڌيڪ هو جنهنڪري مسلم ليگ لاءِ ڌار رياست جي قرارداد پاس نه ٿيڻ جو وڌيڪ امڪان هو. ميران محمد شاهه اسپيڪريءَ تان استعيفا ڏني، جنهنڪري ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا ووٽ هڪ جيترا ٿيا ۽ ان وقت جي انگريز گورنر مسٽر موڊيءَ اسيمبلي ٽوڙي ۽ سنڌ ۾ ٻيهر چونڊون ٿيون، جنهن ۾ ميران محمد شاهه بنا مقابلي ٻيهر سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيو ۽ مسلم ليگ کي سنڌ ۾ واضح اڪثريت ملي، جنهن ڪانپوءِ ٻيهر اسپيڪر جي حيثيت سان 'پاڪستان قرارداد' سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيائين، جيڪا اڪثريت سان بحال ٿي. پاڪستان قائم ٿيڻ بعد 1948ع ۾ سنڌ جي وزارت ٺهي ته گورنر جنرل قائداعظم محمد علي جناح ڪيس گهرائي اسپيڪريءَ تان استعيفا ڏياري سنڌ جو وزير مقرر ڪيو ۽ ڪيس ماليات ۽ مهاجرن کي آباد ڪرڻ وارو کاتو ڏنو. هن ان دوران حيدرآباد ۾ مهاجرن لاءِ هاڻوڪو لطيف آباد وارو هنڌ 'شاهه لطيف آباد' واري علائقي جي نالي سان آباد ڪرايو. 1952ع تائين ان کاتي جو وزير رهيو. 1952ع جي آخر ۾ اسپين ۾ هڪ سال لاءِ پاڪستان جو پهريون سفير مقرر ٿيو. 1954ع ۾ ڪراچي امپرووميٺ ٽرسٽ (هاڻوڪي K.D.A) جو پهريون چيئرمئن مقرر ٿيو جنهن عهدي تي 1957ع تائين فائز رهيو. 1957ع ۾ ايگريڪلچر بئنڪ آف پاڪستان جو پهريون صدر مقرر ٿيو.

سياسي خدمتن کانسواءِ ميران محمد شاهه جون ادبي، ثقافتي خدمتون پڻ تاريخ جو روشن باب آهن. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ممبئي يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ جو ميمبر ۽ فئڪلٽي آف آرٽس جو ڊين رهيو. 1940ع ۾ جڏهن سائين جي. ايم. سيد وزير تعليم هو ته سنڌ ۾ يونيورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ جوڙيل ڪميٽيءَ تي سيد ميران محمد شاهه ميمبر جي حيثيت ۾ سنڌ گورنمينٽ کي هڪ رپورٽ تيار ڪري پيش ڪئي، جنهن جي بنياد تي مختلف مرحلن ڪانپوءِ 'سنڌ يونيورسٽي' وجود ۾ آئي. ڪيس ان جي سئنڊيڪيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل جو ميمبر مقرر ڪيو ويو ۽ ڪيترائي سال سنڌ يونيورسٽيءَ جي فئڪلٽي آف آرٽس جو ميمبر پڻ رهيو. 1938ع ۾ حيدرآباد ۾ قائم ڪيل 'سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ' جو منتظم ۽ صدر رهيو. هن سوسائٽيءَ ڪيترا مفيد سنڌي ڪتاب شايع ڪيا، ادبي محفلون ۽

مشاعرا منعقد ڪري سنڌي ادب ۽ شاعريءَ کي زور ورتايو. 1941ع ۾ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ قائم ڪيل 'سنڌي ساهتيءَ لاءِ صلاحڪار' (هاڻي سنڌي ادبي بورڊ) جو 1951ع تائين ڏهه سال چيئرمين ٿي رهيو. سندس اهم ثقافتي ڪارنامو 'شاهه لطيف يادگار ڪائونسل' آهي، جنهن جو پاڻ چيئرمئن هو. ان ڪائونسل جي اهتمام سان ڀٽ شاهه تي شاهه ڀٽائيءَ جي ساليانو ورسي ملهائي ويندي هئي. اها روايت اڄا تائين هلندي پئي اچي، هر سال شاهه لطيف جي مزار جي دروازي وٽ ثقافتي ڪانفرنس سڏرائيندو هو. P.W.D جي وزير جي حيثيت سان 1950ع ۾ هاٽوڪي موٽر وري ڪان درگاهه تائين رستو ٺهرايائين.

سيد ميران محمد شاهه ڪيترو وقت شاهه لطيف ڪلچرل ڪاميٽيءَ جو چيئرمئن به ٿي رهيو. ننڍي هوندي کان شعر چوندو هو. شاعريءَ ۾ تخلص 'مهجور' ۽ 'مير' استعمال ڪندو هو. ڪيترو ئي ڪلام چيائين. سندس هڪ شعري مجموعو 'ڪليات ميران' جي عنوان سان 1960ع ۾ ڇپيو جيڪو هاڻي سنڌ ۾ ته اڻلڀ آهي، پر دنيا جي ڪن لائبريرين ۽ يونيورسٽين جي لائبريرين جهڙوڪ: آمريڪا جي لائبرري آف ڪانگريس، هارورڊ ۽ انگلنڊ جي برٽش ميوزم ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جهڙين لائبررين ۾ موجود آهي. نامور اديب غلام محمد گرامي 'ڪليات ميران' جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته: "ميران محمد شاهه جو ڪلام فاعلاتاً فاعلات وارن ڪي نه آتڙي، پر ڪلام جي روح ۽ ان جي رنگينيءَ کي جاڻڻ لاءِ بهترين ۽ پر ڪيف ڪلام آهي. ان ۾ سادگي ۽ برجستگي آهي، ان ۾ پختگي ۽ بي ساختگي آهي. سونهن ۽ ورونهن به آهي، ڪيترين ئي ڪافيون وجد انگيز ۽ ڪيترائي غزل معياري نظر آيا".

سيد ميران محمد شاهه نه فقط هڪ قادرالڪلام شاعر هو پر هڪ بلند پايي جو نثر نويس به هو. ڪيترائي مضمون لکيائين. سندس لکيل خطن کي سائين جي. ايم. سيد ڪتابي صورت ۾ 'رهاڻ' عنوان سان ڇپايو آهي، جنهن جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته سندس ٻولي، سليس، برجستي ۽ پختي آهي. سندس به مضمون 'گنجي ٽڪر جو سير' ۽ 'دل جي طلب' بمبئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ پاران ڪاليجن توڙي هاءِ اسڪول جي درسي ڪتابن ۾ رکيا ويا ۽ اڄا تائين نصاب طور پڙهايا وڃن ٿا. جي. ايم. سيد ڏانهن لکيل سندس خطن جي مجموعي 'رهاڻ' ۾ سندس گهري تجربي، مشاهدي، جمالياتي ذوق ۽ ڪيترن ئي نازڪ جذبن ۽ احساسن جو اظهار پڻ ملي ٿو. مختلف شاعرن جي ڪلام تي مشتمل مجموعو 'گلزار خيال' به تاليف ڪيائين.

تعليم سان به ڪيس گهري دلچسپي هئي. راڳ ۽ موسيقيءَ جو دلدادو هو. سائين جي. ايم. سيد ڪيس شاهه لطيف ۽ روميءَ جو شارح ۽ پوئلڳ سڏيو آهي. شخصي دوستي توڙي زندهه دليءَ ۾ سندس همعصر عالم، اديب، سياستدان ڪانئس بيحد متاثر هئا. سائين جي. ايم. سيد سان سندس گهري دوستي ۽ لاڳاپا رهيا. ٻنهي شخصيتن جو سنڌ يونيورسٽي، سنڌي ادبي بورڊ ۽ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي جوڙجڪ ۽ ترقيءَ ۾ وڏو ڪردار آهي.

سنڌ جي هن سياسي، علمي، ادبي شخصيت 16 نومبر 1963ع حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويو. سندس آخري آرامگاهه ٽڪڙ ۾ آهي. شاهه صاحب وڏو عرصو بمبئي پريزيڊنسي جي سنڌ ڪائونسل جو چونڊيل ميمبر رهيو. هن اتي سنڌ جي مسئلن ۽ حقن بابت تمام گهڻو آواز اٿاريو. هيٺ سندس بمبئي ڪائونسل ۾ ڪيل تقريرن ۽ سوال جواب ڏجن ٿا.

### هنري ڪاتي بابت ڪيل تقرير

(تاريخ 8 مارچ 1930ع)

سنڌ جي جهوپڙين جي هنرن جو جيڪو هن ڪاتي سان واسطو آهي ان بابت مان پنهنجا رايا ظاهر ڪريان ٿو. هن ڪائونسل جي ٻن ميمبر صاحبن هن بابت ذڪر ڪيو مگر سنڌ جي هنرن بابت فقط انهن ٿورو بيان ڪيو ۽ سنڌ جي جهوپڙين جي هنرن جي حالت پوريءَ طرح نه سمجهائي. مان هن هائوس جي آنربل ميمبرن صاحبن جو ڌيان ڇڪائڻ گهران ٿو ته جيتري قدر سنڌ جو هن سوال سان واسطو آهي اوتري قدر هي سوال تمام ويچار جوڳو آهي.

گذريل برساتن ۽ ٻوڏن ۾ جڏهن هارين جا فصل ناس ٿي ويا تڏهن اهو سوال اُٿيو ته ٻيا ڪهڙا روزگار جا رستا ڪڍيا وڃن جن تي هاري انهيءَ ڏک جي وقت پنهنجو روزگار ڪري سگهن. جيڪڏهن انهن کي سچ پچ جهوپڙين جا هنر سيکاريل هجن ها، جيڪڏهن انهن جا هنر همٿايا وڃن ها ۽ پوري جوڙجڪ جي حالت ۾ هجن ها، جيڪڏهن اهي هنر وارا ماڻهو جي پنهنجو مال ناهي تيار ڪري انهن جي نيڪال جو سرڪار پنهنجي ڪلهن تي بار کڻي ها ته هوند گذريل برساتن ۾ جيڪو ماڻهن جو ڏک هو سو گهڻي قدر گهٽائي

سگهجي ها ۽ آئنده جڏهن جڏهن فصل نہ ٿين ۽ گذريل سال وانگر جيڪڏهن وري اهڙيون آسماني آفتون هارين مٿان اچي ڪڙڪن تہ هوند سنڌ ۾ زمين جي آباديءَ ڪانسواءِ انهن ڪي ٻيا بہ روزگار جا رستا ڪليل رهن.

مونکي آنربل مسٽر بيل سرڪاري عيوضيءَ جي تقرير ۾ رمارڪ ٻڌي ڏاڍو عجب لڳوءِ ڏک ٿيو. اها تقرير سچ پچ بمبئي سرڪار جا جيڪي جهوپڙين جي هنرن بابت خيال آهن سي ڏيکاري ٿي.

مون هنڪي اهو چوندي ٻڌو تہ جهوپڙين جي هنرن کي همٿائڻ سرڪار جو فرض نہ آهي. فقط جڏهن ڪي وڏا هنري ڪارخانا نڪرندا تڏهن هو مدد ڏيڻ لاءِ تيار رهندا ۽ نہ ٻين حالتن هيٺ.

پر جڏهن منهنجي آنربل دوستن مسٽر ڀهلاجاڻي ۽ مسٽر حسين ڀائي هن کان ڪولي سوال پڇيو تہ بمبئي جي وڏن هنري ڪارخانن کي سرڪار هيلتائين ڪهڙي قسم جي مدد ڪئي آهي تڏهن سرڪاري ميمبر جو ٻوٿ بند ٿي ويو ۽ هو ڪو بہ مثال سواءِ مٿونگا جي خسيس ڪم جي ڏيئي نہ سگهيو.

بمبئي سرڪار جي ڪا بہ مالي مدد بمبئي جي وڏن هنري ڪارخانن کي ڪيل ڪانہ ٿي ڏسجي. تنهن کان سواءِ سرڪاري ميمبر صاحب انهيءَ ڪميشن جي رايي ڏانهن ڌيان ڇڪايو جيڪا ڪيترا سال اڳ ويٺي هئي، جنهن ۾ ان ڪميشن پنهنجو رايو ظاهر ڪيو آهي تہ سرڪار جو فرض نہ آهي تہ رعيت جو پئسو هنرن جي واڌاري تي خرچ ڪري، جڏهن اُن مال جو نيڪال ٿي نہ ٿو سگهي يا جڏهن اهو خود هنر وارو ماڻهو پاڻ نيڪال ڪري نٿو سگهي.

سرڪار جو اهو فرض آهي تہ ڪنهن جماعت جي وسيلي ان مال جو نيڪال ڪري، ان جماعت کي فقط سرڪار کي ئي مدد ڪرڻ گهرجي. ٻين سڌريلن ملڪن ڏانهن ڏسو مثلن جپان، آمريڪا، جرمني ۽ ٻيا اهڙا ملڪ جي فقط اسٽيٽ جي مدد سان ئي هنري پاسي ترقي ڪري رهيا آهن. جپان پنهنجي اڌ پئداڻش هنرن جي واڌاري لاءِ خرچ ڪري ٿو. فقط رانديڪن جي هنر مان جي ٻارن کي راضي ڪرڻ لاءِ ناهيا وڃن ٿا جپان ڪيترا پئسا ڪمائي ٿو. هو اولهہ کان وٺي اوڀر تائين هندستان کي ڦري رهيو آهي جنهن جو سبب فقط اهو آهي تہ هند سرڪار ۽ ان جو ٻچو بمبئي سرڪار هنرن جي واڌاري جي برخلاف آهن.

هن ڳالهہ بابت انڪار ڪري نٿو سگهجي تہ بمبئي ڪاتو هنري ڪاتو آهي. سرڪاري ميمبر مسٽر بيل چيو تہ جيڪڏهن هنرن جي واڌاري بابت ايترو ميدان ڪليل آهي تہ چو نہ بمبئي جا خانگي ماڻهو جي شاهوڪار آهن هن ڪم ۾ مدد ڪن ٿا ۽ سرڪار هنرن جي واڌاري لاءِ ڪيئن ايترا پئسا خرچ ڪري سگهندي؟

اهو آهي سرڪاري ميمبر جو خيال ۽ هي آهن سرڪار جا هن ملڪ جي هنرن بابت رايا. تنهن ڪري فقط 134000 رپيا وڏا ويا آهن. هنري کاتي جي ڊائريڪٽر، جو مان سندس نالي مان سمجهان ٿو تہ سنڌ جي پرڳڻي جو آهي، جيڪا ساليانی رپورٽ ڪڍي آهي اها ڏسي مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي جڏهن مون ڏٺو تہ بہ چار دفعہ وڃڻ کان سواءِ هن سنڌ جي هنرن بابت ڪجهہ عملي ڪم يا اهڙو چاهہ نہ ڏيکاريو آهي. هو اها ڳالهہ انڪار ڪري سگهندو تہ سنڌ ۾ هنر موجود نہ آهن جن جي وڌائڻ بابت گهٽي جڳهہ نہ آهي؟ هن هيل تائين ڇا ڪيو آهي؟ هن ڪي بمبئي جي وڏن ڪارخانن موهي ڇڏيو آهي ۽ هن جو سارو خيال بمبئي ڏانهن ڇڪيل آهي. جنهن ڪي سندس صلاح جي ڪا بہ گهرج ڪانہ آهي، جهوپڙين جا هنر ئي آهن جن کي هن جي صلاح ۽ مدد جي گهرج آهي.

جيڪڏهن هنڪي خبر نہ هجي تہ مان هنڪي ٻڌايان تہ ڪيتري قدر اهي هنر وڌائي سگهجن ٿا. مونکي پڪ آهي تہ هنکي تمام چڱي طرح خبر آهي. مان هن کي اهي جڳهيون ٻڌايان ٿو جتي هن کي وڃڻ گهرجي. هو جن ڳوٺن ۾ ويو آهي ان بابت هن ذڪر ڪيو آهي مگر انهن هنڌن تي هن ڪهڙو ڪم ڪيو آهي اهو هن نہ ڄاڻايو آهي. هن ٺٽي جي ريشم جو هنر وڌايو آهي؟ هن نصرپور جي کيسن جو هنر وڌايو آهي؟ هن نصرپور ۽ هالن جو ڪاشيءَ جو ڪم وڌايو آهي؟ هن خانوٽ جي جنديءَ جي ڪم لاءِ ڪجهہ ڪيو آهي؟ هن ٿرپارڪر جي اوني ڪپڙي جي هنر ڏانهن ڪجهہ ڌيان ڏنو آهي؟ هن سنڌ جي ڪليڪو ڇاپڻ جي هنر لاءِ يا ٿر ۽ بويڪ جي فراسين جي هنرن لاءِ ڪجهہ ڪيو آهي؟ مان جيڪر ڪيترين شيون ٻڌايان جي غريب ڪاريگر ناهين ٿا.

پنهنجي ننڍڙي جهوپڙي جي مَنهہ هيٺ هو پنهنجو هنر هلائي رهيو آهي ۽ ڏينهن ۾ بہ دفعہ ماني ڪمائڻ لاءِ محنت ڪري رهيو آهي ۽ هنڪي سرڪار وٽان ڪا بہ مدد نٿي ملي. هن جي حالت تمام مونجهاري ۽ ڏک جهڙي آهي ڇاڪاڻ تہ سرڪار وٽان هنکي ڪا بہ مدد ڪانہ ٿي ملي. انهيءَ ڪي پوري

انتظام سان ناهڻو آهي. انهي ڪي سرڪار جي حفاظت ۾ اجهي جي گهرج آهي.

هنري ڪاتي جي ڊائريڪٽر جي ضابطه هيٺ ڪوآپريٽو سوسائٽين جي نموني يا ٻي ڪنهن اهڙي نموني انهن جون جماعتون ناهڻ گهرجن. انهن ڪي سنهنجن شرطن سان پئسي جي مدد ملڻ ڪپي يا جيڪڏهن سرڪار ڪي خير جي نيت هجي ته انهن ڪي مفت پيسي جي مدد ملڻ گهرجي.

خاص حدن ۾ جتي خاص هنر آهن، دڪان هٽڻ گهرجن جي انهن هنرن ڪي سنڀالين ۽ ڪاريگرن ڪي سيکارين ته ڪيئن هو پنهنجا هنر سڌارين. تنهن ڪانپوءِ اهي ناهيل مال جي نيڪال جو بندوبست ڪن. بس انهن ڪي فقط پيسي جي مدد ۽ مال جي نيڪال جي سهولت جي گهرج آهي.

هنري ڪاتي جي ڊائريڪٽر جو فرض آهي ته هنري مال جي نيڪال جو رستو ڳولي ڪڍي. جيڪڏهن ڪا صلاح مصلحت جي گهرج هجي ته هو اها ڏئي پر جيتري قدر انهن جو هنر آهي اوتري قدر هو پنهنجي هنر ۾ ڪاريگر آهن.

خير انهن ۾ ڪجهه سڌاري جي گهرج هجي مگر هن وقت فقط پيسي ۽ مال جي نيڪال جي سهوليتن جي گهرج آهي. پيسو انهي ڪري گهرجي جو هو پنهنجو روزگار پورو ڪمائي نه ٿا سگهن. جيڪڏهن اوهان هنن جي مالي حالت ڏانهن ڏسندئو ته توهان ڪي معلوم ٿيندو ته هنن ڪي ڏينهن ۾ ٻه دفعه ماني به مشڪل نصيب ٿي ٿئي. مون پنهنجي ضلعي ۾ ڪيترائي هنرن جا هنڌ ڏٺا آهن ۽ هنري ڪاتي جي ڊائريڪٽر به ڏٺا هوندا. مون ڏٺو آهي ته انهن ڪاريگرن ڪي پنهنجي مٽي ڍڪڻ لاءِ پوري چٽ به ميسر ڪانه آهي. اِهي اڌ اڌيل گهرن ۾ رهن ٿا. اهي قرض ۾ ٻڏا پيا آهن. مون ڏٺو آهي ته اُهي کهڙا نه ڪاريگر آهن ۽ کهڙو نه ڪاريگريءَ جهڙو هنر ڏيکاري سگهن ٿا.

مان بمبئي ۾ گورنمينٽ هائوس ۾ ويو آهيان ۽ ڏٺو اٿم ته سرڪار جا ڪيترا ڪبٽ ۽ ميزون سنڌ جي عمدي هنر جي شين سان سينگاريل آهن. خود سرڪار جي ميمبرن مان به ڪن وٽ سنڌ جي هنرن جي پيدائش هوندي. ان هوندي به مان ڏسان ٿو ته اهڙن عجيب هنرن هوندي به هي ماڻهو بک پيا مرن. اهو فقط منهنجي دوستن سرڪاري ميمبرن جي بي پرواهيءَ سبب آهي. انهن جو فرض آهي ته پنهنجن ماڻهن جي ڪمائي وڌائين. ماڻهو جن ڪان ڍلون وصول ڪري سرڪار جا خزانا ڀريا ٿا وڃن انهن جي ڪمائي وڌائڻ ڪان سواءِ انتظام جي لاءِ تمام حد ڪان ٻاهر عملو رکڻ جو ڪجهه به ضرور نه آهي.

انهن جي ئي ڪمائي آهي جا خزاني جي ڀرڻ جو وسيلو آهي. جيڪڏهن سرڪار ڪي زمينن ۽ هنرن جي ڪاتي ۾ ماڻهن جي ڪمائي مان ڍلن وصول ڪرڻ جي اميد آهي ته اُهي ئي ٻه ڪاتا آهن جن جي پوري طرح هلائڻ سان ڍل ڀريندڙن جي ڪمائي وڌائي سگهجي ٿي.

وقت بوقت سرڪار خرچ وڌائي رهي آهي مگر جيڪڏهن انتظامي عملي ۾ تخفيف لاءِ ڪا رٿ آندي وڃي ٿي ته سرڪار چوي ٿي ته اهو گهٽائي نٿو سگهجي. جيڪڏهن ايئن آهي ته سرڪار ڪي ڏسڻ گهرجي ته ماڻهو ايترو ڪمائين ٿا جو ايڏي عملي جو خرچ ڀري سگهن. پر هو فقط خرچ وڌائيندا رهن ٿا ۽ ان ڳالهه ڏي بلڪل نٿا ڏسن ته ماڻهو ڪيئن ٿا رهن. اهي ڪهڙي قسم جي حياتي گذارين ٿا ۽ انهن جي مالي حالت ڪهڙي آهي. مان سمجهان ٿو ته آنربل وزيرن صاحبن جو هڪ فرض آهي، خصوصن جڏهن هو ماڻهن جا عيوضي آهن جن ڏانهن هو ووٽن لاءِ وڃن ٿا ته ماڻهن جي حقن جا پورا عيوضي ٿين.

جڏهن اهو ڪاتو انهن جي هٿ هيٺ آهي تڏهن انهن جو فرض آهي ته انهن ۾ ڪجهه دلچسپي ڏيکارين ۽ ڪم ۾ ڪجهه سچو پچو ساهه ڦوڪين. هنري ڪاتي لاءِ ڪجهه پئسا وڌا ويا آهن ۽ سرڪار اسان ڪي چوي ٿي ته اسان ڪي ان تي راضي رهڻ گهرجي. اسين ڪڏهن به ان تي راضي نه ٿيندا سين، جيستائين ڪجهه عملي ڪم ڪري نه ڏيکاريو ويو آهي. جڏهن ڪاسبين تي وڌيڪ ڍلون وڌيون وڃن ٿيون تڏهن سرڪار جو فرض آهي ته انهن ڪي پوري طرح سان سنڀاليو وڃي ۽ انهن جي مدد ڪئي وڃي.

### پوليس ۾ ٻئي انتظام بابت تقرير
### (20 فيبروري 1930ع)

هي موقعو آهي جڏهن اسانکي بمبئيءَ سرڪار جي مالي حالت ۾ جيڪو ملڪي انتظام انهي مالي حالت سان سرڪار هلائي رهي آهي انهي به نسبت پنهنجا رايا ظاهر ڪرڻ لاءِ وجهه ڏنو ويو آهي. جيتري قدر بجيٽ جا انگ ڏسجن ٿا اوتري قدر بجيٽ ملائي ويئي آهي پر جيئن منهنجن دوستن ڏيکاريو آهي، تيئن ان ۾ گهڻيون خاميون آهن.

اهو ڏيکاريو ويو آهي ته مالي ڪاتي جي چالاڪيءَ سان بجيٽ ايئن بهاري وئي آهي گويا آمدني ۽ خرچ ملي اچي ٿو. تنهن

ڪري مان انهن ڳالهين تي ڪونہ ٿو اچان پر مان انهيءَ بجيٽ کي هڪ نقطہ نظر سان ڏسان ٿو. مان هن هائوس کي اهو ڏيکارڻ گهران ٿو تہ هن بجيٽ کي انتظام جي تت جي خيال سان ڏسڻ گهرجي ۽ ڏسڻ گهرجي تہ انهي انتظام سان ۽ انهي نموني خرچ ڪرڻ سان اسين سُکيا ڏينهن گذاريون ٿا يا نہ.

اهو فقط مقصد آهي ۽ اها ئي ڪسوٽي آهي جنهن سان ڪوئي بہ انتظام ظاهر ڪري سگهجي ٿو ۽ پرکي سگهجي ٿو تہ اهو فائديمند ۽ پورو آهي يا نہ. اسانکي انگن سان ڪجهہ بہ واسطو نہ آهي. اهو فقط جادوگريءَ جو کيل آهي، ڪو بہ حساب ڪتاب جو ڄاڻو انگ جڙتو وجهي ڪوٽ يا واڌ ڏيکاري سگهي ٿو يا بجيٽ ملائي سگهي ٿو. اسانکي انهن سان ڪو بہ واسطو ڪونهي مگر اسانکي فقط اهو سوال ڏسڻو آهي تہ سرڪار چوهٺ ڪروڙ رپين جي آمدنيءَ سان اسان کي آسودي رعيت ڪري سگهي آهي يا نہ.

اسين روزمره ڏسون ٿا تہ روينيو ڊپارٽمينٽ، جنرل ڊپارٽمينٽ ۽ ٻين کاتن جي انتظام جو خرچ روز بروز مٿي — مٿي ۽ مٿي وڌندو رهي ٿو اهو فقط انتظامي کاتي ۽ سينگارن تي پورو ٿي وڃي ٿو.

اهي سينگار ڪهڙا آهن؟ اهي آهن عملدارن جي لاءِ محلاتي گهر نهرائڻ ۽ ڪلارڪن ۽ ٻين عملدارن جي خرچن ۾ حد کان ٻاهر واڌ ۽ انهن کي ٿلها متارا پگهار ڏيڻ. جيڪڏهن سرڪار کي ڍل ڏيندڙن لاءِ ذرو بہ ڪا همدردي آهي ۽ اهي بجيٽ ملائڻ گهرن ٿا تہ انهن کي تخفيف جو ڪهاڙو هڻڻ گهرجي جنهن ڪهاڙي لاءِ اسان غير سرڪاري ميمبرن جو آواز پڪاري گهگهو ٿي ويو آهي. پر سچي پڇي اها ڳالهہ آهي تہ وڏن عملدارن جي پگهارن کي هٿ بہ نٿو لاتو وڃي. مگر فقط غريب ڪلارڪن ۽ پٽيوالن جا پگهار گهٽايا وڃن ٿا ۽ سموري تخفيف انهن مان ڪئي وڃي ٿي. عملدارن جا ٿلها پگهار جي عام رعيت جي پئسي تي ٿلها ٿيا آهن ۽ جي پنهنجن انهن امدادين مطابق پوري نوڪري ڪانہ ٿا ڪن، سي انهي تخفيف جي ڪوشش ڪان آزاد آهن.

سرڪار جي ضابطي هيٺ جيڪي ڪاتا آهن انهن مان ڪنهن نہ ڪنهن ڪاتي جو ميمبر صاحب گُهر ڪندو رهي ٿو تہ مختيارڪار، انجنيئر، ڪليڪٽر ۽ سپرنٽينڊنٽ ۽ ٻين قسمن جي عملدارن جي ٿلهن پگهارن ۾ واڌ ڪئي وڃي. مگر انهي اسٽيبلشمينٽ جي ضرورت بابت ڪجهہ بہ خاطر خواهہ ثابتي ڏني نٿي وڃي، ان هوندي بہ انهن ماڻهن لاءِ تخفيف جو سوال اٿاريو ڪونہ ٿو وڃي. جڏهن اسين انهيءَ واڌ بابت پڪاريون ٿا تڏهن سرڪار وٽان اهو ئي جواب ملي ٿو تہ هو ڪاتي جي انتظام جي بهبودي رکڻ گهرن ٿا ۽ انهيءَ انتظام جي واڌ لاءِ پنهنجي گهر بابت ٻيا بہ اهڙا ساڳيا سبب پيش ڪيا وڃن ٿا.

پر مان هڪڙي منٽ لاءِ بہ انهن سان شامل ٿي نہ ٿو سگهان. هن ڪاتي ۾ جيڪا انتظام جي حالت آهي سا جيڪڏهن توهان باريڪ نظر سان تپاسي ڏسندا تہ توهانکي ڏسڻ ۾ ايندو تہ هيتري وڏي خرچ هوندي بہ انتظام سچ پچ تمام سنو نہ آهي. اها لياقت ڪهڙي آهي؟ سڀ ڪنهن کي پنهنجا پنهنجا خيال آهن. سرڪار انهي لياقت کي هئي خيال سان ٿي ڏسي ۽ اسين رعيتي ماڻهو ٻئي خيال سان ٿا ڏسون. اسين ماڻهن جي خيال سان ڏسون ٿا تہ انتظام جي بهبودي ماڻهن کي سکيو رکيو آهي يا انهن کي ڏکيو رکيو آهي ۽ مان پنهنجي سنڌ لاءِ چئي سگهان ٿو تہ اسانجا ماڻهو ڏکي، لتاڙيل ۽ ڪريل آهن. اهو سچ پچ انتظام جو نمونو آهي جو اسانکي اُتي ملي رهيو آهي. ڪو بہ ماڻهو انگن اکرن کي ڏسي سگهي ٿو.

ڪو بہ ماڻهو مون سان هلي ۽ مان هن کي ڏيکاريندس تہ سنڌ، جا هن جڳهہ کان 800 ميل پري آهي، ان ۾ سرڪار جي انتظام جي لياقت ڪيتري آهي. اسين پڪاري رهيا آهيون تہ اسين اوهان کان جدا ڪيا وڃون انهيءَ لاءِ تہ انتظام جو مکيہ عملدار پنهنجي ڪائونسل سميت اتي هجي جيئن اسين پنهنجا اهنج انهن اڳيان پيش ڪري سگهون ۽ اهي پنهنجن اکين سان ملڪ جي حالت ڏسي سگهن ۽ اسانکي پنهنجي پنهنجي ڪائونسل جا ميمبر ميسر هجن. جي اسانجا خيال ۽ اسانجا اهنج چڱيءَ طرح سان ظاهر ڪري سگهن، پر ايئن نٿو ڪيو وڃي ۽ اسانکي موجوده حالت سان راضي رهڻو آهي. پر انتظام هڪ طرفو هلي رهيو آهي.

پوليس جي عهديدارن ۾ رشوت خوريءَ جو آزار هليو اچي ۽ ڪو بہ انهيءَ ڳالهہ تي ڌيان ڪونہ ٿو ڏئي. جيڪڏهن عملدارن وٽ پڪار ڪنئي وڃي ٿي تہ چون ٿا تہ اهڙو ڪو ڪيس ڏيکاريو ۽ رعيت سرڪار کي ڪا بہ مدد ڪانہ ٿي ڏئي تنهن ڪري ڪيئن ڏوهين کي سزاياب ڪرايو وڃي. پوليس ۾ ۽ ٻين سرڪاري ڪامورن ۾ رشوت خوري آهي ۽ جڏهن ڪا بہ شڪايت پيش ڪئي وڃي ٿي تڏهن اسانکي قاعدي جي ڪورٽن ڏانهن منهن

ڏنو وڃي ٿو. جڏهن اسين قاعدي جي ڪورٽن ڏانهن وڃون ٿا تڏهن سنڌ جي پوليس جو اثر شاهدن يا غريب فرياديءَ تي پوي ٿو ۽ فريادي جو ڪيس ڪري پوي ٿو. انتظام جي اها حالت آهي.

مون کي ڪيس هلايا آهن. جناب گورنر صاحب کي جيڪا سنڌ محمدن ايسوسيئيشن ايڊريس ڏني ان جي جواب پٽاندڙ مان پاڻ بئي ڏينهن حيدرآباد جي ڊسٽرڪٽ سپرنٽينڊنٽ وٽ کي پڪارون ڪٽي ويس. پر مونکي سب ڊويزنل مئجسٽريٽ صاحب جي ڪورٽ ڏي منهن ڏنو ويو ڇٽڪ مون سب ڊويزنل مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ڪانه ڏني آهي. مان وڪيل آهيان. مون اها ڪورٽ ڏني آهي، اها همٿ آهي جا اسانکي سرڪاري عملدار پنهنجي اهنجن پيش ڪرڻ لاءِ ڏيئي رهيا آهن.

مونکي فقط پندرهن منٽ مليل آهن پر مان پنهنجن دوستن کي پڪ ٿو ڏيان ته جيڪڏهن هو فقط هڪڙي پوليس کاتي جون سنڌ ۾ ڪارروايون ٻڌن ته انهن کي هيبت وٺي وڃي ۽ انهن کي خاطري ٿئي ته اسين سڌريل جوڙجڪ هيٺ نٿا رهون، بلڪ بلوچستان يا اُتر اُلهندي سنڌ فرنٽيئر جهڙن پٺ تي پيل ملڪن جي حدن اندر رهون ٿا.

نئين ڪمشنر سان شايد حالتون سڌرن، خاطريءَ سان چئي نٿو سگهجي ته نئون ڪمشنر صاحب انتظام جي سڌاري بابت ڪا ڪوشش وٺندو يا نه. اهو اڃا ڏسڻو آهي. مان خراب انتظام بابت وڏيڪ مثال ڏيئي سگهان ٿو. مان هن هائوس کي ٻڌايان ٿو ته حيدرآباد ضلع ۾ ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ جي قلم 110 هيٺ ڪي پڇائون ڳاڇائون هلندڙ آهن. مان سرزمين تي ويس ۽ سچ پچ سب ڊويزنل مئجسٽريٽ جي ڏيان تي آندم ته پوليس رشوت وٺي رهي آهي، اهي ايماندار ماڻهن کي پڪڙين ٿا، انهن کان رشوتون وٺن ٿا. پوءِ انهن کي ڇڏي ڏين ٿا ۽ سچن پچن جوابدارن کي رجوع نٿا ڪن.

اها سچي ڳالهه آهي ته مون سب ڊويزنل مئجسٽريٽ صاحب هالن جي ڏيان تي اهي سڀيئي ڳالهيون آنديون، ان کان پوءِ هن جو فرض آهي ته انهن ڳالهين بابت جانچ جونچ ڪري ۽ ماڻهن جا اهنج دور ڪري. مان ثابتي ڪني ڪرڻ لاءِ ٻڌل نه آهيان. مان ٺي فقط ماڻهو آهيان جو ڪليو ڪلايو چئي سگهان ٿو. جيڪڏهن ڪو ٻيو ماڻهو ڳالهائي ٿو ته انجي زبان ڪپي وڃي ٿي. سنڌ ۾ ڪو به ماڻهو پوليس يا سرڪاري ڪاموري جي برخلاف ڳالهائي نٿو سگهي، مان ڪا به مضبوط ثابتي ڪني ڪري نٿو سگهان.

منهنجو فرض آهي ته ماڻهن جا اهنج بالا عملدارن يا سرڪاري ڪامورن جي ڏيان تي آڻيان. بالا عملدارن جو فرض آهي ته ثابتي ڳولي ڪڍن ۽ جوابدارن کي سزاياب ڪن پر ايئن نٿو ڪيو وڃي. هو پنهنجي خيال موجب انتظام جي بهبودي رکڻ گهرن ٿا، ڇڱو هو ڀلي انتظام پنهنجي خيال موجب هلائين پر وقت ايندو جڏهن ماڻهو انهن جو پاسو ڇڏي ڏيندا ۽ پرپاسي جو پلئه پڪڙيندا.

مان سرڪار کي دوستاڻي طور چوان ٿو ۽ نه سرڪاري جو دشمن ٿي چوان ٿو ته پنهنجي فائدي لاءِ ۽ پنهنجي حڪومت قائم رکڻ لاءِ انهن کي جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد ماڻهن جي اهنجن لاهڻ جي ڪوشش ڪن. سنڌ ۾ تازو جڊيشل کاتي جي کهڙي پاليسي رهي آهي؟ هر هڪ ضلع مان آزمائش طور ڪيس هلايا وڃن ٿا. هر هڪ ضلع ۾ وڏي عهدي جي هر هڪ ماڻهو تي هڪ آزمائش طور ڪيس هلايو ٿو وڃي انهي مراد سان ته سنڌ ۾ زميندار ڪلاس جي ماڻهن جون خراب روشون بند ڪيون وڃن ۽ پوليس ۽ جڊيشل کاتو مٿانهون ڪيو وڃي. اهو فقط ماڻهن کي خراب ڪرڻو آهي ۽ ايئن ڪرڻ سان ماڻهن جا جذبات دٻايا وڃن ٿا. اهو ماڻهن کي سڌارڻو نه آهي اهو ماڻهن ڏانهن سڌاري جو نياپو آڻڻو نه آهي، جيئن برٽش گورنمينٽ جي ظاهر ڪيل پاليسي آهي، اسين چڱن وقتن جي اميد ڪري رهيا آهيون. اسانکي فقط انجام ڏنا وڃن ٿا ته اسان لاءِ چڱا وقت اچن پيا پر ڇو نه انهن لاءِ زمين هاڻي تيار ڪئي پيئي وڃي؟

ايئن آهي ڇا ته هو ان لاءِ ترسيا ويٺا آهن ته آسمان مان ڪجهه ڪري پوندو؟ فقط لوڪل سيلف گورنمينٽ جي خيال مان منهنجا معزز دوست ڏسي عجب ۾ پوندا ته ڪيئن هڪ طرفو راڄ هلي رهيو آهي. هڪڙي قلم جي آڌار تي جنهن موجب ڪليڪٽر صاحب کي اختياري ڏنل آهي ته لوڪل بورڊ جون ڪي به خاميون ڏيکاري سگهي يا ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جا ڪي به بي قاعدي حڪم رد ڪري سگهي. انهيءَ جو بيجاءِ فائدو ورتو ويو آهي.

ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ۾ تمام حقارت جوڳي رستي ۾ هلت ڪئي وئي آهي. مونکي خبر نه آهي ته اها هلت قاعدي موجب آهي يا نه. پر رڳو سرڪاري گرانٽ به روڪي ويئي آهي، انهي بهاني سان جو انهن پنهنجو انجنيئري عملو نه سڌاريو آهي، جو ڪيتري وقت کان سڌاريل آهي. پر اهو ڪو

پورو سبب آهي ڇا جنهن تي سموري سرڪاري سالياني گرانٽ روڪي سگهجي ٿي؟ اهو فقط ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر جي پرسنل اسسٽنٽ جي تحرڪ سان ڪيو ويو آهي. هن ساري ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ کي دٻايو ۽ خراب ڪيو آهي.

رستن جي ڪهڙي حالت آهي ۽ لوڪل بورڊن جي ٻين سڌارن جي ڪهڙي حالت آهي تنهن بابت ڪجهه ويچار نه ڪيو ويو آهي. فقط انهي بهاني سان ته هنن پنهنجو انجنيئري عملو نه سڌاريو آهي انهن جي حقي سالياني گرانٽ روڪي وئي آهي. جنهن جو سبب فقط اهو آهي ته ڪليڪٽر جو پرسنل اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي پرزيڊنٽ سان ڪاوڙيل آهي، ڇاڪاڻ ته هن جو ڪو مائٽ انجنيئر مقرر نه ڪيو ويو آهي. ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي ڪارروائيءَ مان صفا ڏسڻ ۾ ايندو ته اهو ماڻهو جو ستن سالن کان به وڌيڪ رهيو آهي سو ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي سڌاري جي رستي ۾ ڪيئن نه اڳيان اٽڪون وجهي رهيو آهي. مان لوڪل سيلف جي وزير کي اپيل ڪندس ته هو انهي ڳالا کي بند ڪرائي ۽ اجائي خصومت کي روڪي. جيڪڏهن ضرور هجي ته سرڪار اهڙو قاعدو ڦيرائي جنهن ڪري اها تڪليف لهي وڃي ۽ ملڪ اندر سچي پچي خود حڪومت اچي.

جيڪڏهن اسان کي خود حڪومت جي سونپڻ جي مرضي آهي ته اهي اسانکي سچي پچي شي ڏين. اسانکي مسخري ڪانه گهرجي، اسانکي سچي پچي شيءِ گهرجي. هن نموني جو اٽڪاءُ هٽڻ نه گهرجي. ڇاڪاڻ ته بورڊ فلاڻو يا فلاڻو ماڻهن ڪنهن خاص جڳهه تي مقرر نه ڪيو ته سرڪار سالياني گرانٽ روڪي سگهندي. مان نٿو سمجهان ته منهنجي معزز دوستن مان جن مان ڪي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جا پريزيڊنٽ به آهن، ڪنهن به هن نموني جي هلت بمبئي ڪاتي ۾ ڏٺي هوندي. اهو آهي سڌريل انتظام جو نمونو جنهن لاءِ ڪروڙ رپيين جا خرچ ڪيا وڃن ٿا. ماڻهن جي سچي پچي حالت ڪهڙي آهي؟ سرڪار ڪا اها سنڀال ورتي آهي ته ڪيئن مان پنهنجي رعيت جي ڪمائي وڌايان ۽ واپار جنهن تي ڍل وڌي وڃي ٿي، انهن جي ڪمائي ڪيئن وڌايان؟

هنرن ۽ ايگريڪلچر جي سڌاري لاءِ بجيٽ ۾ ڪيترا پئسا ڏيکاريا وڃن ٿا؟ منهنجو دوست ايگريڪلچر جو وزير چوي ٿو ته هن کي پورا پئسا نه ٿا ملن. مونکي خبر آهي ته لوڪل سيلف گورنمينٽ جي وزير کي به ماڻهن جي حالت سڌارڻ لاءِ پورا پئسا نه ٿا ڏنا وڃن. سچ پچ سنڌ هنرن جو هڪ پينگهو آهي. سرڪار هن تي ڪجهه ڌيان ڏنو آهي؟ مونکي خبر آهي ته ڪن ميمبرن صاحبن ۽ وزيرن جا عمدا ڪوچ ۽ گهر سنڌ جي تمام عمدن هنرن سان سينگاريل آهن. جڏهن هاري مئو ٿي، جڏهن هن جا فصل زبون ٿي ويا، جڏهن آسماني آفتون هن جي مٿان اچي ڪڙڪيون، ان وقت جيڪڏهن ڪو هنر هجي ها، جنهن جي سڌارڻ جي سرڪار ڪوشش ڪري ها ته هو پنهنجو روزگار هنر جي وسيلي ڪري سگهي ها، پوءِ هوند ڇو جيڪر پنهنجو هٿ مفت مدد ملڻ لاءِ ڊگهيري ها! رڳو اها مدد پوري نه ملي آهي جيتري ملڻ گهربي هئي، ڇاڪاڻ ته سرڪار چوي ٿي ته ستايلن لاءِ مون وٽ ايترو پئسو ڪونه آهي. اهي ماڻهن جي گهرجن جي پورائي ڪري نٿا سگهن. اها آهي رعيت جي ڪمائيءَ جي حالت. انهن کي سڌاريو انهن کي تعليم ڏيو انهن کي اهڙي نموني تعليم ڏيو جو توهين نه فقط ڪلارڪ ۽ ڪانسٽيبل پيدا ڪريو پر اهڙي نموني ۾ تعليم ڏيو جيئن انهن مان سچا پچا ماڻهو پيدا ٿين، اهي ماڻهو جي هندستاني قوم جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪم ڪري سگهن.

اتي هڪڙي ٻئي ميمبر صاحب چيو ته پئسو ڪونهي. سيد ميران محمد شاهه تقرير هلائيندي چيو ته پئسو آهي مگر اهو وڏن عملدارن جي ٿلهن پگهارن ۾ ٿئي پورو ٿي وڃي ٿو ڇو نه اهو پئسو ماڻهن جي حالت سڌارڻ لاءِ خرچ ڪيو وڃي. جيڪڏهن سرڪار اسان ڏانهن سڌاري جو نيا پو ڪٽي اچڻ گهري ٿي، جيئن اهي اڪثر چئي رهيا آهن تڏهن انهن کي گهرجي ته اسان کي مٿي چاڙهين ۽ پاڻ جيتري منزل تي آڻين. انهن کي پنهنجا قومي بانيڪار ۽ سلطنت جا مدبر آهن، ڇو نه اسان کي به ساڳي نموني ۾ مٿي کنيو وڃي، جيئن اسين به پنهنجي قوم جا بانيڪار ٿيون، اهو ئي فقط رستو آهي جنهن ۾ اسانکي سڌاري سگهجي ٿو ۽ انهيءَ نقط نظر سان بجيٽ ٺاهڻ گهرجي، مگر سچ پچ اها ٻي نظر سان يعني سرڪار جي موجوده انتظام جي مضبوطي قائم رکڻ لاءِ ٺاهي وئي آهي، جنهن موجب ماڻهن کي پنهنجي ضمير کان ڪيرايو وڃي ٿو ۽ انهن کي اهڙي طرح دٻايو وڃي ٿو جو هو مٿي اُڀري نه سگهن ۽ ڪجهه به پنهنجي قوم جي خدمت نه ڪري سگهن.

انهيءَ انتظام سان مان سمجهي نٿو سگهان ته اسانجو ڪهڙو حال ٿيندو هن هائوس ۾ اچڻ بلڪل بيڪار ٿيندو

جيڪڏهن سرڪار وٽان اسانجا ڪلي اهنج دور نه ٿيندا.

ست ستاءِ سان يا حڪومت جي وڏين اختيارين سان اسان جا ووٽ هٿ ڪري پنهنجا بل پاس ڪرائي ڇڏين ٿا. مگر ان هوندي به تاريخ جا صفحا اهو ڏيکاريندا ته انهن انساني قوم لاءِ پنهنجي پوري طرح فرض ادائي نه ڪئي آهي ۽ اهي دنيا جي ٻين سڌريلن قومن اڳيان جوابدار ٺهرايا ويندا، ڇاڪاڻ ته انهن هن ملڪ جي حڪومت سچي پچي سڌاري آڻڻ جي نيت سان نه ڪئي آهي.

سائمن ڪميشن تي تقرير
(2 آگسٽ 1928ع)

منهنجا جيڪي آنربل دوست ڪميشن سان قطع تعلقات ڪرڻ گهرن ٿا مون کي انهن جذبن لاءِ پورو احساس ۽ عزت آهي. مونکي خبر آهي ته هو پڪي ۽ سچي ارادي جا ماڻهو آهن ۽ اکيون پوري تقليد ڪرڻ وارا ماڻهو نه آهن. هو پنهنجي ضمير موجب سمجهن ٿا ته ڪميشن سان قطع تعلقات ڪرڻ ڪري ملڪ جي بهبودي ڪندا پر انهن کي اسانجي طرف پڻ ساڳئي نقطه نظر سان ڏسڻ گهرجي.

اسين پڻ پنهنجي ضمير مطابق سمجهون ٿا ته موجوده حالت موجب نه قطع تعلق ڪرڻ سان پر تعاون ڪرڻ سان ئي اسين ملڪي خدمت ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن اسانجي قوم به اهڙي بيدار معز طاقتور، دولتمند ۽ ڪارپرداز هجي ها جهڙا اسان جا قطع تعلق ڪندڙ دوست آهن ته آءٌ انهن کي ضرور ڪميشن سان بائيڪاٽ ڪرڻ جي صلاح ڏيان ها نه تعاون ڪرڻ جي. ليڪن هاڻوڪيون حالتون ۽ ڪثير تعداد قوم جون حرڪتون اسانجي دلين ۾ پڻ اهڙو اعتماد نه ٿيون پيدا ڪن جو اسين قطع تعلق ڪندڙن جي پيروي ڪريون. انهن جي اعمالن اسانجي دل ۾ بي اعتمادي پيدا ڪئي آهي ۽ تنهنجو ڪري ئي اسان ڪميشن سان تعاون ڪرڻ تي مجبور ٿيا آهيون.

2_ منهنجو ڪو اهو رايو نه آهي ته ڪميشن ڪو اسانجي اهنجن ۽ ايذاون جو دوا درمل پيدا ڪندي يا اسانکي مڪمل آزادي بخشيندي يا ڪو اسانکي ڌارين جي غلامي جي طوق سان آزاد ڪندي. آءٌ هڪڙي منٽ لاءِ به اهڙو تصور نٿو ڪريان. اسان جي سنڌ جي ميمبرن صاحبن جي گذريل زماني ۾ کهڙي به ڪٽي روش هجي ها تنهن هوندي به موجوده وقت هنن جو رخ بلڪل چڱو آهي. سمجهو ته ڪميشن تي ڪٽي اسانجا نمائندا ساڳين حقن سان مقرر ٿين ها ته به ڪيترين قومن کي نمائندگي ملي ڪيترن کي ملي ها. بهر صورت اسانکي ڪا نان آفيشل مئجارٽي ڪانه ڏين ها جنهن جو نتيجو اهو نڪري ها جو مئجارٽي جي رپورٽ ڌار ۽ مئنارٽي جي رپورٽ ڌار نڪري ها. مئجارٽي رپورٽن جو جيڪو حشر ڪيو ويجي ٿو تنهن جو پورو انداز واسڪن ڪميشن ۽ ٻين اهڙين ڪميشنن مان لڳائي سگهجي ٿو.

بهرحال هيءَ ڪميشن فقط مشورو ڏيندڙ ڪميٽي آهي. اسانکي ترسي ڏسڻ گهرجي ته ڪميشن اسان سان انصاف جو برتاءُ ڪري ٿي يا نه. انهي ڪاڻ پوءِ اميدن منقطع ٿيڻ تي اسانکي بلاشڪ اهڙي ڪميشن جي مخالفت ڪرڻ گهرجي.

پر هينئر اسانکي ڳاڏي اڳيان ۽ گهوڙو پنيان ٻڌڻ جو مثال پيدا ڪرڻ نه گهرجي. اسانکي ترسي ڏسڻ گهرجي ته اسان بنسبت ڪهڙو فيصلو ڪيو ٿو وڃي.

سال 1929ع جون سخت برساتون
(تاريخ 26 جولاءِ 1929ع)

سال 1929ع ۾ جيڪي سخت ٻوڏون ۽ برساتون پيئون انهن جي باري ۾ هيٺين نموني جو ٺهراءُ ميران محمد شاه ڪائونسل ۾ پيش ڪيو:

"هي ڪائونسل مهمل ڪئي وڃي انهيءَ لاءِ ته تازين برساتن ۽ ٻوڏن سبب سنڌ ۾ جيڪو حياتين ۽ ملڪيت جو سخت نقصان ٿيو آهي انهي خوفناڪ حالت تي ويچار ڪيو وڃي."

انهيءَ ٺهراءَ تي ميران محمد شاه جي تقرير:

منهنجي هن ٺهراءَ ڪائونسل ۾ آڻڻ جي مراد فقط اها آهي ته ڪائونسل اڳيان سنڌ جي ٻوڏن ۽ برساتن سبب جيڪو حياتي ۽ ملڪيت کي نقصان پهتو آهي ان جي سچي صورت ڪائونسل اڳيان پيش ڪريان.

ميمبر صاحبن اخبار ۾ جيڪو سنڌ کي نقصان پهتو آهي سو چڱي طرح سان پڙهيو هوندو. مونکي هن وقت جيڪي اخبارون هٿ ۾ آهن اُهي اتي جي دردناڪ حالت بابت بلڪل ڏک ڀريون حالتون بيان ڪن ٿيون.

خصوصن ٻهراڙيءَ ۾ جتي ماڻهن کي جلد ڇوٽڪارو ڪونه ٿو ملي جن جي گهرن جو نمونو ۽ رهڻ جو نمونو خاص نموني جو آهي.

ٻي جيڪا منهنجي مراد هن ٺهراءَ آڻڻ بابت آهي اها آهي ته سنڌ جي ڪمن بنسبت مان ميمبرن ۾ ڪجهه چاهه پيدا

ڪريان، جيئن تہ سنڌ بمبئي ڪاتي ڪان ڪم نصيباً گهڻو پري آهي. مون تنهن ڪري واجب سمجهو تہ هن ڪائونسل جي اڳيان سخت ٻوڏن ۽ برساتن سبب جيڪا سچي پچي حالت آهي ان لاءِ پوري پوري خبر پيش ڪريان تہ اهي انهي حالت جو اندازو ڪري سگهن ۽ هي ڪائونسل خيال ڪري ڏسي تہ ڪهڙا واجبي اپاءَ ڏکويل ماڻهن جي فائدي لاءِ وٺڻ گهرجن.

مونکي فقط جيڪو نقصان ٿيو آهي اُن جا سچا انگ اکر معلوم آهن، مگر سرڪار جيڪي هيل تائين چوٽڪاري لاءِ اُپاءَ ورتا آهن، تنهن مان غير واقف آهيان.

ڪائونسل کي اهو ڏسڻو آهي تہ سرڪار انهي ڏس ۾ پنهنجو فرض پوريءَ طرح سان ادا ڪيو آهي يا نہ. نقصان گهڻن نمونن ۾ ٿيل آهي. حياتيءَ جو نقصان ٿيل آهي، جو هيل تائين 30 معلوم ٿئي ٿو ۽ ملڪيت جو جيڪو بہ نقصان ٿيو آهي سو رپورٽن موجب هڪ ڪروڙ آهي. البتہ سرڪار اسانکي سچن انگن ۽ سچن اسٽيٽمينٽن بابت سچي پچي واقفيت ڏيئي سگهي ٿي مگر رپورٽن موجب اهو انگ هڪ ڪروڙ آهي.

فصلن جي حالت بلڪل دردناڪ آهي. خصوصن سنڌ جي هيٺئين پاڱي ۾ جتان مان اچان ٿو. سنڌ جي هيٺئين پاڱي کي مٿئين پاڱي کان برساتن ۽ ٻوڏن سبب وڏيڪ نقصان پهتو آهي، چاڪاڻ تہ نديءَ جي هيٺانهين ليول سبب ٻنيون آباديءَ لاءِ تيار هيون مگر اوچتين برساتن سبب زمين آباديءَ کان خارج ٿي ويئي، خصوصن ساريال ۽ ڪپهہ جو فصل، چاڪاڻ تہ فصل جي پلي ٿيڻ لاءِ زمين جي تهہ اندر گرمي گهربل آهي. نديءَ جي هيٺاهين ليول سبب ماڻهو جون جي مهيني جي شروعات ۾ وهراج نہ ڪري سگهيا، جو وهراج ۽ ڪپهہ جي ٻج پوکڻ لاءِ دستوري وقت آهي. ٻج کوهن جي پاڻيءَ تي پوکيا ويا پر اهي جولاءِ جي وچ تائين بہ وهراج کان رهجي ويا. اوچتو 13 جولاءِ جون برساتون شروع ٿيون جي بہ ڏينهن ۽ ٻہ راتيون هليون بلڪ ڪن جاين تي تہ انهي کان بہ وڏيڪ. نتيجو اهو ٿيو جو پاڻي ڪيڙيلن زمينن ۾ بيهي ويو ۽ ٻيجو ناس ٿي ويو ۽ ماڻهو وقت سر وهراج جو ڪم لاهي نہ سگهيا. انهي نقصان جي اندازي جو شمار بہ وڻڻو آهي، جنهن ڪري ماڻهو پنهنجي ٻنين جي آباديءَ جي وجهہ ملڻ کان محروم رهيا ۽ ٻيٽلن فصلن کي پڻ گهڻو نقصان ٿيل آهي، جنهن جو وهراج تازو ٿيل آهي. برساتن اهي فصل ناس ڪري ڇڏيا. تنهن کان سواءِ ماڻهن جي گهرن کي بہ گهڻو نقصان پهتو آهي. گهرن جا گهر لڙهي ويا آهن.

رپورٽن موجب معلوم ٿئي ٿو تہ جڳهين جو تخميني نقصان 1927ع کان بہ وڏيڪ ٿيل آهي، جڏهن ايئن سمجهيو ويو هو تہ سنڌ ۾ هن سال غير معمولي برسات پيل آهي، سنڌ جا ماڻهو بلڪل مسڪين آهن. گذريل ٻہ ٽي سال فصل اصل ڪين ٿيل آهن ۽ اهي اڳيئي سخت قرضن ۾ مبتلا آهن، مگر هاڻوڪي آفت انهن کي بلڪل تباهہ ڪري ڇڏيو آهي.

برساتن وقت مان اتي هوس. برسات 13 جون شام کان شروع ٿي ۽ 16 تاريخ تائين هلي. شهدادپور، سنجهورو، گوني، ٽنڊوباگو، ماتلي، ٽنڊوالهيار، جاتي، ڊگهڙي ۽ جيمس آباد کي تمام سخت نقصان ٿيو آهي، مان انهن ماڻهن سان گڏيو آهيان ۽ انهن جي واتان تمام دردناڪ بيان ٻڌو اٿم، چاڪاڻ تہ برسات جو پاڻي گهٽين ۾ بيٺو رهيو جنهن ڪري ڪيترائي گهر ڪري پيا آهن، تعلقن جا هيڊ ڪوارٽر بہ ٻڏي ويا آهن. سنجهوري جهڙو ڳوٺ اڃا تائين پاڻيءَ هيٺ آهي، گهٽين مان پاڻي ڪڍائڻ لاءِ اڃا ڪجهہ نہ ڪيو ويو آهي، ان جو خاص سبب اهو آهي جو پاڻيءَ جي نيڪال جون ڪجهہ بہ سهولتون نہ آهن جنهن ڪري ڪيترائي گهر ڪِري پيا آهن.

صفا ظاهر آهي تہ سرڪار ڳوٺن ۽ شهرن جي گهٽين مان پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ڪو بہ اُپاءُ نہ ورتو آهي. مان هڪ مثال پيش ڪريان ٿو: ڊگهڙيءَ جي ماڻهن عملدارن کي درخواست ڪئي تہ ريلوي بند کي ڀڳو وجي تہ پاڻيءَ جو نيڪال ٿئي. مگر 20 تاريخ تائين جنهن تاريخ تي مان پونہ لاءِ روانو ٿيس، ڪجهہ بہ چوٽڪاري جو اُپاءُ ورتل ڪونہ هو. سنجهوري لاءِ بہ اڃا ڪجهہ بندوبست ڪونہ ڪيل آهي. مونکي تعلقي هيڊ ڪوارٽرن جي ڳوٺن جي پوري پوري خبر آهي. جيڪڏهن تعلقي جي هيڊ ڪوارٽرن جي اها حالت آهي تہ مان سمجهي نٿو سگهان تہ ننڍن ڳوٺن جي، جي تمام اندر آهن ۽ جتي عملدار 20 تاريخ تائين وڃي نہ سگهيا آهن، انهن ڳوٺن جي ڪهڙي حالت هوندي.

جيڪڏهن عملدار تڏهن ٻاهر نڪرندا، جڏهن سڀ ڪجهہ نقصان ٿي وڃي، تڏهن اهي ڏک کي دفع ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ وٺي سگهندا؟ مان ٻڌي خوش ٿيندس تہ هيل تائين سرڪار ڪهڙا اُپاءَ ورتا آهن ۽ ماڻهن کي ڏک ۾ مدد ڪرڻ لاءِ سرڪار ڪهڙو بندوبست ڪيو آهي.

مونکي ڪيترين اخبارون هن وقت هٿ ۾ آهن جي حياتي، ملڪيت ۽ چوپايو مال

جو پاڻيءَ هيٺ لڙهي ويل آهي، ان جي نقصان بابت تمام دردناڪ ڪهاڻيون ڏين ٿيون. سنجهوري ۾ اٽڪل 60 ٻڪريون، 45 ڳئون ۽ 40 ٻيا جانور پاڻيءَ ۾ لڙهي ويا. تنهن ڪان سواءِ هنن ڪي سرديءَ سبب نقصان پهتل آهي، پاڻيءَ جي ٻيهڪ سبب ماڻهو ريلوي بندن تي ٿي ويٺا ۽ ڪيترو چوپايو مال ريل گاڏيءَ هيٺان چيپاٽجي ويو.

مان هائوس ڪي اهو ڏيان تي آڻڻ ٿو گهران ته سرڪار ڪان پڇن ته انهن ماڻهن سان هن ڏک جي حالت ۾ ڪهڙا ڇوٽڪاري جا اُپاءَ ورتا آهن. جيتري قدر مونکي خبر آهي اوتري قدر آءٌ چئي سگهان ٿو ته ماڻهن سان ڪجهه به ڇوٽڪاري جا اُپاءَ ورتل نه آهن. نه رڳو ايترو، مگر سرڪار ڍلن جي بقايا به وصول ڪري رهي آهي ۽ نه رڳو چوپايو مال پر ماڻهن جا ڪپڙا به نيلام ڪري رهيا آهن. اها آهي خبر جا مڪاني اخبارون ڏيئي رهيون آهن. هاڻي اها ڳالهه ڪائونسل جي اڳيان ويچار جوڳي آهي ته سنڌ جا ماڻهو هن ٺهراءَ جي پاس ڪرڻ جي ذريعي هن هائوس جي همدرديءَ جا حقدار آهن يا نه. جا ڳالهه سرڪار جي ذهن نشين ڪندي ته سنڌ جي ايراضي اندر جن ماڻهن ڪي نقصان پهتو آهي تن ڪي ڇوٽڪارو ڏنو وڃي.

(اوائلي تقرير هت پوري ٿي هن تقرير بعد ٻين ڪيترن معزز ميمبرن صاحبن پڻ هن تقرير جي تائيد ۾ زبردست ۽ اثرائتيون تقريرون ڪيون، جن ۾ هنن صاحبن سنڌ سان پنهنجي دلي همدردي ظاهر ڪندي امداد جي سخت ضرورت لاءِ سرڪار جو ڌيان ڇڪايو ۽ خود سرڪار جي جنرل ميمبر مسٽر هاٽسن سنڌ سان دلي همدردي ظاهر ڪئي ۽ مسٽر هاٽسن پنهنجي تقرير ۾ ڏيکاريو ته ڪليڪٽرن ڪي اڳيئي هدايتون موڪليل آهن ته جيتري به تقاوي جي ضرورت سمجهي وڃي اوتري انهن ڪي ميسر ڪري ڏني ويندي. سيني تقريرن بعد وري ميران محمد شاهه ڪي آخرين تقرير هيٺئين موجب ڪرڻي پيئي.)

مون هيءُ ٺهراءُ ڪائونسل اڳيان هن اُميد تي آندو ته جن ماڻهن ڪي سنڌ ۾ نقصان پهتو آهي تن سان گهٽ ۾ گهٽ همدردي ظاهر ڪئي ويندي، مگر منهنجي دوست روينيو سيڪريٽريءَ ڪا به همدردي ظاهر ڪانه ڪئي. منهنجي سچي پچي مراد هن ٺهراءَ آڻڻ جي اها هئي ته سنڌ جي ماڻهن جي درد ڀري حالت لاءِ ڪائونسل جي ميمبرن ۾ دلي همدردي پيدا ڪريان ۽ سنڌ جي حالتن ۽ ماڻهن جي حياتي ۽ ملڪيت ڪي جيڪو نقصان پهتو آهي انهن مان هنن ڪي واقف ڪريان. مان خاطري ٿو ڏيان ته منهنجون رپورٽون وڌايل نه آهن. ٻئي پاسي مان چوان ٿو ته ضلعي جي عملدارن نقصان جو تخمينو بلڪل گهٽ ڪيو آهي، جيئن منهنجي هڪڙي دوست چيو آهي ته اهي بنگلن ۾ ويهي پنهنجي ضلع بابت رپورٽون موڪلين ٿا.

مونکي تحقيق سان معلوم آهي، چاڪاڻ ته مان برساتن بند ٿيڻ بعد چوڏاري ڦريو آهيان ۽ ٽنڊه ڊويزن خواه ٻين پاڳن جي حالت جنهن بابت ڪليڪٽر پنهنجي رپورٽ نه ڏيئي سگهيو آهي انهن جي حالت تمام بري آهي. انهي جو سبب رڳو هي آهي جو ضلعي جي عملدارن ڪي ڪا به همدردي ڪانه آهي. مان هن هائوس ڪي اپيل ٿو ڪريان ته هن باري ۾ ڪجهه همدردي ڏيکارين.

جيڪڏهن گجرات ۽ دکن ڪي نقصان پهچي ها ته هو ساڳي همدرديءَ جي اُميد سنڌ جي ميمبرن ۾ رکن ها تنهن ڪري هنن ماڻهن لاءِ همدردي ڏيکارڻ لاءِ هو به پنهنجي ضمير موجب ٻڌل آهن.

هاڻي اچو سچن پچن حالتن تي. جيڪڏهن ڪن ماڻهن ڪي جيڪي مٿانهين پٽ تي آهن، برساتن سبب فائدو پهتو آهي ته اهو ڪو سبب آهي ڇا ته هيٺاهين زمينن جي ماڻهن، جن نقصان سٺو آهي، انهن ڪي سرڪار ڪا به مدد نه ڏئي؟ اهي پاڻ قبول ڪن ٿا ته هيٺاهين پٽ جي ماڻهن ڪي نقصان ٿيو آهي. اهو رخ ڏيڪاريل واجب آهي.

مونکي سچ پچ منهنجي دوست خانبهادر پٽي جا ريمارڪس ٻڌي ڏاڍو عجب لڳو آهي ۽ اهو ٻڌي تمام گهڻو ڏک ٿيو جڏهن هن چيو ته سنڌ ۾ جيڪي آفتون نازل ٿيون آهن انهن جو مون وڌاءُ ڪيو آهي. مان پڇان ٿو ته هن جو اهو مطلب آهي ڇا ته جڏهن سڀ ڪجهه ناس ٿي وڃي ۽ جڏهن ڪو به ماڻهو نه بچي تڏهن ئي فقط ڇوٽڪاري ڏيڻ جي ضرورت هوندي؟ لاڙڪاڻي جي ڪليڪٽر چيو ته علي گوهر آباد ۾ جيڪي گهر ڪريا آهن سي تمام قيمتي نه آهن، تنهن ڪري انهن جي حالت ۾ ڪا به ڇوٽڪاري ڏيڻ جي ضرورت نه آهي. هن جو اهو مطلب آهي ڇا ته اسان ڪي تيستائين ترسڻ گهرجي، جيستائين لاڙڪاڻي ۾ ڪجهه بنگلا ڪرن، تڏهن ئي فقط اسين ڇوٽڪارو گهري سگهون ٿا ۽ غريب ماڻهن ڪي سرڪار جي مدد جو ڪو به حق ڪونه آهي. مونکي پنهنجي دوست مسٽر کهڙي ڪان معلوم ٿيو آهي ته علي گوهر آباد ۾ جيڪو گهرن جو نقصان ٿيو آهي انهن مان هر هڪ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار رپين جو هو.

(هلندڙ)

# حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي

مرزا ڪاظم رضا بيگ



حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

اوپر ۽ اولهه جو مالڪ ته اهو ئي رب العالمين آهي، جنهن پنهنجي نور جي نهايت ئي ادنيٰ ذري سان، انسان کي ”احسنِ التقويم“ ۽ زمين تي نيڪيءَ جي حڪم ڪرڻ ۽ بديءَ کي روڪڻ لاءِ پيدا ڪيو. پر مختلف گروهه ۽ شعبا، زبانون ۽ رنگ ۽ قوم جا امتياز به خداوندِ ڪريم جون ئي نشانيون آهن، جن جي ذريعي سڃاڻپ ۽ تعارف ۾ سولائي ٿئي ٿي. سو سنڌو نديءَ جي اولهندي ڪناري، قديم زماني کان جيڪي شهر ۽ قبيلا مشهور هئا تن ۾ سيوهڻ شهر ۽ اتي آباد عباسي خاندان سنڌ جي تاريخ ۾ اهميت رکن ٿا.

حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي، سيوهڻ ۾ سوين سالن کان آباد، علم ۽ حڪمت جي سرچشمي عباسي خاندان جو اهڙو روشن ستارو هو، جنهن پنهنجي زندگيءَ جا چاليهه سال عملي طور سنڌي ادب، سياست، تعليمي بيداري، سماجي ڀلائي، ديني تبليغ ۽ طب جي علم، فن ۽ عمل جي فروغ ۾ صرف ڪري هڪ جامع الصفات سنڌي جي حيثيت ۾ تاريخ 6 ذوالحج سن 1361هه مطابق 14 ڊسمبر 1942ع ۾ وفات ڪئي ۽ پنهنجي لاڏاڻي بابت خود جيڪو سال هڪ ”قطعِ تاريخ“ ۾ حڪيم صاحب چئي ويو هو سو ”مشت خاڪ“ (1361هه) مان نڪري ٿو. اهو سندن علم، فضل ۽ ڪمال جو واضح ثبوت آهي.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي سن 1300هه مطابق سن 1883ع ۾ سيوهڻ ۾ پيدا ٿيو، جتي هڪ ٻئي پٺيان سندس تعليم ۽ تربيت جو بندوبست سنڌ جي انوقت نهايت ئي محترم ۽ مڪرم فاضل عالمن ۽ خدارسيده

بزرگن جي حضور ۾ ٿيو. جيئن تہ مولوي محمد عمر، مولانا عطاءُالله فيروز شاهي، مولانا عبدالرئوف بختيارپوري ۽ آخر ۾ حضرت مولانا محمد صديق سولنگي سيتائي، انهن بزرگن نہ فقط کيس درسي ڪتاب پڙهايا ۽ کيس فارسي ۽ عربي ۾ ماهر ڪري 18 سالن جي عمر ۾ فارغ التحصيل ڪيو پر سندس مختلف ذاتي اوصاف کي اهڙيءَ طرح اجاگر ڪيو ۽ کيس وسعت النظري، قلبي ڪشادگي ۽ ذهني باليدگي بخشي جو مرحوم 18 سالن جي عمر ۾ ئي مڪمل عملي انسان جي حيثيت سان سنڌ جي علم، ادبي ۽ سياسي افق تي چمڪي نروار ٿيو.

ويهين صدي عيسوي جي شروع ۾ سيد الهندي شاهہ جي معيت ۾ نوشهري فيروز ۽ ان ڪانپوءِ سنڌ مدرسة الاسلام ۾ فارسي جي استاد رهڻ ۽ مدرسہ مظهرالعلوم کڏي جي منتظم ۽ مهتمم جي حيثيت سان تدريسي خدمات بجا آڻڻ کان پوءِ حڪيم صاحب مرحوم سياست ۾ حصو ورتو. هو تحريڪِ خلافت جو حامي، انگريز جو ڪٽر دشمن، ديسي شين جي واپرائڻ جو مبلغ، دين ۾ تحريف ڪندڙن جو مخالف، قرآن جي معنيٰ ۽ مطلب تي غور ۽ فڪر ڪرڻ واري تحريڪ جو داعي ۽ سنڌين ۾ سماجي، تعليمي ۽ سياسي سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ سرگرم مجاهد ۽ مصلح هو.

سياسي نظريا:

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي لکيو آهي تہ "سياسي معاملات ۾ پڻ گهڻو تجربو ۽ مهارت حاصل هين ۽ خلافت تحريڪ واري زماني ۾ ذري گهٽ حڪومت جي گرفت کان ڇٽا هئا، ليڪن سندن سياست سان واهپو بي لوث ۽ خاص وطن جي خدمت لاءِ هوندو هو ۽ نہ ٻين سياسي نام نهاد رهبرن وانگي، جن کي ڪونہ ڪو پنهنجو دنياوي مطلب سر ڪرڻو هوندو آهي." مرزا قليچ بيگ انگريزي حڪومت جي شان ۾ گهڻيئي قصيدا ۽ نظم لکيا، جيڪا ڳالهہ حڪيم صاحب کي نہ وڻندي هئي. ڇاڪاڻ تہ پاڻ خلافتي ۽ آزادي پسند هئا. مثال طور مرزا قليچ بيگ مرحوم انوقت چيو تہ:

"شهنشاهہ کي انسان جي تون،
سلامت رک خداوند"

ان تي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي پنهنجي پروردگار کان پنهنجي قوم جي عزت و ناموس جي دعا گهري تہ:

"اسان جي دين و ايمان کي سلامت رک خداوند
بچائج تون مسلمانن جي عزت آبرو هر جا"

حڪيم فتح محمد سياست کي انساني فطرت جو جزو سمجهندو هو ۽ ان ڪري دين ۽ سياست کي هڪ ٻئي کان عليحدو ڪونہ سمجهندو هو. سندس چوڻ هو تہ "انسان هڪ مجسمو آهي ۽ سياست هڪ روح، جنهن انسان ۾ سياسي شعور نہ آهي سو هڪ بت بي جان يا حسِ بي روح آهي. اسلام جيتوڻيڪ خدا شناسي، زهد، تقويٰ، عبادت، احڪام ۽ اخلاق وغيره جو مجموعو آهي مگر سڀ کان وڌيڪ اهو سياسي مذهب آهي. خلافت، حڪومت، اولوالامريت، اطاعت، تنظيم، قانون، عدالت، احسان، جهاد، صلوات، زڪوات، صدقات، خيرات اهي سڀ سياسي آهن. حقيقت جي نظر سان نهاربو تہ اسلام جا غير سياسي اصول بہ يا تہ عين سياسي آهن يا انهن جي هستي سياسي امور جي هستيءَ تي مدار رکي ٿي. گويا اسلام سچو ئي سياسي مذهب آهي، انجو هر هڪ اصول سياست سان وابستگي رکندڙ آهي. يورپ جي سياست اسلامي سياست تان ئي نقل ٿيل آهي، مگر جڏهن تہ منجهس عقل محدود ۽ نفس مردود جي مداخلت آهي، انهيءَ ڪري اها مخلوق خدا لاءِ عذاب ۽ لعنتي آهي." (نئين زندگي، ڊسمبر 1961ع)

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جا سنڌ جي عالمن، شاعرن، طبيبن ۽ سياسي ماڻهن سان گهرا تعلقات هئا. حڪيم فتح محمد ۽ سندس پاءُ قاضي عبدالقيوم جا اسانجي خاندان جي بزرگن خصوصن ميرزا بيدل بيگ ۽ ميرزا قربان علي بيگ سان گهاٽا تعلقات هئا ۽ اڪثر ڪري ٻنهي کان ٻئي پائر حڪمت جي فن متعلق پڇا ڳاڇا ڪندا هئا. منهنجو ڏاڏو ميرزا قربان علي بيگ جڏهن بہ ڪراچي ويندو هو تہ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي سان ضرور ملاقات ڪندو هو. پوءِ ٻئي ڄڻا گڏجي مرزا آدم (جيڪو ڪراچي ميونسپل جو ڪائونسلر هوندو هو) سان ملڻ لاءِ ويندا هئا جيڪو سندن گهاٽو دوست هوندو هو.

ادبي خدمتون:

سنڌ وارن کي حڪيم صاحب وٽان جيڪو علم ۽ ادب جو ذخيرو مليو آهي، سو ديني، تاريخي، سوانح عمري، سيرت نگاري ۽ تنقيدات تي مشتمل آهي، مختصر تصنيفن هوندي بہ سنڌي ادب ۾ قيمتي اضافو ڪيو اٿس ۽ سنڌي زبان کي تصنيف ۽ تاليف جي جديد طرز سان واقف ڪرايو اٿس. سندس تصنيف ۽ تاليف جي تحرير ۽ ترتيب جو

طريقو بہ عجيب هو. درس و تدريس جو سلسلو هجي يا ڪراچيءَ جي گاڏي ڪاتي وارو مطب هجي، جيئن ئي هٿ هاج مان فارغ ٿيو تہ قلم پنهنجو ڪارنامو شروع ڪندو. حافظو تيز هيس ۽ مطالعو وسيع، ان ڪري جيئن ئي قلم ڪاغذ تي هلڻ شروع ڪيو تيئن ئي خيال ۽ مضمون پنهنجي جدت، ندرت، استدلال ۽ علمي پختگيءَ سان رقم ٿيندا ويندا هئا. پاڻ نورالايمان، مقدمہ تفسيرالقرآن لکيو اٿس. ابتدائي حمدو ثنا جا ڏهہ وڏي سائيز جا صفحا فقط هڪ ڪلاڪ ۾ لکي پورا ڪيائين. جن ۾ قرآنِ حڪيم ۽ احاديث جو گويا جوهر سميٽي ڇڏيو اٿس.

حڪيم مرحوم اٽڪل بہ درجن ڪتاب، رسالا ۽ مسودا ڇڏيا آهن. جيڪي پنهنجي مضمونن ۽ مندرجات سببان، سنڌي ادب جي جديد دور ۾ افاديت ۽ اهميت رکن ٿا. چو تہ سنڌ جي آڳاٽي بزرگن جيڪو ادب پيش ڪيو هو سو گهڻو ڪري فارسي زبان ۾ هو پر سنڌي زبان ۾ جيڪو ٿورو گهڻو ادب انوقت پيش ڪيو ويو هو. تنهن جو لاڙو زياده تر مذهب جي ابتدائي تعليم ۽ ديني ارڪانن طرف هو. تحرير ۾ سادگي ۽ لڪٽيءَ جي حالت هڪ رکي هئي. انگريزن جي اچڻ ڪانپوءِ نيون ضرورتون پيدا ٿيون ۽ اوچتو اهڙو ادبي انقلاب آيو جو انيڪ انشا پردازن انگريزي ادب جا ترجما ڪيا. انهيءَ انقلاب جو هڪ روشن تارو مرزا قليچ بيگ هو. مرحوم سيوهاڻي مغربي علوم کان واقف ڪين هو. ازانسواءِ قوم پرست هجڻ سببان انگريزي زبان سکڻ جي بہ خلاف هو پر مشرقي علوم ۾ مهارت هجڻ جي ڪري، هن ادب ۾ مشرقي لاڙن کي رواج ڏنو. حڪيم صاحب جي اهم تصنيفن جو تفصيل هن طرح آهي:

فتح محمدي: هڪ گمنام حيدرآبادي ڪرستان جي اسلام جي خلاف لکيل ڪتاب جي رد ۾. (1910ع)

حيات النبي: حضور پرنور رسولِ خدا صلعم جي مبارڪ حياتيءَ جو احوال (13 جمادي الاول 1332هہ-20 اپريل 1914ع)

اخلاقِ محمدي: حضور صلعم جي اخلاق ۽ اوصاف جو بيان. يعني حيات النبيءَ جو ٻيو حصو.

دل ۾ گهاءُ ڪندڙ مناجات: الله پاڪ سان پنهنجي حال اورڻ جي دعا. (7 جمادي الاول 1332هہ-14 اپريل 1914ع). هيءَ دعا شايد انهيءَ مناجاتِ باري تعاليٰ جي آخري شڪل آهي، جنهن جي شروعات بوڪ ۾ مولانا عبدالرئوف بختيارپوري وٽ پڙهڻ جي دوران ڪئي هئائين. جنهن جو بيان پنهنجي خود نوشتہ سوانح حيات (نئين زندگي جنوري -1961ع) ۾ ڪيو اٿس تہ هڪ رات خواب ۾ ڏٺم تہ حضرت قلندر شهباز رحمتہ الله عليہ جي سالياني عرس جو ميلو آهي، منهنجي هٿ ۾ "گلستان" جو ڪتاب آهي ۽ "جدال سعدي بامدعي در بيان تونگري و درويشي" پڙهي رهيو آهيان. مونکي ڪنهن مضمون سمجهڻ ۾ دقت محسوس ٿي. انهيءَ شش و پنج ۾ هڪ مسافر پير مرد نظر آيو جنهن ڪلي، ان جو مطلب فارسيءَ ۾ فصاحت سان سمجهايو. نالي پڇڻ تي ٻڌايائين تہ "سعدي شيرازي هستم" جاڳڻ بعد مون تي هڪ عجيب قسم جي ڪيفيت طاري ٿي. صبح جو بي اختيار مناجات باري تعاليٰ جا اٺ ڏهہ شعر زبان تي جاري ٿي ويم. انهن شعرن جي هڪڙي مصرع سنڌي تہ ٻي فارسيءَ ۾ هئي، منهنجي عجب جي ڪا حد نہ رهي. جڏهن ڏٺم تہ طبيعت بي ساختہ شعر چوڻ ڏانهن مائل ٿيندي وئي ۽ روز ڪيترائي شعر چوڻ لڳس.

خدا هڪڙو آهي: الله پاڪ جي هيڪڙائي ۽ توحيد متعلق اهم ڪتاب.

صفاتِ الاهي: الله تبارڪ و تعاليٰ جي صفتن جو بيان.

مثنوي داستان قوم، عرف حليمان. 1906ع ۾ سنڌ مدرستہ السلام ڪراچي ۾ منعقد ٿيل آل انديا محمدن ايجوڪيشن ڪانفرنس ۾ مولانا حالي سان ملاقات ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌس مسدس جو معنوي ترجمو ڪيائين جنهن جي قطع تاريخ هر مصرع مان استادانہ انداز ۾ بلبل مرحوم ڪڍي آهي.

ڪجمال ۽ زوال- دنيا ۾ قومون ۽ حڪومتون ڪيئن ٿهن ۽ ڪيئن ڊهن ٿيون، انجو ابنِ خلدون جي مقدمي تان ورتل احوال ( 3 ربيع الاول سن 1342هہ- 15 نومبر 1923ع)

ابوالفضل ۽ فيضي: مغل شهنشاهہ هند اڪبر اعظم جي ٻن مشهور سنڌي وزيرن جو تذڪرو (1936ع)

ميرن جي صاحبي: سنڌ جي ٽالپرن جي حڪومت ۽ ان وقت ملڪ جي ماڻهن جي احوال بابت: (6 سيپٽمبر 1924ع)

قلندر نامہ (احوال قلندر شهباز). هن ڪتاب ۾ قلندر شهباز جي زندگيءَ جو تفصيلوار احوال آهي، جنهن ۾ قلندر شهباز جي سيوهڻ ۾ آمد، سير ۽ سياحت، عبادت ۽ رياضت وغيره جون مفصل حقيقتون نهايت تحقيق سان لکيل آهن. (1914ع)

تذڪره شهباز- سنڌي -( 1323هہ)

آئينہ سڪندر_ تذڪرهِ لعل شهباز قلندر_ اردو

تنوير الايمان_ قرآن مجيد جي جديد طرز تي تفسير لکڻ لاءِ ڀرپائين مقدمي طور هي ڪتاب لکيو اٿس. جيڪو مصري مصنف فريد وجديءَ جي ڪتاب "صفوه العرفان" جي طرز تي جوڙيل آهي ۽ مرحوم علامہ دائودپوٽي جي قول موجب قرآن شريف جي تفهيم لاءِ موزون تمهيد آهي. منجهانئس حڪيم صاحب جن جي همہ گير معلومات ملي ٿي. ڪيترين ڳالهين ۾ پنهنجي همعصر عالمن جي تفسير کان نرالو ۽ افضل آهي.

آفتابِ ادب: سنڌي زبان جي قديم تاريخ، سنڌي زبان تي ٻين ٻولين جي اثر، ان جي سونهن، سينگار ۽ ضايع ۽ بدايع تي بحث ڪيو اٿس ۽ انوقت هندن طرفان سنڌي صورتخطي ۽ عربي فارسي حرفن جي استعمال خلاف جيڪا مهم هلائي ويئي هئي ان کي باطل ۽ غلط قرار ڏنو اٿس. (24 ڊسمبر 1940ع). هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان 1956ع ۾ ڇپايو ويو آهي.

بهارالاخلاق عرف بهار ڪلام (1935ع.) هي ڪتاب حڪيم صاحب جي نظمن جو مجموعو آهي، جيڪو 1938ع ۾ شايع ٿيو ۽ ڪجھ وقت بمبئيءَ يونيورسٽيءَ جي مئٽرڪ ڪلاس لاءِ نصاب ۾ داخل هو. حڪيم مرحوم جو بيو ڪلام اڻ ڇپيل گهڻو آهي، جنهن ۾ عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي غزل، نظم، قطع تاريخون، سهرا ۽ قصيدا شامل آهن.

اسلامي مدرسن جي ابتدائي شاگردن لاءِ پنج ڪتاب.

دينيات جا ٽي رسالا.

سنڌ جي تاريخ (پهريون حصو)

سوانح عمري: سيپٽمبر 1941ع ۾ حڪيم صاحب سخت بيمار ٿيڻ وقت پنهنجي سوانح عمري لکڻ شروع ڪئي، جيڪا اڌوري رهجي ويئي ۽ 1961ع ۾ اها نئين زندگي ۾ قسطوار شايع ٿي. مسودن ۾ مختلف ڪتابن تي لکيل تفريظون، مختلف وقتن تي ڪيل تقريرون ۽ اسلامي ۽ ديني درسي ڪتابن ۾ شامل ٿيل مضمون ۽ نظم آهن.

سنڌ کي حڪيم صاحب علم ۽ ادب جو جيڪو ذخيرو ڏنو آهي، سو ديني، تاريخي، سيرت نگاري ۽ تنقيدات تي مشتمل آهي. هو لغت ڪاميٽي جو رڪن بہ رهيو ۽ سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ جو ميمبر پڻ هو. شيخ عبدالله "عبد" مرحوم، سندس انهن ڪوششن جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جيڪي سنڌي شاعريءَ جي فروغ لاءِ حڪيم صاحب ڪيون ۽ پنهنجي دوا خانہ ۾ شعر و سخن جون محفلون گرم ڪيون. ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم لکيو آهي تہ "جڏهن منهنجي ڪتابن منهاج العاشقين ۽ ابياتِ سنڌي تي نازيبا حملا ڪيا ويا ۽ اعرابن واري شرارت شروع ڪئي وئي تہ تڏهن منهنجي بچاءَ ۾ حڪيم صاحب انهن کي دندان شڪن جواب ڏنا."

حڪيم صاحب جي مختلف ڪتابن جي مطالعي مان اها حقيقت پڌريءَ پٽ ظاهر ٿئي ٿي تہ سنڌي نثر رڳو قصن ڪهاڻين لاءِ موزون نہ هو پر ان ۾ اها ئي نزاڪت ۽ وسعت آهي جيڪا ٻين ترقي يافتہ زبانن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ سنڌي زبان ۾ بہ تاريخ ۽ تنقيد، سيرت ۽ سوانح نگاري، ادب ۽ اخبار نويسي وغيره جي موضوعن تي وڏي پيماني تي ڪم ڪري سگهجي ٿو. حڪيم صاحب




پنهنجي مختلف ڪتابن ۾ سنڌ جي مسلمانن جي موجوده حالت، غلط عقيدن ۽ بدرسمن تي رت رنو آهي ۽ سندن معاشي ۽ ديني اصلاح خاطر اثرائتا اپاءَ ڏسيا اٿس.

صحافت:


حڪيم صاحب پنهنجي زماني ۾ اخبار نويسيءَ جي اصلاحي ۽ انقلابي ڪارڻ کان بخوبي واقف هو. حاجي سر عبدالله هارون جي سهڪار سان ڪڏي جي مدرسي مان ماهوار "الجامع" مارچ 1925ع ۾، اسلام جي خدمت ۽ مسلمانن جي اصلاح لاءِ جاري ڪيائين. ان کانپوءِ پنهنجي سياسي جماعت جي هفتيوار اخبار "اصلاح" (1936ع_1939ع) سان وابستہ رهيو. جنهن ۾ ترتيب وار مولوي عبدالغفور سيتائي، مولوي حڪيم علي انور، مولوي خير محمد اوحدي، ايڊيٽر ۽ عبدالله عبد مرحوم مدير معاون ٿي رهيا. بهارِ اخلاق، تحفتہ احباب، مدرسہ ماهوار ۽ ٻين معياري ادبي

رسالن ۽ اخبارن سان پڻ سندس ناتا رهيا.

شاعري:

حڪيم سيوهاڻيءَ جي ڏينهن ۾ شعر ۽ سخن جو سنڌ ۾ گهڻو چرچو هو. گدا، سانگي، مير مرتضائي، مجتبائي، ميون وڏل، حافظ حامد، ميرزا قاسم علي بيگ، قليچ، فاضل، آخوند قاسم، ميرزا ٻيڊل بيگ، ميرزا قربان علي بيگ، ميرزا دوست محمد بيگ، بلبل وغيره ۽ ٻيا پختہ ڪار سخن ور بساط شاعريءَ تي ڇانيل هئا. حڪيم صاحب جو پنهنجي همعصرن تي ڏاڍو اثر هو. سندس نثر جي زور بيان جو هر ڪو معترف هو پر سندس شاعريءَ جي طرف ڪنهن پورو توجهہ ڪونہ ڪيو آهي. ان جو هڪ تہ هيءُ بہ سبب آهي جو سندس نثر جي مقابلي ۾ شاعري گهٽ آهي ۽ ٻيو سبب هيءُ آهي تہ "صغير سيوهاڻي" جي شاعريءَ جا موضوع عام طور ٻرايون، اقتصادي ناهمواري جهڙن معاملن تي ڇيل شعر، ظاهر آهي تہ زبان زد ٿي نہ ٿو سگهي، ڇو تہ ان وقت جي مذاق سخن ۾ بازاري لفظ، محاورا ۽ عاميانہ خيال عام هئا ۽ فارسي علم عروض جي تتبع تي ڏاريا خيال ۽ عشق، حسن، هجر ۽ وصال ۽ معشوق جي سراپا جهڙن موضوعن تي لکندڙ شاعرن ڪي حڪيم صاحب پنهنجي تصنيف، بهارِ اخلاق جي ديباچي ۾ ڏنو آهي. بهرحال ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم سندس شاعري تي تبصرو ڪندي لکيو آهي تہ "جهڙا يوناني حڪمت ۾ حاذق هئا ۽ سپ ڪنهن مضمون تي فارسي توڙي سنڌي ۾ بلا تڪلف شعر لکي ويندا هئا، گهڻن ئي وٽانئن شعر سازيءَ جو هنر پرايو ۽ شاگرديءَ جو شرط حاصل ڪيو."

شعر اڪثر عروض جي بحرن ۽ وزنن تي چيو اٿس ۽ اهو گهڻي قدر پاڪيزه،



حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

صاف ۽ متين آهي. حڪيم صاحب شايد پهريون ئي شخص آهي جنهن سنڌي شعر کي فرد سان سينگاريو آهي، جيئن تہ:

نہ فڪر نان جو ڪر، پڙهہ نراڙ ۾ پنهنجي،
پرن ۽ نڪ ۽ اکين کي، تہ آهي نان لکيل.

شاهہ لطيف بابت چيو اٿس تہ:

جي منجهي من، دک سان دل پرجي، ڪٽي پڙهہ شاهہ کي،
ڏئي اکين آنند ۽ تولاءِ ٿئي من نار شاهہ.

سچي قربانيءَ جي نشاندهي هن طرح ٿو ڪري تہ:

صدقي ٿيان شل آن، خدا جي نانءُ تي
آن ٿيان قربان پالڻهار تان،
آن ٿيان صدقي وطن جي خاڪ تي.

اخلاق ۽ عمل جي تلقين ڪندي حڪيم صاحب فرمايو تہ:

خادم ملڪ ٿي گذار سدا،
ديش شيوا ۾ ڪجهہ بہ عار نہ ڪر،
مڙس ٿي مشڪلات کي منهن ڏي
دامنِ صبر تار تار نہ ڪر.

ايڪي ۽ اتحاد جي موضوع تي حڪيم صاحب گهڻو لکيو آهي. مثال طور:

قهر جهڙو زهر پڻ ايڪي سان ماکي ٿو ٿئي،
ڪيو مکين کي پاڻ ڏس شير شڪر اتفاق.

حب وطن ۽ وطن دوستي جو جذبو هن طرح ظاهر ڪيو اٿس تہ:

وطن جي محبت ٿي آهي اهائي
نہ هرگز رکون ڪا جدائي ٻيائي.

اهڙين عظيم هستين تي سنڌ وارن کي هميشہ فخر رهندو.

# دنيا جي امير ترين شخص ايلون مسڪ جو سفر...

الهه بخش راٺوڙ

دنيا ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون اهڙيون شخصيتون آهن، جن جي هٿ ۾ دولت جو اسي سيڪڙو آهي، هو دنيا ۾ خيراتي ۽ عوامي ڀلائي وارا ڪم به ڪن ٿا، پر انهن جي زندگي تي نظر ڊوڙائجي ٿي ته گهڻي حيرانگي ٿئي ٿي. اهي ڪنهن به امير گهراڻي مان نه آيا آهن، نه ئي انهن جي وڏن ڪا رقم ڇڏي هئي. پر اهي انتهائي غربت جي زندگي گذاري اهم مرتبي تائين پهتا، انهن جي دولت انهن جي ذهني سوچ ۾ ڏاهپ هئي، جنهن جو درست استعمال ڪيو، هاڻ انهن جو دنيا تي ڏاڪو آهي. انهن ۾ بل گيٽس کانپوءِ ايلون مسڪ جو ذڪر اچي ٿو.

ڏکڻ آفريقا جي اسڪول ۾ ٻين ٻارن جي هٿان تشدد جو شڪار ٻار ڪيئن دنيا ۾ شهرت ماڻي ۽ مشهور انجنيئرنگ ڪمپني جو مالڪ بڻيو؟ ايلون مسڪ جي ڪهاڻي ننڍپڻ ۾ راڪيٽن سان لڳاءَ سان شروع ٿي ۽ ٽيسلا ، پي پال ۽ اسپيس ايڪس تائين اچي پهتي.

ايلون مسڪ 28 جون 1971 ڌاري ڏکڻ آفريقا جي شهر پريٽوريا ۾ پيدا ٿيو اڄڪلهه ايلون مسڪ هڪ مشهور ڪينيڊين آمريڪن بزنس مين، انجنيئر، سائنسدان ۽ سيڙپڪار آهي، مڪمل طور بجلي تي هلندڙ ڪار، ٻيهر استعمال لائق راڪيٽ جي تياري ۽ ان جهڙن ٻين وڏن انقلابي منصوبن جي پٺيان ايلون جوئي ذهن آهي.

ايلون نه رڳو SpaceX ۽ Tesla Motorsجو CEOآهي، پر SolarCityجو چيئرمين ۽ PayPalجو ڪو-باني به آهي، پر Perfectguru.com zip2جو شريڪ باني به آهي. انهن سڀني منصوبن کان وڏي ڳالهه ڪري ايلون نئون تصوراتي دنيا جو نقشو ئي ٻيو هوندو. اڄڪلهه هو سوشل ميڊيا جي اهم ٽول



ايلون مسڪ

ٽوئيٽر جو مالڪ بہ بڻجي ويو آهي.

ايلون مسڪ ڏکڻ آفريڪا جي انجنيئر ايرول مسڪ ۽ ڪينيڊين ماڊل مائي مسڪ جو پهريون پٽ هو. جيڪو 28 جون 1971ع تي ڄائو هو. ان کانپوءِ کين هڪ پٽ ڪيمبل مسڪ ۽ هڪ ڌيءَ ٽوسڪا مسڪ پيدا ٿيا پر هن جا والدين شادي شده زندگي اڳتي وڌائي نہ سگهيا ۽ 1980ع ۾ سندن طلاق ٿي وئي. ان کان پوءِ ايلون مسڪ گهڻو وقت پنهنجي پيءُ سان گڏ ڏکڻ آفريڪا ۾ گذاريو. هن جو ننڍپڻ گهڻو خوشگوار نہ هو. اڪثر ڪري هن جا هم عمر نوجوان ڪيس تنگ ڪندا هئا ۽ ايستائين جو ڪيس مارڪٽ بہ ڪرڻ کان نہ ڪيٻائيندا هئا. هڪ ڀيري ڇوڪرن جي هڪ ٽولي ايلون مسڪ کي ڏاڪڻين تي ڪيرايو ۽ ايترو ماريو جو هو بيهوش ٿي ويو.

ڏهن سالن جي عمر ۾ ايلون مسڪ کي ڪمپيوٽر پروگرامنگ ۾ دلچسپي پيدا ٿي ۽ 12 سالن جي عمر ۾ ايلون بنيادي ٻولي ۾ لکيل هڪ ڪمپيوٽر گيم هڪ ڪمپيوٽر ميگزين کي اٽڪل 500 ڊالرن ۾ وڪڻي ڇڏي. جون 1989ع ۾ ڏکڻ آفريڪا جي ڪاليج مان گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ 18 سالن جي ايلون مسڪ فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ کان بچڻ لاءِ ڪئناڊا هليو ويو ۽ پنهنجي ڪينيڊين ماءُ جي ڪري ڪينيڊا ۾ شهريت حاصل ڪئي.

اڻويهن سالن جي عمر ۾ ايلون کي ڪنگسٽن، اونٽاريو ۾ ڪوئنز يونيورسٽي ۾ هڪ انڊر گريجوئيٽ پروگرام ۾ داخلا ملي وئي. 1992 ۾ ٻن سالن جي تعليم کان پوءِ هو پنسلوانيا منتقل ٿيو ۽ 24 سالن جي عمر ۾ پينسلوانيا اسٽيٽ يونيورسٽي جي ڪاليج آف آرٽس ۽ سائنسز مان فزڪس ۾ ڊگري حاصل ڪئي. ان سان گڏ ايلون اقتصاديات جي شعبي ۾ بيچلر جي ڊگري حاصل ڪئي. 1995ع ۾ هو ڪيليفورنيا هليو ويو، جتي هن اسٽينفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ اپلائيڊ فزڪس ۾ پي ايڇ ڊي لاءِ داخلا ورتي، پر صرف ٻن ڏينهن کانپوءِ اها ڇڏي ڏنائين تہ جيئن مختلف شعبن ۾ نوان ڪاروبار شروع ڪري سگهي ،جن ۾ قابل تجديد توانائي، انٽرنيٽ ۽ خلائي سفر جو خواب پورو ڪري سگهي. 2002 ۾ ايلون آمريڪي شهريت حاصل ڪري ورتي.

1995 ۾ مسڪ، سندس ڀاءُ ڪيمبل ۽ گريگ ڪوري، مسڪ جي پيءُ کان اوڌر وٺي ويب سافٽ ويئر ڪمپني Zip2 قائم ڪئي. هن پروجيڪٽ جي شروعات پولو آلٽو ۾ هڪ ننڍڙي ڪرائي تي ورتل آفيس ۾ ڪئي، ڪمپني اخبار پبلشنگ انڊسٽري لاءِ هڪ انٽرنيٽ سٽي گائيڊ تيار ڪئي ۽ مارڪيٽنگ ڪئي، جنهن ۾ نقشا، هدايتون ۽ فون ڊائريڪٽريون شامل هيون. ايلون مسڪ جي مطابق، هن ويب سائيٽ ٺاهڻ کان اڳ، ان جي قابل نہ هو تہ آفيس يا اپارٽمنٽ ڪرائي تي وٺي سگهي،هن ٻڌايو تہ هو صوفي تي ئي سمهندو هو ۽ هڪ ڪمپيوٽر هو جنهن کي مان ۽ منهنجو ڀاءُ واري واري سان استعمال ڪندا هئاسين. Compaq ڪمپني فيبروري 1999 ۾ 307 ملين ڊالر رقم عيوض Zip2 کي خريد ڪيو ۽ مسڪ پنهنجي 7 سيڪڙو شيئرز مطابق 22 ملين ڊالر وصول ڪيا.

ايلون مسڪ هڪ نئون تصوراتي ٽرانسپورٽ سسٽم پيش ڪيو ، جنهن کي هائپر لوپ سڏيو ويندو آهي. هائپر لوپ زمين جي سطح تي موجود گهٽ دٻاءَ واري ٽيوب ۾ وڏيڪ پريشر واري ڪيپسول جي ذريعي سفر ڪيو ويندو. هوا جي دٻاءَ جو اهو فرق تيز رفتار سان ڪئپسول کي پنهنجي منزل تائين پهچائيندو.

SpaceX آمريڪي رياست ٽيڪساس ۾ پنهنجو اسٽار شپ پروٽوٽائپ ٺاهي رهيو آهي. ايلون مسڪ جلد ئي هڪ جهاز جو هڪ پروٽوٽائپ متعارف ڪرائڻ وارو آهي جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهو خلائي سفر جو رخ بدلائي ڇڏيندو. ’اسٽار شپ‘ جي نالي سان، اهو هڪ ڀيهر استعمال لائق خلائي جهاز هوندو جيڪو 100 ماڻهن کي ڳاڙهي سياري، مريخ تائين پهچائڻ جي صلاحيت رکندو. ايلون مسڪ جي خانگي خلائي سفر واري ڪمپني SpaceX جو مقصد ٻين سيارن تي زندگي کي يقيني بنائڻ آهي.

ايلون مسڪ ان جو هڪ سبب ڌرتيءَ جي وجود کي خطرو ٻڌائي ٿو. هو چئي ٿو تہ جيئن ڌرتيءَ سان هڪ سياري، جو ٽڪرائجڻ، جيڪو انساني نسل کي ختم ڪري سگهي ٿو. اهڙي صورت ۾ ٻيون انساني آباديون انساني نسل جي بقا لاءِ ڪارآمد ثابت ٿي سگهن ٿيون. 2016 ۾ ميڪسيڪو ۾ هڪ بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ ايلون مسڪ پنهنجي سوچ جي وضاحت ڪئي: "تاريخ ٻن رخن مان ڪنهن هڪ طرف وڃڻ واري آهي.هڪ رستو هي آهي تہ اسان هميشہ جي لاءِ زمين تي ئي رهون ۽ ٻئي صورت ۾ يقينن ڪڏهن نہ ڪڏهن اهڙو واقعو پيش ايندو، جنهن سان انساني آبادي ختم ٿي ويندي. هن وڌيڪ چيو.تہ " اسان هڪ خلائي سفر واري تهذيب بڻجي سگهون ٿا جيڪا ڪيترن ئي

سيارن تي پنهنجو گهر ٺاهي سگهي ٿي، مون کي اميد آهي تہ توهان متفق آهيو تہ اهو صحيح طريقو آهي," ايلون مسڪ ڪيترائي ڀيرا مريخ تي شهر آباد ڪرڻ جي پنهنجي خواب جو ذڪر ڪيو آهي. هن جو خيال آهي تہ انسانن جي وڏي تعداد ۾ انهن آباديءَ لاءِ ضروري آهي ، جيئن پائيدار ۽ پاڻيرو ٿيڻ لاءِ انسانن جو وڏي تعداد ۾ هجڻ لازمي آهي.

ٽيسلا سان گڏ راڪيٽ ٺاهيندڙ ڪمپني اسپيس ايڪس ايلون مسڪ جي ذهن جي پيداوار آهي ۽ گذريل ڪيترن ئي سالن کان آمريڪي خلائي اداري ناسا بہ ايلون مسڪ جي ڪمپني جون خدمتون حاصل ڪيون آهن. تازوئي اسپيس ايڪس جي راڪيٽ جي مدد سان ناسا جي خلابازن کي بين الاقوامي خلائي اسٽيشن تي ڪاميابي سان پهچايو ويو.

ٻئي طرف ٽيسلا جون ٺاهيل برقي گاڏيون، آمريڪا کانپوءِ هاڻ يورپ ۾ بہ مقبول ٿي رهيون آهن. گذريل سال نومبر ۾ ان جي ڪمپني ٽيسلا جي ويليو 500 ارب ڊالرن تائين پهچي وئي ۽ اها بل گيٽس کي پوئتي ڇڏيندي ۽ هُو دنيا جو ٻيو نمبر امير ترين شخص بڻجي ويو. مائيڪرو سافٽ جي شريڪ باني بل گيٽس سالن تائين دنيا جو سڀ کان امير شخص رهيو پر 2017 ۾ جيف بيزوس ان جي جاءِ سنڀالي ورتي.

ڪرونا وائرس جي وبا سبب عالمي معيشت تمام گهڻي متاثر ٿي ، پر ان جي باوجود ٽيسلا کي پنهنجن گاڏين جي لاءِ آرڊرز ملڻ جو سلسلو جاري آهي، جنهن سبب ڪمپني جي قدر ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. سال 2020 ۾ ٽيسلا مطابق پنج لک گاڏيون تيار ڪري گراهڪن تائين پهچايون ويون.



هن ٽوئيٽر تي پنهنجي امير ترين شخص بنجڻ جي خبر تي پنهنجي مخصوص انداز ۾ ردعمل ڏنوءِ چيو "ڪيتري حيرت ۾ وجهڻ جهڙي ڳالهہ آهي" پوءِ هن جملي جي هيٺان لکيو "خير ، واپس ڪم تي لڳي وڃون ٿا".

ايلون مسڪ 2018 ۾ ٽوئيٽر تي لکيو هو تہ هن جي اڌ دولت دنيا جا مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ آهي ۽ اڌ جو مقصد مريخ سياري تي هڪ اهڙو شهر اڏڻ آهي، جنهن تي زندگي جو متبادل ڳولي سگهجي. هن مطابق هي شهر انڪري هوندو تہ جيئن ٽئين عالمي جنگ يا ڪنهن شهاب ثاقب سياري جي ڪري تباهہ ٿيڻ سبب دنيا جي آبادي کي مرڻ کان بچائڻ لاءِ دنيا جي سموري جيوت کي ان شهر ۾ محفوظ رکي سگهجي. ان خواب کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ جهاز جي ضرورت آهي جيڪو ڪم ڪري سگهي. اسٽار شپ هڪ راڪيٽ ۽ خلائي جهاز جو مجموعو آهي جيڪو هڪ وقت ۾ سئو کان وڌيڪ ماڻهن کي مريخ ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿو.

راڪيٽ جي سسٽم کي مڪمل طور تي ٻيهر استعمال ڪرڻ جي قابل بنائڻ لاءِ ان کي ٻيهر ڊيزائن ڪيو ويو آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ ان جا مکيہ جزا سمنڊ ۾ يا خلا ۾ ضايع نہ ڪيا ويندا، جيئن اهي ٻيهر لانچ ڪرڻ جي قابل رهن. اهي اسپيس ري سائيڪل آهن، يعني انهن جي مرمت ۽ استعمال کانپوءِ ٻيهر استعمال ڪري سگهجن ٿا. ان سان پروجيڪٽ جي خرچن کي گهٽائي سگهجي ٿو. ايلون مسڪ جي خلائي سفر ۽ اتي شهر اڏڻ واري خيال بابت آمريڪي صدر جو بائيڊن گهڻو چڙيل آهي، ان جو چوڻ آهي تہ ايلون خواهہ مخواهہ دولت ضايع ڪري رهيو آهي. هن کي ان رقم مان آمريڪا جي ترقي کي وڌائڻ گهرجي. پر ايلون مسڪ ان سان اتفاق نٿو ڪري. هي الڳ ڳالهہ آهي تہ ايلون مسڪ ڊيموڪريٽس جو حامي آهي ۽ انهن کي وڏا وڏا چندا بہ ڏيندو رهيو آهي ۽ آمريڪي ڪانگريس ۾ ڊيموڪريٽس جي اڪثريت جي صورت ۾ هو پارليامينٽ جو ميمبر تہ ٿي سگهي ٿو پر هن جو ڪاروبار بہ گهڻو وڏي ويجهي سگهي ٿو.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاھ ۾ توانائيءَ جو وفاقي وزير خرم دستگير
سنڌ ۾ توانائيءَ جي مسئلن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪري رهيا آهن.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاھ وزير اعليٰ هائوس ۾
پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ بابت پاليسي بورڊ جي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪري رهيو آهي.

Monthly **PAIGHAM** Karachi

NOVEMBER 2022



# سنڌ جي آبپاشي سرشتي جي تاريخ

(خاص ليک اندر پڙهندا)

قديم دور ۾ سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن سان اٽڪل 1520 ميلن جي ايراضي تي گهاٽن ٻيلن جي ڪري ماڻهو سنڌ جي ميداني علائقن ۾ آباد ٿيڻ کان ڊڄندو هو پر ضرورت هن کي مجبور ڪيو ۽ هُو آمري وٽ جبل جي ڪڇ ۾ 3750 ق.م ۾ اچي آباد ٿيو. هن ٻيلا وڍڻ شروع ڪيا ۽ جڏهن آڪٽوبر مهيني ۾ درياءَ لهي ويندو هو ته ريجيل سيلابي زمين تي ربيع جا فصل پوکڻ لڳو، جنهن جي في ايڪڙ پيداوار چشمن ۽ گبر بندن تي ڪيل پوک کان ٻه وڌيڪ هئي، ڇو ته سنڌو پاران آندل لٽ وڌيڪ طاقتور ۽ سنڌ جي اولاهين ڪوهستان جي پيٽ ۾ گهٽ فاسفورس وارو هو. جيتوڻيڪ اهو ڪو رٿيل ۽ سوچيل سمجهيل يا هترادو آبپاشي جو سرشتو نه هو، ڇو ته سڄي سنڌوءَ جو سيلابي علائقو ڊورن، ڍورين، ڍنڍن ۽ تراين سان ڀريو پيو هو. سال 3500 ق.م کان پوءِ جڏهن سنڌوءَ ۾ ان جي ڇاڙن پنهنجا رخ مٽايا ته ماڻهن اهو سکي ورتو ته ڪيئن هترادو طرح ڪٽ ڏئي انهن ڦٽل واهڙن وسيلي پاڻي درياءَ ڏانهن نيڪال ڪري سگهجي ٿو. اهڙي طرح اهو پاڻيءَ جي نيڪال جو رٿيل ۽ رواجي سرشتو ٿي پيو، جنهن سان هيٺانهين واريون ٻنيون فصلن لاءِ مهيا ٿي پيون.